# Sindhi Kahani , Natak And Tanqeed

## A.J. Uttam

# سنڌي ڪهاڻي، ناٽڪ ۽ تنقيد

E d : 28

1983 - Feb

ليکڪ: اي. جي. اتم

Asha Chand
12 B/2 Jethi Behan Society, Mahim
Mumbai - 400016
9769313331 | 9821473200.
www.AJUttam.com
Info@SindhiSangat.com

# سنڌي ڪهاڻي، ناٽڪ ۽ تنقيد

( ٻيون ڇاپو )


## ليکڪ: اي. جي. اتم



قيمت سادو جلد ڏهه رپيا

ڪپڙي جو جلد پندرهن رپيا

پهريون ڇاپو (آگسٽ ۸۱) ڪلپنا ڪتاب گهر، سنڌو نگر-۳

ٻيون ڇاپو (فيبروري ۸۳) نئين دنيا پبليڪيشن

پتو: بي-۹، فلورينا، سيتلاديوي روڊ،

ماهم، بمبئي-۱۶-۴۰۰۰۱۶ (فون

# فهرست


| | |
|---|---|
| ١- ليکڪ جو نوٽ | ٦ |
| ٢- ٻئين ايڊيشن جو نوٽ | ٧ |
| ٣- هڪ اڻوسرندڙ وشو ڪهاڻي | ١٣ |
| ٤- سنڌي ناٽڪ جا هڪ سؤ سال | ٢٨ |
| ٥- سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي زندگي | ٤٦ |
| ٦- سنڌي تنقيد جو جائزو | ٧٩ |



Publisher : Naeen Duniya Publication, B-9, Florina, Sitladevi Road, Mahim, Bombay-16.
Printer : Vashdev G. Wadhwani (Proprietor) 'Sundri Printiug Press', Chembur Colony, Bombay-74.

# آرپڻ

لعلچند امرڏنومل جڳتياڻي
جيٺمل پرسرام گلراجاڻي
ڀيرومل مهرچند آڏواڻي

کي

# ليکڪ جو نوٽ

منهنجن مضمونن جي هن اٺين ڪتاب جي ڇپجڻ
چـــاهيندڙ پاٺڪن اڳيان پيش ڪندي، سچائيءَ سان سرهائي
ٿئي ٿي. ڪتاب جي ڇپرائڻ ڇاپي جو ڏيڍ سال اندر،
خلاص ٿي وڃڻ جو سبب شايد اهو به هجي ته پڙهندڙن
پهرئين ڪتاب ۾ سنڌي ساهت جي ٽن مکيه
شاخن - "ڪهاڻي، ناٽڪ ۽ تنقيد" جو ورهاڱي کان اڳ،
۽ پوءِ (۱۹۸۰-۸۱ تائين) جي سلسليوار ترقيءَ جو مختصر
اڀياس (تاريخ) ۽ آلوچنا (پرک) مکيه ساهتڪ لاڙن ۽
ڌارائن جي جهلڪ سان گڏ، ڏنل آهي ۽ اديبن، عالمن
۽ اڀياسي پاٺڪن (پروفيسرن، شاگردن وغيره) جـــي
گهرج پٽاندر به آهي.

ڪتاب جو پهريون ڇاپو منهنجي اديب - دوست
موهن ڪلپنا ڇاپيو ته ڪجهه اجورو به ڏنائين. اهو پڻ
ڪنهن پبلشر طرفان ڇاپيل منهنجو پهريون ڪتاب آهي.
دوست ڪلپنا، پبلشر طور پنهنجو پـــاڙ، مون پاسي،
ڪتاب اڳيان جيڪو وقت ڇاپيو هو، تنهن ۾ هن موڪلي
ڳالهائڻ سان گڏ، سنڌيت جـــي اهڃاڻ ٿي به ڪجهه
نظرثاني ڪئي آهي. ان وقت، ڪلپنا کي منهنجن ڪن
رقمن جي ناراضپي جو نشانو بڻيو آهي، پر هو پنهنجي
راه تي مستحڪم رهيو آهي. انڪري اهـــو وقت هن
ڇاپي ۾ قائم رکيو اٿم، جنهن لاءِ پاٺڪن جي پرک جي
به پروڙ پوندم.

- اي. جي. اُتم

# اي. جي. اُتم

اي. جي. اُتم، وهنوار، رچنا ۽ آلوچنا ۾ هڪ من وارو، انهيءَ هڪ نظريي جو حامي، جو سندس حق ۾ مارڪسواد آهي، اُهي ابتدائي سال کان جڏهن پوري انسان ذات، ٻي عالمگير جنگ وقت وجود جي صليب تي ٽنگي، ته هن سوچڻ شروع ڪيو: جنگ ڇو ٿي لڳي، ڪير اهي ڪن ٿا. ڪير سامراجوادي، جنگوادي، ٽولاشاهي، فسطائي، آمريت پسند، رنگ، جات، جنس ڀيدي آهن ۽ ڪير امن، انصاف، ترقي ۽ برابريءَ جا حامي آهن. جدلياتي ماديت جا ڪهڙا اصول آهن، جي مختلف نظامن ۾ صفتي انداز ۾ تبديليون آڻين ٿا، ۽ هن اشتراڪي نظريو اپنايو، جنهن تي هو گذريل چاليهن سالن کان، جبرالٽر جي چٽان جيان اڏول ۽ ثابت قدم رهيو آهي. سنڌ ديس، سنڌي زبان جو شيدائي، سنڌي تهذيب سان ناهم مڱل، هو هڪ ڪهاڻيڪار اديب ۽ ترقي پسند نظريي جو لازوال عروضي نقاد آهي.

سترهن ارڙهن سالن جي ننڍڙي جوانيءَ ۾ ڪالج

جا حافظ، شبلي ۽ ٽئگور جهڙن ڪوين، هوائسن ۾
لهرائيندڙ آنچل ۽ ڪلهل ڪيسو، ماهجبين جهڙن بااحجاب
نظرون يا گستاخ مسڪراهٽون ڪيس پنهنجي گرفت ۾
آڻي ۾ اسقل، جو الم، داس ڪئپيٽل ۽ ڪميونسٽ
مئنيفيسٽو پڙهڻ ماڻهن عوام جي ڀلائي لاءِ وڃڻ- ٻئي ۽
هندستان جي آزادي لهراڪ ۾ سرگرم ۽ ان عمر کان
ترقي پسند جماعت بندي ۾ مستقل انگريزي جي پس
منظر ۾، الم جا هيلٽائين پنهنجي قوم کي ڏال، مشغولين
سان ڳتيل چاليهه سال ڪيس سندي اديبن جي پنهنجي
الڳ لئيڙي ۾ دليا ۾ هڪ پرش جو درجو ڏنل ٿا.

الم، ڏسڻ ۾ هڪ شخص آهي، مگر هو پنهنجي
وسيع سرگرمين مان ماڻهن جو مجموعو لڳندو آهي:
الم هڪ پولين آهي، جنهن هڪ ئي وقت گهڻا محاذ
سنڀاليا آهن. هڪ ئي وقت اخبارن جون سمپادڪيون
يعني ڪيسي مان پئسا ڪڍڻ ۽ روزاني زندگي جي ڪن
خواهشن ٿان همت ڪٽڻ، پنو وٺڻ، پروف ڏسڻ، ليکڪن
سان وهڻ ۽ رچنائن کي پسند ڪرڻ، ٽپال لاءِ مضمون جا
پتا لکڻ ۽ اهي موڪلڻ، سنسٿائن جون سيڪريٽريون،
يعني اديبن کي ٻڪ محاذ ڪرڻ لاءِ انهن سان الڳ طور
ڪڏجڻ، کين پنهنجي آدرش واجهو آڻڻ، اديبي ڪلاس
جون جوابداريون، جڳهه جو بندوبست ڪرڻ، ڪاروباري
ڪاميٽيءَ جون ڪچهريون سڏائڻ ۽ اطلاع لکڻ، ڪڍڻ،

روانا ڪري، ٽانڪن ۾، آهي لڪائي، ڪرائي، ڀرڻون
ڪٽي، ڪٽائي، ٽڪڻون چوائي، وڪڻي، سالياڻ سمهڻ
لاءِ اڪيلو، هڙ ۾ هڙاڻ، گوڏ ۾ ٻتاشا ڪٽي، اُن ڏنل
شهرن ۾ خيما کوڙي، ڪم ڪندڙن کي گڏ ڪري خوانا
ڏاهي ۽ ڏي البديع خطبا پيش ڪري، سيڪڙو، وقتي
هزارن ٻالڪڻن جي رهائش، ڪاڏي پيتي، حاجتن جي
مناسب سهولتن جا اڳواٽ بندوبست ڪري ۽ باقي
ٻيو وقت ۾ پوران اپاس ۽ راس جو ڪي ڪلاڪ نند
ڪري، واقعي هڪ شخص جو نه، پوري سنستا جو ڪم
آهي، جو سنستا نه، اُن ڪيو آهي.

ايشيائي ليکڪ ڪانفرنس ۾ سندس شرڪت، دهلي
جي سجائي، اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جو
جنم، اُن سڀا جي الهاسي ٻوڪا، سنڌي ٻوليءَ جي
تسليمي، اُن سڀ جو گهڻو جس اي. جي. اُن کي
آهي. جاهي هن سان ڪلهي گڏ ڪم ڪرڻ ٻاٻائي،
مالهي، سگڻ آهوجا، راهي، پرڪاش، ليکڪ ڪومل،
خاڪسار ڪلمنا، گهڻا ساٿي، رسمي طور ڏياري جي
ٻلڻ جهان جمرامداس دولترام، نارائنداس ملڪاڻي،
لعل سنگهه اجواڻي، رام پنجواڻي، ڀوڄراج ناگراڻي ۽
صحيح معنيٰ ۾ رهبر طور منگهارام ملڪاڻي ۽ پرسرام
ضيا به رهيا آهن.

ڪم ڪندي الم لکڻ ۽ نه، ٻر ڇڙڪي لکڻ، ڪن

کي دلداري ۽ آٿت ڏيندڙ، پنهنجي هزارين پرستارن ۾
”آدرڻ ساٿيو، اچا ٻه اڳتي“، جي هڪ ست سان پرڪاعي
اُتساهه پيدا ڪندڙ، پاڻ ڪڏهن به اڪيلو نه، مايوس نه
ٿيو، ڪم لاءِ هن چوٽي نه وري. جنهن سبب هند
سنڌ جـي گهڻن اديبن لاءِ هو هڪ ڊارلنگ ۽ آئيڊيل
بڻيو جو اڃا به آهي.

اُهو، جڏهن ”ڏرم ڀڪ“ جو ”جيئي سنڌ“ پرچو مرتب
ڪيو، تڏهن سنڌي اڪابرن سان سندس سمبنڌ، تـن
بابت سندس جاڻ خواهه ڪن حلقن مان اُٿندڙ مخالفت
جو اندازو لڳائي، ڊاڪٽر ڏرم وير ڀارتي هن لاءِ لکيو:
”ڪتابن، رسالن ۽ دستخطن سان سٿيل ڪمري ۾ مون
اُن کي صاف سٿرو مگر ڪجهه اداس ڏٺو. مونکي لڳو
[هڪ ان شخص ۾] باوجود ڏکن ڏولائن ۽ ودروهه جي،
سنڌ ديش زندهه آهي.“

جڏهن هندستان ۾ ٻوليوار پرڳڻا ٿيا ته اُتـم جي
بدلي ممبئي سيڪريٽريٽ مان احمد آباد ٿـي. ته هنجو
مختصر ڪتاب ـ سنڌي الموندائي، جا الڳ طور ٻلند
پائي جي فنڪاره، هند ۾ سنڌي ادب جـي خاتون ـ
اول ۽ صحيح معنيٰ ۾ اُن جي شريڪ حـيات ۽ رفيقاهه
زندگي آهي، ۽ سپاجهڙون ڏاتُرون آشا ۽ پيما، جن کي
هن سنڌي ٻوليءَ ۾ گرئجوئيشن ڪرائي ۽ سنڌي لرس
۽ سمڪارِو سان ڪري ڇا: ان ڪتاب کي آرٽڪ طور

مضبوط رکڻ لاءِ آفيسري ماڻهن ۾ سنڌي عنصر جي قلعي جي نگهداري؟ هڪ طرف عهدو ۽ ٻئي طرف آدرش ۽ واقفڪاري! نتيجو؟ آخر نوڪري ڇڏي ڏني. ائين هو ۽ سنڌي پروفيسرن ماڻهن ۾ سڀڪجهه نه، مگر جتي ڪٿي سندس رفيق حيات کي اها ملي ٿي، اتي لوڪ جي سوال تي ڪيس / ڪين ڳالهه ڪرڻ ٿي پيو، جو ڪن اهڙن ڪيو، مگر هن / هنن نه ڪيو.

شايد ان ڪري جيئن مان سمجهان ٿو، اهو ڪارل مارڪس جي ان ويچار کي جيون ۾ اپنايو آهي ته: ”اهم ڳالهه اها نه آهي ته ماڻهوءَ وٽ ڇا آهي پر اها ته هو خود ۾ ڇا آهي.“ آدرش سان جيئڻ ۽ آدرش لاءِ جيئڻ ئي اوچو جيون آهي.

اصول پرستيءَ ۽ ارادن جو مضبوط آهي آخر به انسان آهي، ڪوئي فرشتو ڪونهي. انتهائي خلوص وارو مهذب ۽ ملنسار. هن ڪڏهن به پنهنجو حيدرآبادي پڻو نه ڏيکاريو آهي. مگر مسلسل ڪم ڪندي ۽ انتظامي طور طويل اهو ماڻهندي هو وڏيڪ سوڪيم ۽ گهرو ٿيو آهي. هو ڪاليج ڏينهن کان نظرئي ۾ بي باڪ ۽ اظهار ۾ جاوحالو رهيو آهي، ان ڪري هو سنڌو ۽ لکو ڳالهائيندڙ آهي. حسان ۽ ڳڙهن جي منصوبالي ذهنيت کان آجو، قلم خواهه زبان سان مهن تي وڃائي ڪيائڻ، انڪري ان - ڊپلوميسي ۽ گهٽ پسند ايندڙ آهي. انڪري هن

ڪيترا دوست وڇڙيا آهن. ڪي هن دوست وڇڙيا آهن يا دوستن اصول وڇڙيا آهن، يا اهي بدليا آهن يا هو مايوس يا نظرياتي طور ٿڪجي پيا آهن، يا ٻئي ساءِ مائل نظام ۾ حقيقت شناس ٿيا آهن ۽ پنهنجو وجود بچائڻ جي جدوجهد ۾ سرگردان رهيا آهن، يا تحريڪ جي ڪارج ڪان پنهنجن بردار ٿيا آهن يا سرڪاري ۽ نيم سرڪاري مفادن جي گپ ۾، سمجهوتاواد جا ٻڪ ٿيا آهن يا اڃا ڪي ثابت قدم رهيا آهن، اهي سوال جي تحريڪ جي ڪمال ۽ زوال جا تاريخي مرحلا آهن، جن تي ڪڏهن نه سوچ ضرور ٿيندو.

مون ڏٺو، اهو هڪ دور، اهو هڪ ٻيو دور هو، نوڪرين ۽ ڏاڍ، ذهنيتون ۽ مفاد ڪڇ ۾ لڪائي، سنڌي اديب هر هفتي هڪ هنڌ گڏ ٿيندا هئا. وڏا آدرش هئا هنن جا ۽ ٿن لاءِ اڻٿڪ جون وڏيون تياريون هيون. پوري دنيا جي ادبي تاريخ ۾ ان جو ٻيو مثال نه ملندو. سڀ اڳڀرا ٿي آئي ٿي، سڀ اٿو ٿي آئي ٿي. هنن هر محاذ سنڀاليو، انڪري ڪوبه محاذ مضبوط نه بڻيو. هڪ پنهنجي زمين جون محروميون ۽ ٻيو سنڌي زبان جي قومي ناڪارگيت - ٻه سوال ٽڪري هيٺ آيل سوالن کي تاريخي پس منظر ڏسڻ ٿا ۽ اسان جي

پوري وجود تي ٽڪاريون آهن. جڏهن آشاواد جي روشن مدار تي دائما پنهنجو مقام ٺاهيو آهي، اهو هندستان ۾ فقط هڪ اي. جي. اُتم آهي.

*　*　*　*

شخصي طور منهنجا اُتم سان گهاٽا ۽ گهرا اصولي مت ڀيد رهيا آهن. پر ان لاءِ مٿن جو هٺ ضروري آهي. پنهنجي دوستي جان روسو سان آهي. اُتم تي مون ڳالهايو آهي. ڪتاب تي توهان ڳالهائيندا.

جيئي سنڌ — جيئي سنڌي ٻولي

— موهن ڪلپنا

منگل ۲۵ آگسٽ ۱۹۸۱

# هڪ اڻوسرندڙ وشو ڪهاڻي

وشو (عالمي) ساهت جي هڪ اڻوسرندڙ ڪهاڻي
ايئن سوچيان ٿو ته ڄاڻڪي هڪ اهڙيءَ ڦلواڙيءَ ۾ ٽهل
محسوس ڪريان ٿو، جنهن ۾ رنگين رنگين جا گل رونق
افروز ٿيا آهن ۽ هر ڪو پنهنجي پنهنجي مهڪار سان
دل ۽ دماغ کي معطر پيو ڪري.

ڇا سنڌ ۾ ٤٣ سال اڳ پڙهيل او. هينريءَ جي "ڇاپڙيءَ جو پن" اهڙو مهڪار ڀريو گل ڪونهي؟ ان ۾ ڏيکاريل هڪ چترڪار جو آخري پن جو ڪيل چتر حياتيءَ ڏيڻ سان هڪ ٻڏندڙ انسان جو ڀرم پوري، زندگيءَ ڏو بخشيس.

او. هينريءَ جي ان اهڙي ئي لاثاني ڪهاڻي جا ان سنڌ ۾ پڙهي هئم سا هئي "سوکڙي" ("گفٽ آف ميگي") جنهن ۾ پتي پتنيءَ جو اٿاهه پيار جو چٽو چٽيل آهي. پتي پنهنجي واچ وڪڻي پنهنجي پتنيءَ لاءِ وارن جي ڪانٽن جي سوکڙي وٺي ٿو اچي ته پتني پنهنجا وار وڪڻي پتيءَ لاءِ واچ جو پٽو ٿي وٺي اچي.

او. هينريءَ جون انيڪ ڪهاڻيون پڙهيون اٿم. آهي ڏاڍيون وڻيون آهن. ڪهڙيون ڀلا ڪٿي ڪهڙيون

ڪٿان. فهرست ۾ ڇاهڻي ۽ اٺسر. سچ ۾ او. هينري منهنجو هڪ پيارو وڏو ڪهاڻيڪار آهي.

اهڙو ئي پيارو ڪهاڻي نويس چيخوف آهي، جنهن جي ڪهاڻين سان اُنهن واقفيت ٿيم، جڏهن حيدرآباد سنڌ جي نئشنل ڪاليج جي مئگزين "ڦلپاڙي" جو سمپادڪ ٿيو هوس. آن ۾ هنجي ڪهاڻي "مـــن مــوهڻي" (دي بيوٽيز) شايع ڪئي هئم. چيخوف ڏيکاريو هو ته ڪيئن نه من موهڻي صورت پنهنجي اَرد گرد جي ماڻهن جو چت چورائي ڪري ڇڏيو آهي ۽ هنجي گم ٿي وڃڻ سان هنن ٿي ڪيئن نه اداسائي ڇانئجي ٿي وڃي.

آنهن ڏينهن ۾ سنڌيءَ ۾ چيخل چيخوف جي اي هڪ بهترين ڪهاڻي "انسان جو لاڙو خرابيءَ ڏانهن" پڙهي هئم. جنهن ۾ ڏيکاريل آهي ته هڪ ساڌو جڏهن پنهنجي ساڌن کي شهر جي مزن کان واقف ڪري ٿو ته هو سڀ راتوواهه پنهنجي لوسا ڇڏي شهر ڏانهن وڃن ٿا. حقيقت ۾ مضمون سنڌي سرو صحيح نه هو جو نه آن ۾ ڪهاڻيءَ جو مطلب سمايل نه آهي. چيخوف کي نه ساڌوپڻي جي اهروڀاڳي تي چوٽ هڻڻي هئي.

حقيقت ۾ پاڪٽ، اهرو ناهڻي، ڪوڙي ڏيکاءَ کي جيترو گهڻو زوردار نموني ان لٽاڙ چيخوف ڪيو آهي، اوترو دنيا جي ٻئي ڪنهن به ڪهاڻيڪار نه ڪيو آهي ۽ آن ۾ هو اُستاد آهي. هُنس مـــذاق ۽ چهبڪ طنز ۾ ۽

سنڌس ٻـالي کي مشڪل ملندو. جيڪي خوبيون
چيخوف جي سنڌيءَ ۾ ورهاڱي بعد، ڇپيل ڪهاڻين
"ڪلا جي موري" "اپراڌي" "ڪلاڪار جو موت"
"مهمان جا ماڻهو" "ڏيکاءَ جا مارڻا" وغيره ۾ ظاهر
آهن.

چيخوف جي انهن خوبين جي جهلڪ جديد سنڌي
ڪهاڻيءَ ۾ ٻهراڻ امرلعل هنگوراڻيءَ جي "ادو عبدالرحمان"
ڪهاڻيءَ ۾ نظر آئي جا ۾ ان زماني ۾ پڙهي هئم، جيڪا
ڪهاڻي اديبن، عالمگيريت ۽ ابديت جي ڪسوٽيءَ تي
ڪسجي شاهڪار سنڌي ڪهاڻي سڏجي چڪي آهي.
ورهاڱي کان اڳ ۾ ڇپيل ڪي ٻيون وشو ساهت جون
ٻهترين ڪهاڻيون به ياد پيون اچن. ترگنيف جي "موموءَ"،
ٽالسٽاءِ جي "هرجس ياتو"، پشڪن جي "برف جو طوفان"،
گالسوردي جي "دولت يا محبت" ۽ "جواري" ۽ گارشن جي
"چار ڏينهن".

۱۹۴۲-۴۱ جي زماني ۾ ٽي گردڻو ٽئگور، منشي پريمچند
۽ شرت چندر جي رچنائن جو اڀياس ڪرڻ جو موقعو
مليم. ٽئگور جي هڪ ٻهترين ڪهاڻي "ليـاڪڙ" جا
"ڪشت ڪابليا" هلچل وقت جيل ۾، انگريزيءَ ۾ پڙهيم،
سا پڪدم ڪٽي ترجمو ڪيم ۽ آزاد ٿيڻ کانپوءِ "هندو
سماچار" ۾ ڇپائي هئم. ڪهاڻيءَ جو ناٽڪ هڪ برهمڻ
آهي، جو ذات پات جو ٻنڌڻ ٽوڙي گهٽ ذات مان

شادي نه ڪري. جنهن کي سندس پيءُ ڪنهن ٿياڳي نه. اڄ ٣٠ سالن کانپوءِ به ان ئي پاڪ ناٽڪ جا هي آخرين لفظ ڪنن ۾ پيا وڄن - ”مان پنهنجي پتيءَ کي نه ٿياڳيندس. مونکي ذات پات جي پرواه ڪانهي.“

انکانپوءِ ٽئگور جون لڳ ڀڳ سڀ ڪهاڻيون پڙهيون اٿم. ڪيترين ئي ڀيرا پڙهيون اٿم. جهڙوڪ: ڪابلي والا، ماسي، گونگي ڪنوار، بادل ۽ ڪرڻا، آخرين خط، آخرين ٻاهه وغيره.

اهڙيءَ طرح پريمچند جون به، اڪثر ڪري سڀ ڪهاڻيون پڙهيون اٿم ۽ ڪيترين ئي ڀيرا پڙهيون اٿم. جنکي اڄ به پڙهڻ سان دل کي راحت ۽ دماغ کي طراوت ملندي آهي. انهن مان به ”ڪفن“ ۽ ”سياري جي رات“ خاص اهم آهي جو انهن ۾ پريمچند هڪ نئين ڌارا ڏني آهي. (انساني لوٽ کسوٽ جي ۽ چتر چٽڻ جي ڌارا) جنهن هندستاني ڪهاڻيءَ کي هڪ نئون موڙ ڏنو.

هن نئين ڌارا جو باني هو جڳ پرسڌ ليکڪ مئڪسم گورڪي. اُن ڌارا جو اثر اڄ سڄي دنيا جي ساهت تي ڇانيل آهي. اها ڌارا پڌائي ٿي ته انساني سماج ۾ جيڪا بي انصافي ڦهليل آهي، سا مٿين طبقي جي لوٽ کسوٽ جو نتيجو آهي، جنهن خلاف جد و جهد ڪرڻ ضروري ٿيندي. ان لاءِ هيٺين پورهيت طبقي ۾

ها سڄاڳي، اهو سومان جو انگ، ان لاءِ همدرديءَ جو
جذبو جاڳائڻ ضروري آهي. دنيا ڌرم جي بنياد
تي نه پر محبت، برابري ۽ عزت جي بنياد تي.

اهڙي اعليٰ ادب جي اپياس جو موقعو مون کي ۱۹۴۱-۴۲ جي قومي هلچل واري زماني ۾ مليو. ۽ هن جي ڏسي هڪ ڪهاڻي آهي، جيڪا وشنو ساهب جي هڪ اڻوسرندڙ ڪهاڻي آهي. انهن نه هجي ڏڄن ڪان مٿي ڪهاڻين- چوڻهه ماڻهو ۽ هڪ ڇوڪري، سرءُ جي هڪ سانجهي، لسولي، مڪر شدرا، پيلي ازرگل، چيلڪش، انسان جو جنم، ماءُ ڏوڏين ڇوڪري، هڪ ٻانڪ، ساٿو، ڪاليمن، گبن، نيلشڪا وغيره ۾ ساڳيو ئي جادو ڪم آهي مون لئي، پر انهن مان هتي هڪ ئي ذڪر ڪرڻي ٿم، جا آهي "سرءُ جي هڪ سانجهي" هيءَ ڪهاڻي سنڌيءَ ۾ چار پنج دفعا ڇپي آهي.

هيءَ ڪهاڻي آهي ننڍڙي، پر وڏي جي گهڻيري آهي- وڏي جو اسانجهي سماج جي رڳ رڳ ۾ ڀريو پيو آهي، بي انصافيءَ جو وڏو، جنهن خلاف انسان آد جڳاد کان پئي ڪندو آيو آهي ۽ ڪندو رهندو. هن ڪهاڻيءَ جي نائڪا نتاشا ان انسان جو ئي روپ آهي.

نتاشا هڪ اهڙي استري آهي جنهن کي دنيا پنهنجي دسترخوان تان ڌڪاري ڇڏيو آهي. هنکي هڪ ولنديا ٻٽاڪي رکيو ويو آهي، جنهن مرد جي ڪام-واسنا پوري

ڪري سگهي ۽ ٻچڙو ڄمڻ نه ٻالي سگهي. هوءَ هڪ
ونهيا آهي، ڪراڙ عورت آهي، ٻار سمدس اندر ۾ اوچ
آلما آهي. هوءَ ڪمهڪي ٻچڙو ٻاڻي، ٻار ۽ ٻلڙ لي
چاهي، هن سان همدردي جتائڻ لي چاهي ۽ مدد جو
همت ڏيکارڻ لي چاهي ۽ اهو سوڪڻو. ٻڌهڙي ٻ-رٽم
”پاشڪا“ لاهه ڪري ٿي. ليڪن پاشڪا انسان جي
وس ۾ حيوان آهي. هو استري کي فقط ٻڌهڙي موج
موڙي جو رانديڪو ٿو سمجهي. ۽ پاشا ڪ رانديڪو ٽٽڻ
ٽٽي چاهي. هيڪي سڀاوڪ مرد جي حيوانيت لاءِ نفرت
آهي. پر مرد ذات لاءِ بغض ڪونهي، ڌڪار ڪونهي ۽
جوش آهي، غصو آهي. جنهن ڪهاڻيءَ جو ”مان“ ڪردار
ٻڌائي ٿو. اهو ٿي ڪارڻ آهي جو آنيٽي هوءَ مردن کي
گاريون ڏئي ٿي ۽ آنيٽي جڏهن هڪ مرد کي سيءَ ۾
ڪمبندو ۽ ڪڙڪندو ڏسي ٿي ته، ٻڌهڙا سڀ ڏک
سوڙ وساري هيڪي ڪول پاڻ ٻيار ۽ همدرديءَ سان
آسائش ڏئي ٿي. نه فقط ايترو پر هيڪي همت ڏئي ٿي،
مدد جو همت ڏيکاري ٿي. پاشا جي ڪوملتا ”مان“
ڪردار جي دل مان سڀ گندگي ۽ ٻڇڙائي، ٻيوقوفي ۽
۽ اي آرامي ڏوئي لي ڇڏي.

آهڙن، انسانيت سان نفرت ڪيل، انسان کي اسانجي
سڌريل سماج اڇوت ڪري سمجهي ٿي ۽ اُنهن ٻڙهيل
ڳڙهيل طبقو رڳو ٻڌهڙي علم ۾ ۽ ڪرش ڀهم حيوانن

لهڻ ۾ ئي پورو آهي، جنهن ”مان“ ڪردار جوڙي ڏنو،
”ڇا نه فنڪار آهي مون ۾! منهنجي ته ڪهڙي نه
وچتر حالت هئي. ذرا سوچيو ته سهي! مان جيڪو ان
وقت انسان ذات جي آئينده بابت سوچڻ لڳو هوس،
هاڻوڪي سماج کي نئين نموني جوڙڻ جا سپنا پئي
لڌم، راڄنيتي اڻلن پڙهڻ جون ڪلپنائون پئي ڪيم،
علمي ڪتاب پئي پڙهيم.... تنهن کي هڪ معمولي
ونشيا پنهنجي بدن سان گرمي ڏيئي رهي هئي. هوءَ
هڪ دکي، گهايل ۽ پيڙيل ونشيا هئي، جنهنکي سماج ۾
ڪو به درجو ڪو نه هو، ڪوئي ملهه نه هوس ۽ جنهن
کي مدد ڪرڻ جو مان جيڪر ڪڏهن به خيال نه
ڪريان ها، سا ونشيا مونکي مدد ڪري رهي هئي....“

”مان“ ڪردار جيڪو سڄي سماج جو عيوضي
آهي، سو هڪ ڪريل سماج جي عيوضي جي ڀيٽ ۾
ڪيڏو نه ننڍو ٿو لڳي. هو ڪيڏو نه خود غرض، ڪيڏو
نه سهارو چاهيندڙ، ڪيڏو نه ڪمزور ۽ ڪاتر آهي.

ليڪن ونشا جو ڪردار بلڪل بي غرض، بي پرواهه،
آزاد ۽ بي باڪ آهي. هن کي زندگي مصيبت پوري
پاسي ٿي ته به ان لاءِ شڪايت نه اٿس. سوچي ٿي،
ڪنهنجي ڪرڪڻ مان ڪجهه نه ورندو. هوءَ ٻڏي چاهي
ٿي ته مري به چاهي ٿي. هوءَ بي غرضي سهڻ ٿي چاهي.
پر پنهنجا ڏک سور وساري، مدد ڪرڻ چاهي ٿي.

نتاشا جو ٻيو ڪردار وشو ڪهاڻيءَ ساهس جو هڪ اهم ڪردار آهي، جنهن کي فقط گورڪي ئي خلقي ٿي سگهيو. گورڪيءَ کان اڳ انهن ڪردارن کي برابري ۽ بلنديءَ جو اهڙو درجو ڏنو ئي نه ويو هو. گورڪيءَ جيڪو ڪنڊ ۾ پيل گلن جو حسن ڏٺو ۽ ڏيکاريو آهي، سا هن جي خاص ڏات آهي. هن هيٺين طبقي جي ڪردارن لاءِ جا همدردي پيدا ڪئي هئي سا جهوني زماني واري ديا ڌرم جي بنياد تي نه، جنهن گورڪي کان اڳ ليکڪن ۾ آيو هو، پر برابري، همت ۽ عزت جي بنياد تي. هو اهڙن ڪردارن لاءِ نفرت نٿو جاڳائي جيئن ٻين ڪن ليکڪن ڪيو آهي، مگر ان سماج خلاف نفرت ٿو جاڳائي، جنهن جا هي ڪردار شڪار آهن. جيئن هن جي انهن الط لگاهه. ڪالئس للاضا ڪري ٿي. انڪري عورت جي وڏائي ڪندي به هن اهو خيال رکيو جيئن اها مردن جي خلاف نه وڃي، جيئن هن ڪهاڻيءَ جي نائڪا نتاشا واتان به ظاهر ڪيو اٿس جو ته هو استري پرش جي برابريءَ جو قائل آهي.

هن صديءَ کي موپاسان ۽ چيخوف جي ڪهاڻين جي ساڳين ڪردارن سان پنهنجي سمجهاڻي جي ڪوشش ڪندس. موپاسان جي مشهور ڪهاڻي آهي "بال- آف- فئٽ." ان ۾ ڏيکاريل آهي ته ڪيئن هڪ ويشيا، جا هڪ جرمن آفيسر کي پنهنجي عصمت وڪڻڻ کان انڪار

ڪرڻ جي بهادري ڏيکاري ٿي، ٿڌهڪي ڪـي ٻڌهڻا
ٿي ڦرمائڻ واپاري ليمٽ الڻين ڪرڻ لاءِ مجبور ڪن ٿا ۽
مومت ۾ هو ساڻس همدرديءَ جو ورتاءُ ڪرڻ بدران اڇوت
جو ورتاءُ ڪن ٿا ۽ ”هڪ رڍي ڇيز سمجهي ٺوڪارن
ٿا.“ هوءَ شرمساريءَ وچان ”لڳاتار روئندي رهي ٿي.“
ساڳيءَ ريت موپاسان جي ٻين ڪن ڪهاڻين ۾ به وئشيا
لاءِ نفرت ڏيکاريل آهي. البت ڪن ڪهاڻين ۾ وئشيا
لاءِ همدردي به ضرور ڏيکاريل آهي ٻـر ديـــا وچان.
سراسريءَ طور سندس رخ عورتن جي باري ۾ سٺو نظر
نٿو اچي. ڪيترن ئي ڪهاڻين مان هڪ ٻي وفا عورت
جو ڪردار اڀرندو نظر اچي ٿو. هڪ اهم ڪهاڻيءَ ”دي
آرڊلري“ ۾ هڪ عورت والان ئي ڇوائي ٿو. ”جڏهن
هڪ استري ڪري ٿي تڏهن هوءَ سدائين هيمت ڪندي
ٿي وڃي.“ ۽ ان عورت ڪــي هو اهڙو ڪريل لـــي
ڏيکاري ٿو.

انهي اهڙ گورڪيءَ جو رخ اهو آهي جو هو ڪريل
استري ٿوڙي ٻرش کي اوچي ڳامت ڪڙو ڪرڻ چاهي ٿو.
هو انسان کي ”نڌر ڪندڙ انسان“ جـي خطاب سان
نوازي ٿو.

اهڙيءَ طرح چيخوف جي هڪ مشهور آڪاڻي آهي
”انڪٽريس“ جنهن ۾ ٻڌ وئشيا لاءِ حقارت ڏيکاريل آهي
۽ کيس ”راهڻا مصع“ ”ناحص“ ”هڪريل“ وغيره لفظن سان

نوازيو ويو آهي. حقيقت ۾ چيخوف جو رخ موپاسان جي رخ کان گهڻو بلند آهي ته ۽ اهو گورڪيءَ جي رخ جهڙو برابري ۽ ڀائيچاري وارو ڪونهي. هن جا ڪي استري ڪردار جهڙوڪ گولڪيون گاليون آهن. مثال طور "ڊارلنگ" ڪهاڻيءَ جي نائڪا، جيڪا هڪ ڳل تي ٿڦڙ کائڻ کانپوءِ ٻيو ڳل ڪري اڳيان جهلڻ جي قائل آهي. گورڪيءَ اهڙيءَ ڏارا کي ڏک هيٺ گونگن انسانن کي زبان عطا ڪئي.

موپاسان ۽ چيخوف جي پيٽ ۾ او. هينريءَ جو استريءَ جي باري ۾ رخ گورڪيءَ جي رخ جي ويجهو آهي. اهو وڌيڪ همدرداڻو ۽ ڀائيچاري ۽ برابريءَ وارو آهي. جيئن سندس ڪهاڻين "لڪ پيئي اوَر" "سروس آف لوو" "گفٽ آف مئگي" وغيره مان ظاهر آهي.

ائين آهي ته پنهنجي زندگيءَ جي پڇاڙيءَ ۾ موپاسان ۽ چيخوف جو استريءَ جي باري ۾ رخ ۾ ڪجهه ڦيرو نظر اچي ٿو. چيخوف جي آخرين ڪهاڻي آهي "ڪنوار" جنهن جي بهادر نائڪا آهي ناديا. هوءَ پنهنجي مڱڻي (جو سندس مرضيءَ سان نه ٿيل آهي،) جي پرواهه نه ڪري گهر ڇڏي وڃي ٿي. "هوءَ پنهنجي زندگيءَ ۾ انقلاب محسوس ڪري ٿي" ۽ حياتيءَ جي بهتريءَ لاءِ ڪجهه ڪرڻ چاهي ٿي.

هيءَ آکاڻي ١٩٠٣ ۾ لکيل آهي، جڏهن رشيا ۾

انقلابي حالتون هيون. اُن وقت گورڪيءَ جي ٻي ٻاڪ
ڪردارن ڏوم مهاڻي چڙي هئي. جنهن جو ذڪر
چيخوف جي پنهنجي ڀڃڪڙن "يادگيرن" ۾ ٿيل ڪيو
آهي ته چيخوف ۽ هوءَ گورڪيءَ جون ليون ڪهاڻيون
ڪلاڪن جا ڪلاڪ ٻيا پڙهندا هئا وغيره.

گورڪيءَ "سرءُ جي هڪ سانجهي" ڪهاڻي ۱۸۹۴
۾ لکي، جيڪا ڪيترن انٽر راشٽري (عالمي) ڪهاڻين
جي مجموعن ۾ بار بار ڇپي آهي ۽ بهترين ليکي وڃي
آهي. جڏهن ۱۸۹۸ ۾ گورڪيءَ جو پهريون مجموعو،
(جنهن ۾ مٿين ڪهاڻي به هئي) ڇپيو، تڏهن اُن لاءِ
چيخوف لکيو هوس، "لکڻيون سڀ رچنائون
سنگيت مثل آهن.

گورڪيءَ جي هيءَ ڪهاڻي به سنگيت مثل آهي.
قدرت جو بيان نهايت شاعراڻي ٻوليءَ ۾ ڪيو اٿس. ۽
انڪي اهڙا چار بقشي اٿس جو اها انساني جيوت جو
انگ پڙهجي ٿي آهي. ڏسو ڇا ٿو لکي:

"لهرن جي ڏڦام ڏڦام سان جڏهن بارش جو آواز
رلي ملي ٿي ڏانهن ٿي وڃو، تڏهن الهن ٿي
محسوس ٿيو، جڻ ته ڏرلي ٻاڇ وڃ اونچل اونهاري
بدران ٿڌي ملول ۽ گهڻل سرءَ ڪئي ڏسي، لڪ ۽
مالدڪالي وچان شوڪارو ٿئي ٿيو، جنهنجو اثر نظر
ٿي نٿي آيو. اُن لي هوا وري ٻڙ ٻڙ ڪندي لڏيءَ ۽

۽ سچي ڪاري مٽان ٽمندي ٻمندي الائجي ڪهڙا دل
جهوريندڙ گيت ٻڌي جهونگاري رهيا." اهڙا دلڪش ٻيا به
نڪر آهن.

سچ ته قدرت جي ان عاليشان تصوير ڪهي واري
پس منظر ۾ ان انسان جي معصوم جذبات جو اظهار دل
اندر ٻڌهي درد جو دولهون ٿو ڏکائي- "زندگي به ڇا ته
مصيبت آهي....ڪاش ڪنهي ڪرڪي سکهي...."

ٻنهي ڪردارن جـــي محبت کي گورڪي لطافت
نزاڪت ۽ نفيساتيءَ ۽ معصوميت سان هڪ طرف پيش
ڪيو آهي ته معنوي پهلو ٻئي طرف ڏيکاريو آهي. "مان"
ڪردار واڪان چوائي ٿو، "هـــوءَ مونکي چنڊ لڳي...
آئيڪ بار... پنا ڪنهن غرض جي.... منهنجي زندگيءَ ۾
ڪنهن گهر وٽان مليل هي ٻهراون مٺيون هيون ۽ آهي
سڀئي ڪان سٺيون هيون چو ته ان ڪان پوءِ جون مٺيون
مونکي هميشه مهانگيون پيون آهن ۽ انهن مان هڙ ٻلڪ
ٻ ڪي نه پيو آئم."

پيو ڪو ليکڪ جيڪر آن پيان ۾ جنسيات (ڪام)
ابهارڻ جي ڪوشش ڪري ها، جئين اڄڪلهه، جيا ڪي
جديد نوان ليکڪ ڪندا آهن.

گورڪي هن ڪهاڻيءَ ۾ مدو وڪهاڻ جهلڪ پڻ ڏني
آهي. هن ڏيکاريو آهي ته ڪيئن نه اڪيلو انسان جو من
پاپ ٻڌي، ٻئي مرادا جا واڪار وساري ٿو وهي جئن

"ماڻ" ڪردار چوي ٿو. "ماڻ" ڪردار جيڪو سڌريل
سماج جو انگ آهي انهي مان به ڪيڏي نه جهجهڪ
آهي. پنهنجي من جي روڌن کي روڪڻ لاءِ ڪالهه کي
قرباني اي ٿو ڪري. ٿڏ به ٿڙڪي پئو پر پاهرانون پٺو
رکندو ٿو اچي. ليڪن جڏهن هوءَ ڪيس اي باکيءَ سان
مدد جو هٿ ڊگهيري ٿي ته هنجي آنسن جي سيلاب
جو بند ٽٽي پوي ٿو. جنهن ۾ سندس دل جو گند ۽
غبار ڌوپي ٿو وڃي.

ٻئي طرف گورڪي استريءَ جي مدو وڳان ۾ نه
پر پٺو ٿو ڏسجي. استريءَ جو ڪنهن هڪ پرش کي
پنهنجو ڪري ۽ پيار ڪرڻ جي تمنا عالم آشڪار آهي.
انڪري جڏهن لٽاشا جو پراڻي پٽن استرن سان سندس
سامهون محبت جا ڪيل ٿو ڪيلي لڏهن لٽاشا جو من
پاهه جو ٽڪرو پٽجي ٿو پوي. ليڪن ساڳئي وقت
استريءَ جي دل جيڪا همدردي ۽ نرماڻيءَ سان ڀـ
ڀرپور آهي سا ڪٺن نه سهجي مرد هٿان ٿيل
بي عزتيءَ کي وساري نه ٿي سگهي. "ڪاش! هن کي
گراوٽ جو احساس نه ستائي ها ته اُن مان ڪيس اڄائي
پيڙا ٿيندي.... اُن پيڙا مان زندگيءَ جي ڪا اُتي نه
نه نڪتي آهي." مان ڪردار جا هي لفظ ان مدو
وکيالڪ جهلڪ جي چوڻي آهن.

ان مان صاف ظاهر آهي ته گورڪي هن ڪهاڻيءَ

۽ انهي خارجي ۽ داخلي پهلوئن جو چٽو چٽيل آهي
جيڪو دل کي راحت ڏئي ٿو ۽ دماغ کي طراوت
ڏئي ٿو، جا ته هڪ ڪامياب ڪهاڻيءَ جي
ڪسوٽي آهي.

گورڪيءَ ڪهاڻيءَ جي وچ ۾ طنزيه ۽ فيلسوفاڻا
نقطا به ڏنا آهن، جيڪي اهڙيءَ ته سچائيءَ سان ٽمٽار
آهن، جو حوالن طور ڪم آڻڻ کان سواءِ رهي نه سگهبو.
مثلاً:

اڄڪلهه جي سڌريل سماج ۾ ماڻهن جي بک لئي
جي بک کان سواءِ مٽائي نٿي سگهجي."

بکايل جو من ڍاول جي من کان سدائين وڌيڪ
قوت وارو ۽ صحتمند آهي."

"ڪڏهن گهر وارن سان، جو هڪ گفتو اهڙو ته
پيارو لڳندو آهي، جهڙو ساري جهان جي سهڻي قديم
۽ جديد فصيح زبان جي ساراهه جو داستان به
نه لڳي."

گورڪيءَ جي ڪهاڻيءَ جي عبارت سليس لڳندي
آهي، جيڪا هنڌ پهچندي اهڙي عبارت آهي جهڙي
۾ وڌ وڌ ته هوندو آهي، سڌي سنئين ڳالهه هوندي
آهي، جيڪا هنڌ ڪنهن هيٺين طبقي جي ڪردارن
۽ مسئلن ۽ خيالن سان لهڪندڙ هوندي آهي جنهن جو
ڪهاڻيءَ مان به ظاهر آهي. اڄ ڪلهه ڪهاڻيءَ جي

عبارت - ٻولي ۾ گهڻو اضافو ٿيو آهي، پر الڪري ههڙي عبارت مدي خارج ڪالهه ٿي آهي. ٻاڪ گورڪيءَ جي موضوع لاءِ موزون آهي. اهو بناوت ۽ روپ جو مدر ميلاپ آهي، جنهن ڪري هن ڪهاڻيءَ جو جادوءَ جهڙو اثر ٿئي ٿو ۽ تماشا جو ڪردار وسري نه ٿو وسري.

# سنڌي ناٽڪ جا ھڪ سؤ سال

## سنڌي ۽ ٻين ٻولين ۾ ناٽڪ

١٩٨٠ ۾ سنڌي ناٽڪ جي صدي (شتابدي) ھند سنڌ ۾ سنڌين ڀاريءَ اُمنگ ۽ اُتساھ سان ملھائي. ڪي ناٽڪي جشن ۽ جلسا ٿيا ته ڪي سيمينار- اُتسو ٿيا ته ڪي ناٽڪ جي اِتهاس ۽ اُنتي بابت ليک به ڇپيا. سنڌ ۾ ٿي ناٽڪ جي صحيح ۽ تفصيلوار تاريخ لکڻ لاءِ وسيع وجھ آھن، پر اھڙي ڪا تاريخ اڃا نه لکي سگھي آھي. البت ناٽڪ صديءَ جي موقعي تي ھڪ سووينئر ڇپيو آھي جنھن ۾ ورھاڱي کان اڳ واري ناٽڪ بابت سرڳواسي پروفيسر منگھارام ملڪاڻيءَ جي "سنڌي نثر جي تاريخ" مان ئي تمام گھڻو مواد کنيو ويو آھي ۽ ورھاڱي بعد جي سنڌ ۾ ڇپيل ۽ اسٽيج، ريڊيو يا ٽي. وي. تان پيش ٿيل ناٽڪن جو به مڪمل احوال (پر مختصر ئي سهي) ڏنو ويو آھي. مثلا ان سووينئر ۾ ١٨٨٠ کان ١٩٨٠ تائين ڇپيل وڏن ۽ ننڍن ناٽڪن جي فهرست ڏني وئي آھي، پر اُن مان به سنڌ ۾ ڇپيل ڪافي ناٽڪ عدم پيدا آھن. الاجي ڇو اُن ۾ اديون، روح رهاڻ، مارو ئي، انسان، سچ دا ھست،

سٽيج وغيره، مخزن ۾ ڇپيل ناٽڪ نه ڏنا ويا آهن.
جڏهن سنڌ ۾ ان ڀڃڪڙي ساهت لاءِ ٻوليون حقيقتون
ڪنهن انسان کري سکهجن نه ٻوه هتي اهو ڪم
ڪرڻ جو حوالو جنهن سان مٿو نڪرائڻ آهي.

سنڌي ناٽڪ جي اتهاس جي اڀياس لاءِ اهين ٻارڻي
ٻولين لئي نظرثاني ڪندي نظر آيو ته سنڌي لوڙي
آهن ٻولين جو ناٽڪ لکڻ ساڳئي وقت اُسريو هو ته
انجو رنگ ڍنگ، ويس وڳو، گفتار رفتار ۽ ساز سامان
۽ گهڻو ڪجهه ساڳئي معيار جو هو. مرهٽي موسيقي ناٽڪ
۽ ڀڳتي ضدي اُچا آزر ملهائي ۽ هندي ناٽڪ جي
پاڻي پارليمينٽ ۾ ١٨٨٠ ۾ شيڪسپيئر جو پهريون ناٽڪ
الٿو ڪيو هو. تامل، تيلگو، ڪنڙ، گجراتي ٻولين ۾
پڻ ناٽڪ ١٨٨٠ کان ڪجهه سال اڳ ئي لکيو ويو هو.
اردو جي ناٽڪ جو آبو آغا حشر نه چاٿو ٿي ان زماني
يعني ١٨٧٩ ۾ هو. سنڌيءَ وانگر هندي ٻولين ۾ به
پهريان شاستر پراڻن تي ٻڌل ناٽڪ (مذهبي) پوءِ
شيڪسپيئر جا ۽ پوءِ حقيقت نگاريءَ جا ناٽڪ لکيا ۽
پيش ڪيا ويا. انهن ۾ به شروعات ۾ اسٽيڪن ۾ زالن
جي ڪردار هوندي هئي ۽ زالا ڪارڪن به مرد ڪندا هئا.
ناٽڪ جا ٿيئٽر به ڪن ٻولين ۾ سنڌيءَ واري سال ۾
نڪتا هئا. مثلا روشيا ۾ مشهور ناٽڪ اداڪار ۽
هدايتڪار اسٽينسلاوسڪي پنهنجو ٿيئٽر ماسڪو آرٽ

ٿيٽر ۱۸۹۸ع ۾ کوليو جتي پهريان پهريان چيخوف ۽ ميڪسم گورڪيءَ جا ناٽڪ پيش ڪيا ويا هئا. سنڌ ۾ پهريان ناٽڪ منڊلي ڊي. جي. سنڌ ڪاليج (ڪراچي) ۾ ۱۸۹۴ع ۾ برپا ٿي هئي.

ناٽڪ صدي جي موقعي تي سنڌ اوڀر ۾ هند پهرئين سنڌي ناٽڪ مرزا قليچ بيگ جي ”ليلا مجنون“ تي واد وواد ٿيو آهي ته ان کان اڳ پهريون ناٽڪ ”هير رانجهو“ هو جو شاعر امام بخش خادم جو ۱۸۷۹ع ۾ لکيل هو، پر جڏهن بقول لطف الله بدوي اهو ”شايع ٿي نه سگهيو“ هو ته پوءِ مرزا جي شايع ٿيل ”ليلا مجنون“ کان ڪير اڳ ليکبو؟ ان هوندي به سنڌي ناٽڪ جو ابو ته مرزا قليچ کي سڏبو جنهن کي هڪ ٻئي پٺيان ۳۰ کن ننڍا وڏا ناٽڪ لکي انهيءَ پيڙهه پختي ڪئي.

گذريل ۱۰۰ ۾ سنڌي ناٽڪ ۽ اسٽيج سٺي پٺي زبردست ترقي ڪئي آهي. ان ترقيءَ ۾ ناٽڪ لکندڙن، ناٽڪ ڪندڙن، سنڌي سماڄن، مخزن ۽ اخبارن ۽ ريڊيو وڏو ڀاڱو ادا ڪيو آهي. آزاديءَ کان اڳ سنڌي ناٽڪ ۽ اسٽيج ڏاڍي جوانيءَ تي وڃي رسيا هئا. ليڪن ورهاڱي جي اوچتي آفت سنڌي ناٽڪ کي اصل اکوسار ڪري ڇڏيو. ٿورو ساهي پٽي سنڌي ناٽڪ ۽ اسٽيج اڳئون جهڙو ورلو ۽ هيٺ تڪڙو تڪڙو ترقي ڪري ورهاڱي کان اڳ واري حالت کان به اڳتي وک وڌائي ورتي آهي.

## سنڌي ناٽڪ جو ابو

سنڌي ناٽڪ جي عمارت جو اڏيندڙ "مرزا قليچ بيگ" هڪ سو سال اڳ-ي وڏو ناٽڪ "ليلى مجنو" لکيو، جيڪو سڄو شعرن ۽ راڳن ۾ هو، جيئن ان زماني ۾ رواج به هو. هن ڏهن ٻين کان وڌ ناٽڪ ۽ ٻين کان اڪيلا ناٽڪ (ايڪانڪي) لکيا. انهن مان اڌ کن وڏا ناٽڪ ته شيڪسپيئر جا ترجما هئا ۽ باقي اردو، گجراتي ۽ ڪاليداس جي "شڪنتلا" جو اُلٿو هئا. هن ڪن ناٽڪن ۾ ڪجهه قدر گهڻو ڪري هندو مسلم ايڪتا جو مقصد رکيو هو ۽ جيڪو اڄ به ڏاڍو اهميت وارو آهي. اهڙي هڪ ناٽڪ "موهني بائي" جو ئي سنڌي جيوت ۾ اٿو ڪيل هو، جي ٻهاڙي ايڪتا جي ڪيت سان ڪٿي انس، جهڙجهون ڪجهه ٽڪون آهن: "ٻڌون ٿا شنک ۾ ڪڍهن، اسين آواز شنڪر جو - ڪڍهن اٿو ڪدن ٿي ٿو ٻوي الله اڪبر جو - وساريو ذات جو سبب فرق، تعصب جا ته مازم نهو - انسان وانگر ملي پيو ڪڏجي هڪ هندو مسلم نهو." باقي انهن ناٽڪن ۾ سنڌي جيوت نه هئي. البت اُلٿو ڪيل ناٽڪن سنڌي ٻوليءَ کي مالا مال ڪيو ۽ عوام ۾ مقبول بڻايو ته ان ۾ ڪم آندل سنڌي راڳن، سرن، بيتن، ڪافين، ڏوهيڙن کي به اوچ ڏاي.

مرزا جا هي ناٽڪن ..جـــا ڪتاب ۽ ٻيا ٣٠٠ کن

ڇپيل ڪتاب ۾ ١٥٠ کن اڳ ڇپيل دستخط ڏسڻ جو شرف
مولڪي ۾ مليو، جڏهن ١٩٦٣ ۾ شاهه لطيف جي ورسي
لاءِ مليل دعوت تي سنڌ جي سفر وقت مرزا صاحب
جي فرزند مولڪي ۾ سنڌريءَ کي حيدرآباد ۾ پنهنجي
گهر ۾ چانهه پارٽيءَ تي گهرايو هو ۽ ليکڪن جي گڏجاڻي
۾ رکي هئي، اُن ۾ هن جي ١٨٨٧ ۾ ڇپيل ٻئي نمبر
ناٽڪ "خورشيد" جو ڏهون ڇاپو ڏنم.

سنڌي ناٽڪ جو پهريون دور جيڪو ١٨٨٠ کان
ويهين صديءَ جي شروع تائين ٢٥،٢٠ سال هليو، تنهن
۾ اڪثر ناٽڪ ڌرمي، مذهبي ۽ اتهاسڪ جيون سان
واسطو رکندڙ هئا. اُن دور ۾ مرزا قليچ بيگ سان
ڪوڙومل وارو ناٽڪ نويس هو ديوان ليلارام وطنمل،
جنهن اڌ ڊزن ڌرمي وارتائن ۽ ٻه وڏا وهاڻا ۽ ڌرم
بدلائڻ جي مسئلن تي وڏا اصلوڪا ناٽڪ (موهن-
تارڪا - ١٨٩٦ ۾ ۽ سورجن راڻا - ١٨٩٧ ۾) لکيا هئا.
اُن لحاظ کان ليلارام ئي سنڌي اصلوڪا ناٽڪ لکڻ وارن
پهريون ناٽڪ نويس ليکبو. ڪجهه وقت پوءِ شاعر بيوس
ٻه ڌرمي وارتائن تي ٥-٦ ناٽڪ لکيا. اُنهن کان سواءِ
هڪ ٻه ڌرمي يا اتهاسڪ وڏو ناٽڪ ٻين ٻه ٽن ٻين
ليکڪن لکيو هو.

اُن زماني جي ڪن حالتن مان معلوم ٿئي ٿو ته
ناٽڪ لاءِ ائڪٽر ۽ ڏسندڙ هٿ ڪرڻ ڪيڏو نه جالبازي

جو ڪارنامو لکيو هو، جو نه ڇپيو. ڀانگومل ڪي. ٽڪاڻي
اُن سمي ناٽڪ، راڳ ۽ ناچ لئي ديوان جوڳو نه آرڳنئس
لڳل هو. سوال آهي جو ڪو ٻار وڃي ڳالهه يا ناٽڪ
ڏسڻ وڃي. انهيءَ ذڪر ليلارام وطنمل پنهنجي ناٽڪ
”سهڻي ڪارڪا“ جي مهڙ ۾ ڪيو آهي. جنهن سنڌس ٻوٽي
هميرانند ۽ مونکي هتي پڙهيو.

## شيڪسپيئر جي ناٽڪن جو دور

ناٽڪ جي ٻئي دور کي شيڪسپيئر ناٽڪن جو دور
چوڻ ٺيڪ ٿيندو. هي دور ٢٠-٢٢ سال هليو.
شيڪسپيئر جا ناٽڪ اڳين دور جي ڪرامتي ۽ ڌرمي
واقعن جي بنسبت ۾ ڪردار نگاري وارا ناٽڪ هئا. انهن
۾ سماجڪ مسئلن ۽ قدرن جي ڪشمڪش ڏيکاريل
هئي. ٻنهي دورن جي ڊراما رومانس واري هئي،
جنهن ۾ حقيقي زندگي بدران ڪلپنا ۽ جذبات تي زور
ڏنل هو. انهن ناٽڪن جون اڪثر ڪهاڻيون ديوتائن،
راجائن، پرين، شهزادن ۽ اوتارن بابت هيون.

مرزا قليچ بيگ ڪانسواءِ شيڪسپيئر جا ناٽڪ ترجمو
ڪندڙ هئا: عثمان علي انصاري، ڄيٺمل پرسرام،
ٽيڪومل مهرچند، لالڪرام مهرچنداڻي ۽ ٽهلرام بسنت،
آهي مشڪل ٿي ڪي شيڪسپيئر جا ناٽڪ هوندا جيڪي
سنڌيءَ ۾ ترجمو نه ٿيا هوندا.

هن ٻئي دور ۾ اسٽيج انهيءَ نه ترقي ڪئي جيسو

لکيل ناٽڪن مان گهڻا پيش ڪيل هئا. نه رڳو ايترو پر ناٽڪن جون ٽڪيٽون اڳواٽ خلاص ٿي وينديون هيون ۽ هال ڀرپور هوندو هو، جيڪا حالت مڪمل طرح اڄ ڪانهي ۽ هجي نه ٿي سگهي آهي. ڪمال ته اهو آهي ته انهن ان دورن ۾ ننڍيا ناٽڪ، وڏن ناٽڪن جي پٺيان ۾، ٽرمي يا الهاسڪ جهڙن پڌران، سماجڪ ۽ قومي زندگي ۽ سرڪاري ڪالي جي تصوير پيش ڪندڙ هئا جن ۾ انوقت جي ٻرندڙ مسئلن شراب خوري، ڏيتي ليتي، ودهي شين جي واڌوئي، عملداري آزار خلاف آواز اٿاريل آهي، جيڪي گهڻا لعلچند امرڏنومل جا لکيل هئا ۽ ڪي پرومل مهرچند، لولارام ٻالاڻي وغيره جا هئا. ڪي ناٽڪ ته ٻج ٻزارن ۾ ڏيکاريا ويندا هئا.

## حقيقي ناٽڪن جو دور

اسانجي آزاديءَ جي هلچل جي سمي ۱۹۲۰-۱۹۲۲ ۾ سنڌي ناٽڪ جو نئون دور شروع ٿيو. ان ۾ سنڌي سماج ۽ زندگيءَ جي مسئلن جو چٽو پيش ڪيو ويو. انهن وڏن ناٽڪن ۾ رومانيت جي ڌارا بدران حقيقت نگاريءَ جي ڌارا پيش ڪئي وئي، جهڙو جيئر دالا هو خالصيد درياڻي. هڪ اٽڪل پٺيان ۲۰-۲۵ ناٽڪ لکيا جن مان اڌ کان گهڻا اصلوڪا هئا. اهي ڏيتي ليتي، شادي، سس نهن جي ڪٽ پٽ، زال مڙس جي سمجهه بک بيروزگاري، زميداري ظلم، ساهوڪار شاهيءَ جي

اوگهڙ، هارين مزدورن سان همدردي وغيره مسئلن بابت هئا. ٽالچند جي ڪن ناٽڪن تي هندي ۽ بنگالي فلمون بـ اسٽيجون هيون. هن پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، لعلچند امرڏنومل، جيٺمل پرسرام ۽ هيرانند آڏواڻيءَ سان گڏجي رابندرناٿ ٽئگور منڌلي ڪولي، جهونجهو ميورس سنڌ ۾ آڻي خود ٽئگور ۱۹۲۳ ۾ ڪيو هو. ٽالچند جا ڪيترا ناٽڪ ان منڊليءَ طرفان اسٽيج ڪيا ويا هئا.

هي ناٽڪي دور بہ ۲۵ سال ڪن هليو. ان ۾ ناٽڪ سان گڏ اسٽيج بہ هڪ وڏي ترقي ڪئي. جو ۱۹۳۷ ۾ پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جي وڏي ناٽڪ "آنارڪلي" ۾ پهريون دفعو هڪ ڇوڪريءَ ڪان ناٽڪا جو پارٽ ادا ڪرايو ويو، نہ تہ ان کان اڳ ڇوڪرا ئي زنانو پارٽ ڪندا هئا. اهڙو زنانو پارٽ ڪندڙن مان مکيہ هئا: پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، رام پنجواڻي، پنڌو آڏواڻي، جيٺانند ناگراڻي، جيٺمل پارواڻي، ترملداس گربخشاڻي، ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي، ٽالچند ڊرياڻي وغيره. اهو رواج ورهاڱي بعد شروعاتي سالن ۾ دهلي ۽ امبئي جي سڪولن ۾ هلندڙ هو. ان باري ۾ پروفيسر ملڪاڻي سان سنڌس دلچسپ ڪان اڳ. ناٽڪ شهابدي آسو ۾ اول سنڌس سندان وقت ڪيل ڳالهہ. اولهہ ۾ هڪ مزيدار واقعو معلوم ٿيو تہ ڪيئن هڪ ڪرسچن پادري ڪراچي

ڪاليج ۾ "نل دمينتي" ناٽڪ ان شرط تي لکڻ قبوليو
ته ان ۾ ڪا به ڇوڪري ڪانه پارٽ ڪندڙ ۽ نه هوندي.
پر جڏهن درگاداس آڏواڻيءَ کي اتفاق سان دمينتي
جو پارٽ ڪندو ڏٺائين ته اچي پڪڙيو. "ڇاڪاڻ مون سان
وساهه گهاتي ڪئي اٿو. هيءَ ته سچي ڇوڪري آهي."
پر جڏهن گرين روم ۾ ريهرسل هلي وئي درگاداس جو
ميڪ اپ لاهي ڏٺائين تڏهن اسان ڏٺس ۽ اهڙي عاليشان
اڪٽنگ لاءِ واڌايون ڏنائين.

هن نئين دور ۾ خانچند سان گڏ لعلچند امرڏنومل
لالڪرام ميرچنداڻي، پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، ليکراج
عزيز، ليلارام ماکيجاڻي، محمد اسماعيل عرساڻي، ليلارام
ڦيرواڻي، رام پنجواڻي ۽ اڏي جهانگياڻيءَ به وڏي ناٽڪ
کي اوج ڏني. شري ٺاڪرداس آسودومل سنڌي جو سپوت
سورهيه "راجا ڏاهرسين" جي ١٩٣٦ ۾ وڏو ناٽڪ لکيو،
جنهن ۾ سنڌس خلاف ڪيل پرچار کي تاريخي حقيقتن
سان رد ڪيل آهي. اهو سنڌ جي اتهاس تي شايد
پهريون وڏو ناٽڪ آهي. اهڙيءَ طرح عزيز جو "مسٽر
مجنون" مزاحي ۽ "غريبن مار" ڪميڊي، ناٽڪ هارين جي
مسئلي تي ناٽڪ ۽ محمد عرساڻيءَ جو "بدنصيب ٿري"
ناٽڪ خاص قابل ذڪر آهن.

هن دور ۾ ننڍي ناٽڪ (ايڪانڪي) کي نئون موڙ
ڏنو پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ، جنهن ڪيئي جهڙا

اِڪانڪي جو اَبو سڏجي ٿو. هن پنهنجي زماني جي سماجڪ
۽ مذهبي وگيانڪ ڪشمڪش وارا جديد اِڪانڪي ناٽڪ
لکيا، جنکي ڏاڍو پسند ڪيو ۽ پڙهاڙيءَ سان پيش ڪيائين ۽
جن مان ڪن تي ڪافي واد وواد به هليو. پروفيسر ڪان
سواءِ چيتنداس لاڳراڻي، پارس، محمد عثمان ڏيپلائي،
چيتنداس رگهومل به هن دور ۾ سٺي ناٽڪ کي اوج ڏني.
هن ٿي دور جي وڏي ۽ سٺي ناٽڪ ۾ سنڌي سماج
جو حقيقي چٽر ملي ٿو ۽ ناٽڪ ۽ اسٽيج ڏانهن جوانيءَ
لئي پهتا. هن ٿي دور ۾ ٽئگور، ٽالسٽاءِ ۽ چيخوف
وغيره جا ڪي مشهور ناٽڪ ترجمو ڪيا هئا چيتمل
پرسرام، آچاريه آسودو مل گدواڻي، ليرت بسنت وغيره.

## سنڌ ۾ اڄوڪو ناٽڪ

اُفسوس جو ديس جي ورهاڱي ناٽڪ ۽ اسٽيج کي
ختم ڪري ڇڏيو. جنهن کي وري جيئارڻ لاءِ سنڌ ۽
هند ۾ پنهنجي سر ڪوشش ٿي آهي. سنڌ ۾ پهريان ١٩٥٥
۾ سنڌي ادبي بورڊ جي ٽهڪ سان ساهت لکڻ ترقي
ڪرڻ شروع ڪئي. انهي نماهي رسالي "مهراڻ" هڪ
پڻ پنهنجان مسٽر ڏيپلائي ۽ ان جا لئيا ناٽڪ ڇپيا.
ناٽڪ جي ڏس ۾ محمد عثمان ڏيپلائي ٿي رهنمائي
ڪئي، جنهن هيڪڙي پنهنجان ١٩٥٥ع-١٩٥٧ تائين لئيا
ناٽڪ "شاهدي"، "اهومي"، "ڏڪار"، ۽ وڏا ا،
لئاڪ "ٻاڪلر" ۽ "ڪررمت" لکيا، جنهنڪي ڏاڍا

دلڪش ۽ دلچسپ آهن. هنن ناولن مان ئي ناٽڪن جو موضوع ۽ اهميت ظاهر آهي. ان وقت الي مشهور ناٽڪ نويس محمد اسماعيل عرساڻي "ڏڙن ڀاٽلاڳ" نالي پاڻ لڏين ناٽڪن جو ڪتاب ڇپايو هو. "شاهدي" لڌيو ناٽڪ ٿ. ٻمبئي ۾ (۱۹۵۷) جڏهن ڪيو ويو، تڏهن ڏاڍو ڪامياب ويو هو. ان زماني ۾ ئي سنڌ ۾ نين ناٽڪ منڊلين ۾ ناٽڪ ڏيکارڻ شروع ڪيا.

ڏيپلائي ڪان پوءِ ٻيو وڏو ناٽڪ رشيد ڀٽي "عاشق زهر پياڪ" نالي ۱۹۶۷ع ۾ ڇپايو آهي. اهو شهيد سرمد فقير بابت آهي.

هن ناٽڪ والڪر پيا چار پڌو. ناٽڪ جهڙڪي هن والڪر وڏا ناهن پر ڪارائتي آهن جهڙن آغا سليم جا "دو دو چهرا" (۱۹۷۰ع) جهڙڪي هتي دهلي ۾ سنڌو ڪلا سنگم ڪاميابي سان ڪيو آهي، "دولهه دريا خان" (۱۹۷۰ع) ۽ نيون "گل ڦلو گرنار جو" جو احمد آباد جي ڪلاڪارن ڪيو. اهڙا ئي منظوم ناٽڪ "دودي جو موت" ۽ "راءِ ڪوٽ جا ڏاڙيل" شيخ اياز ۽ ٽي ناٽڪ سراج الحق ۽ هڪ پروفيسر اياز قادري لکيو آهي. عبدالڪريم بلوچ جو سهل جي داستان "جوڳي" تي پڌل "جوڳي" ڏاڍو معياري پيو ملوڪ ناٽڪ آهي. سيد. ڪ. حيدر بخش جتوئي پاڙاون ناٽڪ لوڀس هو، جنهن هاري جدوجهد تي لکيل ڪيا چوڻا هئا، جهڙڪي هملعالين تي ڪنهن لکيا آهن. سنڌ ۾ ۱۵-۱۶ سال

أڳي ٦ ليکڪن جي رچيل ناٽڪن جو مجموعو "پاڇا ۽ پڙلاءَ" ڇپيو هو جيڪو اهڙو مجموعو پهريون هو.

تازو سنڌ ۾ ٻرڪ ليکڪ ابراهيم جويي جڳ مشهور جرمن ناٽڪ نويس برٽولٽ برخت جي "گليليو" جو ترجمو ڪري وڏي ناٽڪ کي نئين ڏس ۾ وٺي هلڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ڇو ته برخت "ايبسرڊ ۽ اينٽي ٿيٽر" جي اُبتڙ "هيومن (انسان پسند) ٿيٽر" جو باني ۽ حامي آهي. اهڙو ٻيو مشهور ترجمو آهي آغا سليم جو ميڪسم گورڪي جي شاهڪار ناٽڪ "لوئر ڊيپٿ" جو ننڍو ڪمل ترجمو، جيڪو مڪمل صورت ۾ وري ڀارت ۾ لومل "پاتال" جي نالي ڇپيو آهي.

سنڌ ۾ ننڍا ناٽڪ خاص ڪري ريڊيو ۽ ٽي-وي جا ٻين هنڌن ته لکيا آهن: ممتاز مرزا، مراد علي مرزا، منظور نقوي، علي بابا، چداشبير ناز، ابن الياس سومرو، عبدالغفور انصاري، امر جليل، ابن عالم ابڙو، نثار حسيني، اشرف بلوچ، شمير الحيدري، قمر شهباز، عبدالقادر جوڻيجو، شوڪت شورو، قاضي خادم، ماڻڪ منير، محمد يوسف ٻهڙو، الطاف سومرو، ماهتاب محبوب وغيره. ٽي. وي تان قليچ جي ناول "زينت" تي لکيل ناٽڪ به پيش ڪيو ويو آهي.

سنڌ ۾ مخزنن "مهراڻ"، "مارئي"، "روح رهاڻ" ۾ ٻارن ليکڪن جا به ننڍا ناٽڪ ڇپيا آهن.

## ڀارت ۾ ناٽڪ جي ترقي

ورهاڱي بعد ممبئي ۽ دهلي ۾ لڳ ڀڳ ساڳئي وقت جئه هند ڪاليج سنڌي سرڪل (رام پنجواڻي جي رهبري ۾) ۽ دهلي ڪاليج جي سنڌي ساهت سڀا ناٽڪ ڏيکارڻ شروع ڪيا ۽ پوءِ ساهتڪ سنستائن. ممبئي ۾ جنوري ۱۹۴۹ع ۾ پروفيسر منگهارام ملڪاڻي جي پرڌانپڻي هيٺ ترقي پسند ليکڪن "سنڌي ساهت منڊل" قائم ڪيو، جنهن هفتيوار ادبي ڪلاس سان گڏ ڪانفرنسون ڪيون ۽ ناٽڪ به ڏيکاريا. سن ۱۹۵۰ع کان ۱۹۵۸ع تائين ڏيکاريل ناٽڪن جا ليکڪ آهن: پيوس، جيٺانند ناگراڻي، ڏيپلائي، طالب، مالهي ۽ سنڌري اتمچنداڻي. انهن مان خاص مقبول ۽ مشهور هئا، ڏيپلائي جو "شاهدي"، مالهي جو "ڪفن" (پريمچند جي ڪهاڻي تي جوڙيل)، ناگراڻي جو "ڪامنو اسٽوڊنٽ" ۽ سنڌري جو "انهن ماڻهن جو واپار". سنڌري جو ناٽڪ سندس لکيل ۽ ڊائريڪٽ ڪيل هو ۽ وڏو اسٽري ڪردارن جو هو. "ڪفن" ڪيترن ناٽڪن ۾ حد-سٺان هو جو مالهي جو ڊائريڪٽ ڪيل هو ۽ "ڪامنو اسٽوڊنٽ" سڀني گڏجي ڊائريڪٽ ڪيو هو ۽ نه ڪمرشل پارٽي جنهن هن ڊرامي پٺي ڪئي آهي.

ان وقت دهلي ۾ ٽيون ڪرشناڻي، جيٺانند ناگراڻي ۽ هيمر ناگواڻي سنڌي ناٽڪ کي اوج ڏني. دهلي ۾ ۱۹۵۶ع ۾ آل انڊيا سنڌي ليکڪ ڪانفرنس سنڌان

۾ ٽيون سڄاڻي آندي. ائي پڻ ساڳي سال اڪل پارٽي ۽ اولي
ڪالڊراس لي ڊ. ۱۹۵۸ع ۾ اها بمبئي ۾ ٿي ۽ ۱۹۵۹ع
۾ ناگپور ۾ ٿي، جتي اڪل پارٽي سنڌي ٻولي ساسٽ
سڀا ٺاهي وئي، جنهنجو جنم داتا جنرل سيڪريٽري
هي ٻڌو چوئٿرام وڌو. ۱۹۵۷ع ۾ بمبئي ريڊيو پروگرام
شروع ٿيو. انهن ۾ هي سنڌي ناٽڪ کي زور وٺيو.
۱۹۵۹ع ۾ سنڌي ساهت منڊل جي پاليڪارن جدا
سنڌي ڪلاڪار منڊل ٺاهيو، جنهن لاءِ ٻهراڻ مالهي،
ڪيرت، اُم، شاد، راهي، پرڪاش، ۽ سڳن آهوجا
جي عارضي ڪاميٽي ٺاهي وئي هئي. هي منڊل اڄ
مالهي ٻيو هلائي. وري هڪڙي ۱۹۶۰ع ۾ خاص ناٽڪ جي
جي ترقي لاءِ ٻڌي آڏواڻي، ايس. پي. منگهاڻي ۽
موتي پرڪاش سان گڏ سنڌو ڪلا منڊل ٺاهيو. ان سال
ڊسمبر ۾ دهلي ۾ گوورڌن ڀارتي جو اصلوڪو وڏو
ناٽڪ "پڳڙيل گهر" پيش ڪيو ويو. بمبئي ۾ وري
۱۹۶۱ع ۾ سنڌو ڪلا منڊل هنديءَ مان الٽو ٺيل وڏو
شاهڪار ناٽڪ "انڊر سيڪريٽري" ڏيکاري وڌن
ناٽڪن جي سلسلي ۾ اسٽيج جي اوج جي شروعات
ڪئي. جيڪو ۱۹۶۵ع تائين وڌن ناٽڪن جي اسٽيج
تي چانيل رهيو. ان بعد بمبئي ۾ ۱۹۶۶ع کان وٺي سنڌو
آرٽ ٿيٽر، سنڌو ڪلا نڪيتن، نائين سنڌو، يوچا
ٿيٽرس، انواد سوسائٽي، جيوتي ڪلا منڊل وغيره،

جي به ناٽڪي دان رهي آهي ته احمدآباد، سنڌونگر، جئپور، اجمير، بڙودي به ان وقت کان بمبئي ۽ دهلي سان گڏ ٽڪري وک وڌائي آهي. اٽڪل ۳۵-۴۰ وڏن اسٽيج ڪيل ناٽڪن سان رڳو ۸-۱۰ اصلوڪا ناٽڪ آهن. موتي پرڪاش جو "راس هڪ طوفان جي" (جنهن جي اصليت تي اعتراض اٿاريل آهي) پروفيسر پنجواڻي جو "آيو اٿئون زمانو"، پوپٽ ٿيٽرس جو "پال پرهيڄاري" ۽ "ڪچا ڌاڳا" ۽ جوتي ڪلا مندر جو "جهمٽڪمار" ۽ "لهندو ٿي آڌار" ۽ مدن جماڻي جو لکيل ۽ هدايت ڪيل "ڪاڪو ڪلومل". پوئين ۾ رڳو هڪ ڪردار آهي جنهنجي رول ۾ نواڻي به آهي.

دهليءَ ۾ به ساڳئي وقت ڊسمبر ۱۹۶۴ع کان "سنڌو ڪلا سنگم" وڏن ناٽڪن جو سلسلو شروع ڪيو، جنهن ۾ فقط هرپرڪاش جو "ڪردار ڪهڙي" اصلوڪو هو. دهلي جي "مهراڻ" سنسٿا "امي يا ممي" ناٽڪ پيش ڪيو هو. مٿين وڏن اصلوڪن ناٽڪن کانسواءِ ٽڙو چار وڏا ناٽڪ موتي پرڪاش جو "پرڏي اڱڻ، پرڏي پڌر-يان"، ڪرشن کٽواڻي جو "آشيانو"، ۽ مرليڌر سڪواڻيءَ جو "امي ۽ ممي" ۽ گوبندرام راڄسنگهاڻيءَ جو ناٽڪ "لڙوا-ي" ڇپيا آهن، جيڪي اسٽيج تي نه آيا آهن. اسٽيج تي وڏن اصلوڪن ناٽڪن ۽ الهو ٻول ڪنهن ناٽڪن جو نه اهڙو ڏاڍي سوچ جي ڳالهه

آهي. هن فقط ناٽڪ اوپيرا لاءِ ۽ ناٽڪ ڪمپنين لاءِ پڻ.
جيستائين اها ڪمي پوري نه ٿي آهي، تيستائين هتي
ناٽڪ جي اُنتي ٿيڻ نه ليکبي.

## ننڍن ناٽڪن جو سيلاب

هتي وڏن اصلوڪن ناٽڪن جو، جي ذڪر آهي
نه ننڍن ناٽڪن جو سيلاب آهي. سوين ناٽڪ لکيا ويا
ويا ۽ اسٽيج تان پيش ڪيا ويا آهن. ناٽڪن جا
ڪيترائي مجموعا نڪتل آهن. پهرين پروفيسر ڀمڀواڻي
۱۹۵۲ ۾ "سنڌ جون سڌ ڪهاڻيون" نالي مجموعو
ڪڍيو. پوءِ پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جا هڪ ٻئي
پٺيان ننڍن ناٽڪن جا پنج ڪتاب ڇپيا آهن: جهون
ڇهڙتا، ساپ ڪين پيچ، ڪڙ ڪيٽا پيا نڪمن، آخري
پيت ۽ سمنڊ جي ڪڇڪار. ٽوٽل ١٥ ناٽڪن جا ٽي
ڪتاب ڇپايا آهن. مالهي، ڪمرس، هرڪانس، طالب،
الم، ڪمل، برجموهن، جي. ايم. لاڳاڻي، راجن چاولا،
ڪشور ڀوجاڻي، وشن شوداساڻي، جيٺي لالواڻي ۽ پگولي
ڪڪڙپڻا جو هڪ هڪ مجموعو ڇپيل آهي. انهن ۾
هڪ ٻن ليکڪن جي ايڪانڪين جا مجموعا ڇپائڻ جي
روايت ٽڪسين ڏاڍا پبلڪيشن شروع ڪئي آهي ۽ ۱۹٦۰ ۽
۱۹٦۴ ۾ "روپ ۽ ڪلا" ۽ "ناچو" ڪتاب ڪڍيا، جن
۾ سمنڊريءَ جا ٽي ناٽڪ، مالهي ۽ ڪمرس جا ٻه ٻه ناٽڪ،
ڪورڌن، هرڪانس، موهن ڪلپنا ۽ الم جو هڪ هڪ

ناٽڪ هو، ۱۹۶۴ ۾ سنڌو ڪلا سنگم (دهلي) جيون گرهڻي، هري ڪانت ۽ رام گيانچنداڻي جي ٻن ٻن ناٽڪن جو مجموعو ”اڪيلائي“ نالي ڇپيو. جسونت ڪمار ”پردا“ نالي سنڌر اگناڻي، ايم. ڪمل، پرسرام پرڪاش ۽ شيام جئسنگهاڻي جي ناٽڪن جو ۽ برجموهن الهڻ ساڳين ليکڪن ۽ وشنو ڀاٽيا، واسديو موهي، لڇمڻ ڪومل جي اڻ ڇپيل ناٽڪن جو ڪتاب ڪڍيو. ٽنڊو ڪوريا ساهت مالا طرفان شيام رامرکياڻي جدا جدا ليکڪن جا ٻه ناٽڪن جا مجموعا ڪڍيا آهن: ”مڙيو سو جڙيو“ ۽ ”ڪڏهن ته ڪجهه نه ٿيندو.“ احمد آباد جي ڊراما ورڪشاپ ٻه ”قدم“، ”پردا“ ۽ ”مورچا بندي“ نالي سان اهڙا ناٽڪ شايع ڪيا آهن، پر ڇپيل ناٽڪن کي پهچڻو ڇپلو اڃا ڏيکاريو آهي. هندواڻي، ٽيئن دنيا، سنڌو ڌارا، سوهل، سنگيتا، رچنا ۾ لوڙي رانجهو نان الاهي اڪيلائي ظاهر ٿيا آهن.

## گيت ۽ نرت - ناٽڪ

هتي سنڌي آپيرا (ڪوتا يا سنگيت گيت ناٽڪ) ۽ بئلي (نرت - ناٽڪ) ٻه پيش ٿيا آهن. جڳول رڱو هڪ پروفيسر ارجن شاد جو ”ڏاهپون ڏکي ڏسن“ (۱۹۶۰) آهي. ان ڪلا ۾ دهلي جي سنگيتڪار ڪان مولهار ۽ ليکڪ لڇمڻ ڪومل ٻاڻ خوب موکيو آهي.

پروفيسر ملڪاڻيءَ جي اثر جي ڪارڻ ۾ ورهاڱي
کان اڳ جي ناٽڪ جا ٻه باب هن ناڳواڻي جو ڏهاڪي
جي ١٩٥٠-١٩٧٠ جي سنڌي ناٽڪ جي ترقيءَ تي لکيل
ڪتاب ”نور اڀندا رهن“ اهم آهن.

اڪل پارس سڀا ۽ ٻين سنسٿائن پاران ناٽڪن جون
چٽاڀيٽيون ٿيون ٿين. جيئن لالواڻي احمدآباد مان
”اسٽيج“ مخزن ڪڍي آهي ۽ پرسرام پرڪاش ۽ ٻين
جوانن سنڌي ڊراما ورڪشاپ کوليو آهي. اهي سڀ
ڳالهيون ٻڌائيندي سر ناٽڪ جي اهميت جون نشانيون
آهن ۽ ان بابت گڏجي سوچڻ ۽ سمجهڻ جو ٻه اهڃاڻ
آهي. مطلب ته سنڌي ناٽڪ ۽ اسٽيج جو رستو واڌارو
ڪيو آهي، پر اهي آسانيءَ هلڻ ۽ هڪ واهڻ ٻٽا
آهن. البت اهو واهڻ هلڪڙي ڪل مشڪري ۾ ڪم آڻڻ
بدران سنڌي سماج ۽ قوم جي سماڄيءَ جو سڌ ٻڌڻ
ڪري. جا اڄ جا ناٽڪ لوبس ۽ ناٽڪ ڪندڙ، ان ڏس ۾
ٻاڻ نه موڪليندا؟ ڪيئن ۽ اصلوڪن وڏن ناٽڪن جي لهر
نه پيدا ڪندا؟ جو نه آهي. ڪاسواءِ هيءَ ناٽڪ ۽ اسٽيج
جي ترقي (جنهن لاءِ ورهاڱي کانپوءِ نئين سر الاهه
جفاڪشي ۽ جانفشاني ڪئي ويئي آهي) سا اڌوري
رهجي ويندي. پسر جتي هند ۾ سنڌي اسٽيج گهڻي
ترقي ڪئي آهي اتي سنڌ ۾ ان بدران وري ٿي. وي.
ناٽڪ گهڻي ترقي ڪئي آهي. باقي ويچارو ناٽڪ جي
ترقي ٻيهي هند ساڳي آهي.

# سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي زندگي

سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي زندگيءَ جي جائزي وٺڻ لاءِ هڪ مضمون ڇا هڪ سڄو ڪتاب به ٿورو ٿي پوندو. اڪري ان جائزي جي فقط هڪ جهلڪ تائين ئي محدود رکڻو پوي ٿو. اصلوڪي سنڌي ڪهاڻيءَ اڄ ٦٥-٧٠ سالن جون منزلون طئه ڪيون آهن، جن ۾ اُن سنڌي جيوت جو هڪ وراثت روپ پسايو آهي. ان لاءِ سنڌي ڪهاڻيءَ جي اِلهاس ۾ جهاتي پائڻي پوندي ڇو ته سنڌي ناٽڪ، ناول، ڪويتا وانگر ڪهاڻي ۾ به سنڌي جيوت جي چٽيل چٽر جي هڪ پرمپرا آهي. اها اڏهن کان شروع ٿئي ٿي، جڏهن پهريان هڪ سؤ سال کن اڳي ٻين ٻولين مان ڪهاڻيون الٿو ڪري ان ۾ سنڌي نالا، ماحول ۽ سهڻي سڀڪ ٻولي ڏئي اُنکي سنڌي روپ ڏنو ويندو هو. اُن بعد سنڌي ليکڪن پنهنجي جاتيءَ، سماج ۽ زندگي مان ڪردار ۽ واقعا، ويچار ۽ وهنوار کڻي اصلوڪي سنڌي ڪهاڻيءَ کي اوج ڏني. ساڳئي وقت سنڌي ڪهاڻيءَ وري سنڌي جاتيءَ کي زندهه رکڻ ۽ پنهنجي جاتين اڳيان اُن جو ڳانت اوچو ڪرڻ ۾ هڪ اهم رول ادا ڪيو آهي.

ڀارت لوڙي دنيا جي ٻين ٻولين وانگر سنڌي

پڻ هڪ جدا جاءِ [انفراديت] آهي. اُها آهي اُن جي ٻولي
اتهاس، پرمپرا، ڪلچر، سماج، سڀيتا، وهنوار، رسم، رواج،
ڪردار آهي. اُوري ۾ هي سڀ خصوصيتون سنڌي
زندگيءَ کي ٻين جاتين جي زندگيءَ کان نرالو بڻائين
ٿيون ۽ سنڌي جاتيءَ کي هڪ جدا هستي عطا ڪن
ٿيون. اها هستي ملڪ جي ورهاڱي جي باوجود سنڌ
لوڙي هند ۾ قائم آهي. اُن لاءِ سڀ کان گهڻو شرف
سنڌي ساهتڪارن ۽ ڪلاڪارن لهڻو، جن نه رڳو
پنهنجين رچنائن سان سنڌي جيوت جي ترجماني ڪئي
آهي، پر سنڌيت جي هلچل هلائي پنهنجي جاتيءَ کي
به زنده رکيو آهي.

منهنجي ويچار ۾ سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي زندگي
تڏهن ئي پيش ڪئي ويندي، جڏهن اُن ۾ مٿي
ٻڌايل خصوصيتن مان ڪنهن نه ڪنهن جو چٽر يا ذڪر
هوندو ۽ سڀ کان وڏي اهم خصوصيت آهي صاف
سنڌي صحيح سنڌي ٻولي. ڪنهن به شخص لاءِ پنهنجي
ٻوليءَ ۾ لکڻ ۽ ليکڪ بڻجڻ جي اهميت بابت گرديو
ٽئگور جي پنجابي ساهتڪار ۽ اداڪار بلراج ساهنيءَ
سان ڪئي گفتگو اڄ ۴٣ سالن بعد اسان جي ليکڪن لاءِ
رهنمائي ڪندڙ آهي.

بلراج ساهني پنهنجي پنجابي ٻوليءَ جو قدر نه
سڃاڻي هندي ۽ انگريزيءَ ۾ لکندو هو. جڏهن ٽي

گرديو ٽئگور ڪيس ذهن نشين ڪرايو ته ”هر ڪو ليکڪ پنهنجي ماڻهن ۽ ٻوليءَ جو ئي ليکڪ آهي. رڳو انهيءَ هو پاڻ کي گهر ۾ محسوس ڪري سگهي ٿو.... هڪ ونشا کي دنيا جو ڪيترو نه ڌن دولت ڇو نه هجي ته به هوءَ عزت لائق ڪانه ٿي ليکي وڃي. توڙي ٻي سڄي زندگي ٻيءَ ڪنهن به اڌاري ورتل ٻوليءَ ۾ لکين، ليڪن لوڪ نڪو پنهنجا ماڻهو ڪو ان اڌاري ورتل ٻوليءَ جا ماڻهو پنهنجو سمجهندا. توڙي ٻئي ڪنهن جو پڙهين، تنهن کان اڳ لوڪي ٻهران پنهنجن ماڻهن جو پڙهڻو پوندو.

اسان وٽ به پنهنجيءَ ٻوليءَ ۽ پنهنجن ماڻهن جو پڙهڻ وارن ڪهاڻيڪارن جي ڪر ڪوئي ڪانهي. هتي انڪري سواءِ ڪ انهن ڪهاڻي نويسن جو ئي ذڪر ڪري سگهبو جن سنڌي زندگيءَ جو چٽو پا ذڪر پيش ڪيو آهي. اهو ٻهران ٻهران اسانجي ڪهاڻيءَ جي اوائلي ٻاڻين مرزا قليچ بيگ، ديوان ڪوڙومل، رشي ڏيارام، پرمانند ميوارام ۽ ديوان پرڀداس حڪومتراءِ، لعلچند امرڏنومل، جيٺمل پرسرام ۽ ٻيرومل مهرچند جي اصلوڪن يا الفو ڪمل ڪهاڻين سان ناولن ۾ ته ملي ٿو. مثلا راسمس، هدوب پيت، چوهه جو چنڊ،

---

* ٽئگور ۽ ساهتيءَ جي سڄي ڪلڪتو لاء ٻڌوڻو ليکڪ جو ڪتاب ”ٽئگور هڪ جهلڪ“ (١٩٦١)

موهني ناٽي ناول ۽ ڪهاڻيءَ جو ڪتاب (١٩١٧)، ٽرام جو مهاڳ (١٩١٤) يا چمڙا پوش جون ڪهاڻيون (١٩٢٠) وغيره. انهن سڀني ۾ سلوس سڀڪ سنڌي ٻوليءَ ۾ سنڌي سماج جي ترجماني ڪئي آهي.

"ڪهڻي جو ڪتاب" ڪهاڻي ۾ لعلچند ٽوراڻي ٽيرا ۾ ٿي مهاورادار ٺيٺ سنڌيءَ ۾ نه رنگين ڪهاڻيءَ جو ٺٽ ٽر سنسن ٽڪن ۽ سنڌي استريءَ جي ان وقت جي حالت ۾ ٻڌوڻي بيان ڪري ٿو چئي: "هيءَ ٻاٻي اولي ۾ پٽ پٽي نه ماڻس سڻانهي ۾ ٿي چلي رهي، جنهن ڪري ٻڌي، تماچ جو سک نصيب ڪو ٿا. نيس. وري جڏهن ساماٽي ۽ ٻرٽي ۽ ڏيءَ پٽ چٽيائين، تڏهن گهر وارن کي ڪنهن ٻوٻيءَ ڏانگ ٻڙڙ واسو وجهي اٿو ٻارالو ڏنو جو هر ڪولڏر اوچتو مٿي جوالي وٺي مٿي جڳاٽي مان لڏي واڻ."

ٻيو مثال جيٺمل جي "چمڙا پوش جون آکاڻيون" جو ڏسو. جنم لکڻ جي طرز اڄ جي زماني واري مولو لاڳي [اڄوڪ ڪلاسيڪي واري] جهڙي آهي. هو "دکيءَ جي دالـهن" ڪهاڻيءَ ۾ هڪ جوان جماڻ استريءَ واڻان چوائي ٿو، "نڌي لڏي ڦرهه جواليءَ کي ٻٽل، جنهن کي لڪا ٿي ساهري ٻهر سنڀالڻ وارو، لڪا لي ٻهڪي ٻـهر سنڀالڻ واري، ٻــر اٿو ٿي ٻهڪي ساهري لم هترو، سو چمرا پوش، چٽ نه هاڻ وڃان سو ڪڏي

وڃان. انهن نه سمجهيو ته آءٌ ڪا بلڪل ٻوڙي ٻُڍڙي ٿي ويٺي هئس، پر مرادا جو ليکو لکڻ مون کي ئي وٺيو."

دلڪش ۽ دلچسپ ٻوليءَ ۾ لکيل هي ٽوڙيون سڀئي سنڌي استري ۽ سماج بابت گهڻو ڪجهه ٻڌائين ٿيون ته سماج برائي ۽ بي انصافيءَ کي بي نقاب ڪن ٿيون. اهو سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر جو شروعاتي دور هو، جڏهن هنن ليکڪن جو مکيه مقصد ئي هو سماج کي سڌارڻ. هي ڪهاڻيون ان زماني جي سنڌي زندگيءَ جو فوٽوگرافڪ حقيقت - نگاريءَ وارو چٽ ڏين ٿيون.

ان بعد ١٩٣٠-١٩٣٢ جي قومي سجاڳيءَ ۽ هلچل جي زماني ۾ جديد حقيقت نگاري واري سنڌي ڪهاڻي وجود ۾ آئي. جنهن جا باني هئا: امرلعل هنگوراڻي، مرزا نادر بيگ [قليچ بيگ جو پٽ] ۽ هريداس ٻيرومل. جن لڳ ڀڳ ساڳئي وقت سنڌي زندگيءَ جون چٽ چٽيل ڪهاڻيون لکيون. انهن مان تمام مشهور آهن. "ادو عبدالرحمان" [امرلعل جي]، "انقلاب" [نادر بيگ جي] ۽ "هيرا جواهر" "اندر جا اُڌما" [هريداس ٻيرومل جا ڪهاڻين جا ٻه ڪتاب]. اَدو عبدالرحمان آدميت، عالمگيريت، جدت ۽ حقيقت جي مثل، مطلب سان وقت جي ڪسوٽيءَ تي ڪسجي شاهڪار ٺهي چڪو آهي.

اڻ صدي کان اڳ، لکيل هيءَ ڪهاڻي اڄ بہ، ائين ئي
نئين لڳي ٿي جا سنڌي سماج ۾ ڦهليل بي انصافي، ڀرشٽ،
پاکنڊ، ذاتيائپ جي اوچ جو انهن نيڪنڪ ۾
ڪلاڪاريءَ وارو چٽ پيش ٿي ڪري.

نادر بيگ جي ڪهاڻي "انقلاب" هڪ ٻيپاڪ مسلم
عورت جي پڌري هوس جي پتلي، پتيءَ خلاف ڪيل
بغاوت جي آکاڻي آهي. هيءَ بہ اڄ جي سنڌي زندگيءَ
جي ڪهاڻي پيئي لڳي. هي ٻئي ڪهاڻيون تنقيدي
۽ تخليقي حقيقت نگاريءَ جو بہ مثال آهن.

پريداس (پيرومل مهرچند جو پٽ) جي "آنند جا
آنسو" ڪتاب جون ڪهاڻيون، سنڌي سماج، سڀاءَ، رسم
رواج جي تصوير ڪشي ڪندڙ آهن. ڪجهہ تہ خود
ڪلاميءَ جي طرز جون ڪهاڻيون آهن، ليکڪ جي
ٻولي بہ لعلچند امرڏنومل جي ٻوليءَ جيون سڳون
لاهيندڙ آهي. "گهوٽ ماءُ - ڪنوار ماءُ" ۾ هڪ
استريءَ کان چوائي ٿو، "انسان ٿي ڳالهہ ڪئي، ٿس
ڀاڄ لڳو تہ! ٻائي پٽسو ٿي وڃي مٺو اڳهاڻو. گروهہ
نيمو پڌرو ڪٽاهہ ڪٽيو. جيئي مٺون، ٻارڙي پٽ،
ڀري وٺالهن، ڪن سڳاڻن ساهون. سو گهٽ ۾ گهٽ
جي ونان تہ بہ واهہ هڄار روڪ، ٽهڪنڪا اسواهہ مٺيو ڪوڙو
۽ هڪ سواد تہ خير ڪري ڪندس ۽ جي لا اها
سنڌي ڪري ڏيءَ اچار ڪري.... ٻر اسي ڳالهہ پڌي

انهيءَ، جنهن هيٺ مذهبي انڌ ڀڳتي، ڦيٽڻ ۾ ڦاري
ڇڏيو اٿس. مذهبي ڌيءَ واپاري ڪڱدام، ڪل جوڙي،
ڪنهن ڏانهن اک کڻي نهاري نه ڪٿين. پنهنجي جسم ۾ ته
”الله، تنهنجو نور و مڙس ڏجاڻس ٿيو.“ سو ٻيو ڪرو
نه پسند ڪيو اٿئون، پر هاڻوڪي جيڏو واسع ڦاٽو پيو
آهي. چون ٿا نه مائي تنهنجي ڇوڪري آهي ساوري،
سو پيو نه نه ۲۵ هزار روپيا ڏيو ٿري ڏيڻا پولڊ. تنهن
ڪالسواه پٽ.“ هن هڪ حوالي مان ٿي سنڌي سماج ۾
رسم رواج واري سماجڪ جيوت ظاهر ٿيو پوي، جيا
اڌ صدي گذرڻ بعد به جيئ ساڳي آهي. هنن ڪهاڻين
مان تنقيدي حقيقت نگاري صاف ظاهر آهي.

۱۹۳۹-۱۹۴۰ ۾ ٻي مهاڀاري جنگ جي زماني ۾
سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ انسان جي زندگيءَ جو هڪ نئون
روپ پيش ٿيو، جيڪو اڳين ڪهاڻيءَ کان وڌيڪ
بيباڪ، بردبار ۽ باغي هو. ان وقت سنڌيءَ ۾ هڪ
نئين ”ترقي پسند ڌارا“ شروع ٿي. جيڪا ۱۹۳۶ ۾
منشي پريم چند جي صدارت هيٺ ٿيل پارٽي ترقي-
پسند لکڪن جي ڀارتي ڪانفرنس ۾ هلچل جو نتيجو
هئي. ان وقت اردوءَ ۾ ان ڌارا وارن ڪهاڻين جو
مجموعو ”انگاري“ شايع ٿيو، جنهن کي سرڪار ضبط
ڪيو هو. ان ۾ مذهبي تنگدلي، سماجڪ نااِنصافي،
راجنيتڪ ۽ آرٿڪ لوٽ کسوٽ ۽ منافقت ۽ سيڪس

جي پابندين خلاف آواز هو ۽ مظلومن ۽ مسڪينن لاءِ همدرديءَ جو اظهار به هو. ان ڪري "آواز" ۽ "اظهار" جو اثر ان سمي جي اسان جي ٻن ڪهاڻي نويسن عثمان علي انصاري ۽ آسانند مامتورا تي به نظر اچي ٿو. انصاريءَ پنهنجي ڪهاڻين جي مجموعي "پنج" جي مهاڳ ۾ ته منشي پريمچند جي مهما ڳائي آهي ۽ مجموعي ۾ مظلومن ۽ مسڪينن جي زندگيءَ جون ٻه ڪهاڻيون ڏنيون اٿس. مامتورا ان وقت ڇپايل پنهنجين ٻن ڪهاڻين "وڏيرو رمضان" ۽ "ڪاري" ۾ عورت جي محبت ڪرڻ ۽ پسنديءَ موجب شادي ڪرڻ جي حق جي حمايت ڪئي آهي. هي ڪهاڻيون سنڌي مسلم جيوت جو آئينو آهن، جن مان فوٽوگرافڪ ۽ تنقيدي حقيقت نگاري ظاهر آهي.

ترقي پسند ڌارا جو اثر کليو کلايو قبول ڪرڻ ۽ ان جو زوردار نموني ڦهلاءُ ڪرڻ جو شرف ان وقت جي اُسرندڙ نوجوان ترقي پسند ليکڪن کي آهي. هنن نه فقط اسان جي سماجڪ زندگيءَ جو هر آرٿڪ ۽ راڄنيتڪ جيون جو نماءُ ۽ پرڌان چتر چٽيو. ان کان اڳ سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ راڄنيتي آزاديءَ يا هلچل جو چتر نه ڇا پر اصل ذڪر به نه ڪيل هو. جيتوڻيڪ دادا شيوڪ جي پهرين جديد سنڌي ناول "آشيرواد" (١٩٣٣) ۾ آزاديءَ جي هلچل جي تصوير ڏنل آهي. ترقي پسند ليکڪن

پهريون ڏنو سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ نه صرف انگريزن جي
ظلم، پر زميندارن، سرمائيدارن ۽ سماج ۽ ڌرم مذهب
جي ٺيڪيدارن جي ڏاڍاين جي زوردار اوگهڙ ڪئي
۽ استري پرش جي پيار ۽ برابريءَ جو بيباڪ چٽ
چٽيو. گوبند پنجابيءَ کي ترقي پسند ڪهاڻيءَ جي
شروعات ڪرڻ جو شرف حاصل آهي، جنهن جو ثبوت
هن جي ڪهاڻين جو مجموعو "سرد آهون" آهي. هن
کانسواءِ جن ٻين ترقي پسند ليکڪن نئين رنگ ڪهاڻيون
لکيون، ترقي پسند ادب لاءِ هلچل ۾ ڀاڱو ورتو
سي آهن: مالهي، اياز، آنند گولاڻي، ڪرشن کٽواڻي،
سگن آهوجا، ڪيرت ۽ اُتم. هنن ورهاڱي بعد به
ڪهاڻيءَ ۾ قلم آزمائي جاري رکي. هي سڀ ليکڪ
۱۹۴۰-۱۹۴۲ واري قومي هلچل وقت اسير ٿيا ۽ ڪي جيل
۾ ويا. هنن جون ڪهاڻيون ڏهن کن ڪتابن ۽ مجموعن
جهڙوڪ ريگستاني ڦول، پرهه ڦٽي، ڦڙڪ، سفيد وحشي،
سنڌي ڪهاڻيون (ٻه مجموعا)، اسانجي سنڌ، سوشلسٽ
پاڪستان، آگسٽ انقلاب، اڳتي قدم ۽ حيدرآباد
ڪاليج جي مخزن "ڦلپلي" ۽ ٻين اخبارن، مخزنن ۽
رسالن ۾ ڇپيون هيون. هنن ڪهاڻين ۾ سلمس اوليءَ ۾
ٿيندڙ سماج لاءِ تڙپ، بهتر زندگيءَ لاءِ ڪشمڪش، استريءَ
جي آزادي ۽ برابري ۽ روشن آئنده جي آشا جي
تصوير صاف ظاهر آهي، جيڪا سنڌي زندگيءَ جي

چوطرفي تصوير به آهي، ته انهن زماني جي شعور جي
جهلڪ به ڏئي ٿي. ترقي پسند ڪهاڻي اڃا ڏوهه. جوابي
ٿي ٿي ڪين پهتي ته ١٩٤٧ ۾ ملڪ جو ورهاڱو ٿيو.
سنڌي جاتي ۽ ساهت جا پيڙا ٽڪر ٿي ويا ۽ سنڌين
هستي خطري ۾ پئجي وئي. اهڙي ڏکئي ۽ آزمائشي
وقت هند لوڙي سنڌ ۾ ترقي پسند ليکڪن پنهنجن
بزرگ ۽ ٻين ساهتڪارن، ودوان وغيره جو ساٿ وٺي
هلچل هلائي، ته ريکو سنڌي ٻولي ۽ جاتيءَ کي زنده
رکون، پر سنڌي زندگيءَ جي ترجماني ڪندڙ ڪهاڻيون
لکي سنڌي ساهت جي اوچتي سڪي ويل کيت کي
سرسبز بڻايو.

هتي ذڪر ڪجهه ترقي پسند ڪهاڻي نويسن سان
گڏ سنڌ هند ۾ ورهاڱي بعد يڪدم اُسريل اهڙن ليکڪن
به سنڌي جيون جون ڪهاڻيون لکيون ته سنڌيت جي
هلچل کي به هٿي ڏني. سنڌ ۾ اهڙا ڪهاڻيڪار هئا:
جمال ابڙو، اياز قادري، غلام رباني، رشيد ڀٽي، نجم
عباسي، جمال رند، ع. ق. شيخ، ايڪم چنا، حفيظ شيخ،
ابن الياس سومرو، بشير مورياڻي، سراج الحق، ابن حيات
پنهور، حميد سنڌي، شميره زرين وغيره. هنن مان ڪن
جون مشهور ڪهاڻيون آهن: بدمعاش، ٻلو دادا، شيدو
ڌاڙيل، ڇوڪري، ٻـڪ، شمع پاريدي شب، چنڊ گرهڻ،
رالڪو وغيره ۾. انهن سنڌي زندگيءَ جي ترجماني

۽ ان اصلاحن کي ان انقلاب ڪيل هو.

ورهاڱي بعد هند ۾ سنڌ وارن ٻئين ڏهاڪي (١٠ سال) ۾ جي نوان ليکڪ اڀريا تن مان مکيه آهن: موتي پرڪاش، موهن ڪلپنا، سندري اتمچنداڻي، راهي، تاب، گوورڌن ڀارتي، تارا ميرچنداڻي، نارائڻ ڀارتي، ڪشور ٻوجا، ٻيوپٽي، لوڪناٿ ۽ موهن لعل، جن ان سمي سنڌي زندگيءَ جو چٽو چٽيندڙ ڪهاڻيون لکيون، جيڪي ڪيل ترقي پسند ساهت جي ڀاڱن جي هن دور ۾ لکيل ڪهاڻين جهڙيون آهن يا الهندي ويچارن جو اظهار ڪندڙ آهن.

انهن جا مثال ڏيڻ کان اڳ، اهو ڏسڻ ضروري ۽ اهم آهي ته ورهاڱي جي ٻئين ڏهاڪي ۾ لڏ پلاڻ بعد سنڌي ٻولي، جاتي، سماج ۽ سنڌيت جي ڇا حالت هئي؟ ۽ ساهتڪارن جو ڪهڙو فرض هو؟ سرڪار ۽ سنڌي اڳواڻن، سنڌين کي هڪ هنڌ وسائڻ بدران سڄي ملڪ ۾ پکيڙي ڇڏيو ۽ ٢٠ سال کن سنڌي ٻولي، سرڪار تسليم نه ڪئي، انڪري سنڌين لاءِ اني لٽي اجهي ۽ علم علاج جو هيڏو جيڏو مسئلو منهن ڪڍي بيٺو. ڪئمپن کي ڪئمپ جي پگهل ٽٽل ٻئرڪن ۾ گذاريون ۽ ٻردا ٽنگي زندگي ڪاٽڻي پئي. جوان ۽ جوانڙيون نه ڇڏيو پر ٻيا، ٻڍڙيون ۽ ٻار ٻه ٻاٻڪي زندهه رکڻ لاءِ لوڪرين ڪرڻ يا رلڻ ۽ وڪڻن لي ڪئمپوا، پاپڙ، چانور،

ڪانٽا، ڀڙون وغيره شيون وڪڻڻ لاءِ اڪري نروار ٿيا. سڀئي جاتي پنهنجن ڀيرن تي ڀيٽ لاءِ پريشان ۽ سرگردان هئي. ڪن کي وچڙندڙ مرض ته ڪن کي لنڊن ۽ گوليبازيءَ جو مقابلو ڪرڻو پيو. سنڌي ساهتڪارن سنڌي زندگيءَ جي هيءَ حقيقي تصوير پنهنجي اکين سان ڏٺي. هنن هي پٽارو خود ڀوڳيو هو. پوءِ هو ان کان ڪيئن منهن موڙي ٿي سگهيا؟ ڪهاڻيڪار پنهنجين ڪهاڻين ۾ سنڌي جيوت جي هن ورامت روپ جو درشن ڪرايو. هنن ائين ڪندي سنڌي جاتيءَ جو فرض ۽ قرض ادا ڪيو ۽ ڪو به ڏوهه نه ڪيو، جيئن ڪن هنن خلاف ٻهتان ٻڌو آهي. جيڪڏهن هن حقيقي سنڌي جيوت وارين ڪهاڻين ۾ ليکڪ نه لکن ها ته نه جاتي ۽ نه اتهاس کين معاف ڪري ها. سچ ته هنن ئي الوقت سنڌي جاتيءَ جي صحيح رهنمائي ڪئي. ترقي پسند ليکڪ ان ڏس ۾ اڳرا رهيا. ايتري قدر جو ڪيترن نون ليکڪن به هنن جي واٽن ۽ موضوعن وارين ڪهاڻيون لکيون.

اهين آهي ته هن سڄي دور ۾ جيڪو ورهاڱي کان ١٠-١٥ سال پوءِ تائين هليو، ان ۾ ڪي اهڙيون ڪهاڻيون آهن، جن ۾ ڪلا گهٽ، پرچار وڌيڪ آهي، ڪي وچار غلط يا انتهاپسند آهن. پر اهي ڪهاڻيون لکارين ٿورن ڪهاڻين ۾ آهن. مثلا ترقي پسندن جي

پاڻان ۽ ٻين مٿي ذڪر ڪيل اون ليکڪن هن دور ۾ ٣٠٠ کن ڪهاڻيون لکيون آهن، جن مان اڪيچ پرچارڻيون؟ ڪلا کان وانجهيل ڪهاڻيون ١٠-١٥ سيڪڙو مس ٿينديون. انهن ٿورن ڪهاڻين جي آڌار تي هن سڄي دور جي سنڌي زندگيءَ جي ترجماني ڪندڙ ڪهاڻين لاءِ ڪير به انهن کيئن ٿو علما فتوي ڏئي ته ”اهو سڀ ڪچرو آهي“ (هيرو شيوڪاڻي) يا انهن ۾ ”دادا ڪامريڊ جو ليکڪ آهي يا مارڪسواد ذريعي حل ڏسيل آهي يا سس ننهن جو جهڳڙو ڏال آهي، جنهنکي چاڻي چاٽيهار سرو شڪتيوان، سرو وياپي دادا ڪامريڊ جو داس ڪئپيٽل يا ڪميونسٽ مئنيفيسٽو مان جادوءَ پڙهيو وڃن آهي.“ (گدو ساماڻي) يا ڪير انهن کيئن ٿو چوي ته اهي سڀ ڪهاڻيون ”روزاني اخبار، ريڊيو ٽاڪيم ٽيبل ۽ ٽيليفون ڊائريڪٽريءَ جي سطح جون ڪهاڻيون آهن“ (پشپ). ڪمال ته اهو آهي ته پوئين الزام هڻندڙ اڄڪله پاڻ ٽيليفون ڊائريڪٽري ڪيڻ جو ڌنڌو شروع ڪيو آهي.

هن دور جي ڪهاڻين ۾ سماوڪ ڪمين جي سنڌي شرنارٿين جي زندگيءَ جو چٽر آهي، جنهنکي اڌريورنا لاءِ ڪوا پوروهو ڪرڻ کان لڪا ڪمپائن. ڪي وچولي طبقي وارا سنڌي مٿين طبقي سان رئس ڪن ٿا ته ڪي پاڪستان ۽ يوروپ جو ناهب پالي هان لاءِ

ان ڇهر سان گڏ ڪهاڻين ۾ سرڪار جي اڻ انصافيءَ ۽ بد انتظاميءَ جي اوکائي، پيار ۽ شادي، استريءَ جي آزادي، سس نُنهن، ڏير ڀاڄائي، ماءُ پيءُ، ٻارن جي رشتن ۽ ان وقت جي جنگ ۽ امن جي فضا ۽ سنڌ ۽ سنڌيت وغيره وشين تي به قلم آزمائي ڪئي آهي.

اُن زماني ۾ آنند گولاڻي ۽ گوبند پنجابيءَ ٻي هڪ ٻئي پٺيان ڪجهه ڪهاڻيون لکيون جن ۾ ان وقت جي هسڪ وارو مسئل جي تصوير آهي. آنند جون ٻه مشهور ڪهاڻيون آهن: "آئون جنم وٺندس" ۽ "چريو".
پهرين ۾ ڪئمپ جي زندگي ڪانئيندڙ پنهنجي ٻارن جي ڪهاڻي بيان ڪئي آهي. ٻارنءَ جو لاڏ ڪوڏ ٻڌائي ٿو، "وري جنم وٺي ڇڏين جي غريبن وانگر اڙندس، ڪنهنجو مغز اڏائيندس، رت سان ٻرڻ لال ٻوڇڻ جهنڊو ڪري جهولائيندس."

سوال ٿو اٿي ته ڇا ڪير گوليبازيءَ ۾ پنهنجن ٻارن جي شهيد ٿيڻ تي ايترو غصي ۾ نه ٿو ٻڙڪي؟

"چريو" ڪهاڻيءَ جو لاڳاپو ٻمبئي ۾ ٿيل گوليبازي جي بندوق جي گذر ڇري سان ونڊو ڳالهائي. چوي ٿو، "جنهنجون ٻچڙ بکيون آهن، اڌا ٻاڙ ننگا آهن، دوست جيلن ۾ آهن، سو چريو نه ٿيندو ڇا؟"

آنند هنن مشهور ڪهاڻين کان سواءِ ٻيون ـــ ان

وقت ڪهاڻيون لکيون جنڪي پلاٽ، پلاٽ جي وسعت ۽ ڪردارن پاڻمت آهن. مثلا ٻرلم ۾ پڻهه شيل، لراشا، سنڌو، گامڙو وغيره هنجي هڪ خاص خوبي آهي مذاق ۽ طنز.

گوبند پنجابيءَ جون ٻه شرنارٿي جيوت جـون ٻه مشهور ڪهاڻيون آهن: "سرڳ ۽ نرڳ" ۽ "نالائق" ٻنهن جـي طرز ٻه موناڪ ۽ [خود ڪلامي] واري آهي. ٻنهي ڪهاڻين جي پڇاڙي ڏاڍي دردناڪ آهي. انهن ناٽڪ ماسٽر موٽيرام ڪئمپ ۾ سڙوري جـي مرض جو ٻک ٿيندڙ سوين سنڌين جا لاش ڏٺي رهيو آهـي، جنهن هڪ سندس ڌيءَ ٻه آهي.

"نالائق" ڪهاڻيءَ جو ناٽڪ شرنارٿي پنهنجي پيٽ خاطر ۽ بيمار ڌيءَ جـي دوا لاءِ پئسا ڪمائڻ ڪاڻ ڪيلا وڪڻي ٿو ته پڪڙجي ٻوٽر ۽ هڪ ڏينهن جيل ڪـاڻ وڃي سندس ڌيءَ ٻرپٺ مري وڃي. وري ربڙي مـيٺ ڪڙو رستي تي وڪڻي ٿو ته وري ٻه پوليس پڪڙيس ٿي.

گوبند جي "طوفان" ڪهاڻي ٻرچاري ڪهاڻي جو مثال آهي. انهن لـاٽڪ پڇاڙي ۾ جوي لـو، هڪ زبردست طوفان اچي رهيو آهي...... جنهن ۾ ڦرادي جا دک ڏونهي ويندا. هلالن مـان آڪ جا الا لـڪـرندا، ظالمن کي ختم ڪندو ويندو ........ " اـي ڪهاڻي

"مهمل سٽ" ۾ گوبند مالهيءَ ۽ واپار جي منديءَ
جي پس منظر ۾ هڪ سنڌي شاهوڪار کي ملهل
زندگي جو داستان پڌائو آهي جو اڄ ۳۰ سال بعد به
حقيقي ٿيو پاسي. "ڪرشن اگري" ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪ
پيار ۽ ڪلا لاءِ سهڻي گفتگو ۾ چٽر چٽيو آهي ۽
"ڪلمڪ" ڪهاڻي ۾ گوبند ڏيتي ليتي خلاف آواز بلند
ڪرڻ واري ان پاڪ ۽ بهادر ڇوڪريءَ جي تصوير
ڏني آهي.

مالهيءَ جي "سون جي ڪهاڻي" سنڌ جي لڏ پلاڻ
۽ ڀارت ۾ پٽڪڻ جي تفصيلوار تصوير آهي. ٻيڙي
نه ٻڏر نه ٻکهاريندڙ آئس، جڏهن ليکڪ ڇڙيو نه
ڪهاڻيءَ جي نائڪ ٽوپڻداس جي ماءُ جي موٽ لاءِ
جوٽس پار ڪيڻ لڳي نه پٽس ڏاڏيءَ کي پڪارڻ لڳو
پر ٽوپڻداس جي اکين ۾ آنسوُن نه آيا. دک جي اِنتها
آنسن کي نه ڇا خون کي به خشڪ ڪري ڇڏيو هو".
"اها به هڪ ڪهاڻي" مالهيءَ جي ناڪام محبت لاءِ
ڪامياب ۽ مشهور ڪهاڻي آهي. "اڳتي قدم" ڪهاڻي
۾ سنڌي جوانڙيءَ کي ڏيتي ليتي جي مرض ڪري
هڪ مرهٽي سان پرڻجڻ ڏيکاريل آهي، جنهن کي جرئت
ڀريو ۽ رهنمائي قدم سڏيو ويو آهي. سندس "اڌري وڇ
ڪولهه" ڪهاڻي ڳوٺاڻي زندگيءَ جي گهمندڙ ولهمالن
بابت آهي. اُهي ڀاڱي سنڌي مسلمان ٻوهاري آهي.

جيئن ليکڪ چوي ٿو، ”سندن اهو گندو پنهنجو اختيار ڪرڻ جي جوابداري سرمائيداري طبقيوار سماج تي اـــ، هئي، جنهن دنيا کي ظالمن مظلومن ۾ تقسيم ڪيو؟ ۽ ڇا ...... گهمنڊ و نشيائون ستمگر سماج جي ظلم جو شڪار نه هيون؟ ....... انهن جو وجود هن سماج تي ڇا ٽڪي طنز نه هو؟“ هي ٻه ڪهاڻيون ”زندگي“ مخزن ۾ ڇپيون هيون.

ڪمرت باباڻيءَ جي ان دور جي سڀ کان مشهور ۽ ڪامياب ڪهاڻي آهي ”ڇڙوڇڙي“، جنهن ۾ شاهوڪاري آدمين ۽ عياشيءَ تي طنز ڪيل آهي. سندس ٻيون سماجڪ سقل ڪهاڻيون آهن: ”لڇي“ ”سالوري ڪمدار“ ۽ ”لند ۽ لفاڪ“، جن مان پهرين اي باڪ ڇوڪريءَ جي ۽ بي بهادر ڇوڪري جي پيار جي شادي جي ڪهاڻي آهي ۽ ٻين ٻنهي ٻنڌي جي وهنوار جي ڪهاڻي آهي.

ڪمرت جي اي هڪ ڪهاڻي ”اڳتي قدم“ ٻــ جوان ۽ جواڙيءَ جي پيار بابت آهي، پر انهي واقعي پس منظر به آهي نه پرچار به آهي. جيئن پهاڙيءَ ۾ مالڪ مائڪا کي چوي ٿو، ”لـوڪي ڪيئن ڇڏيندس، لوڪي حاصل ڪرڻ لاءِ نه مان جدوجهد ڪندس. اهـا دنيا اڏيندس، جتي لوڪي مولڪان ڪير جدا نه ڪري سگهي، اسانهي محبت کي ڪير لوڪر نه هٽي سگهي.

وٽي اسان جهڙن لکن انسانن جي زندگيءَ جي حسرتن
سان ڪم ڪيلي لــــ سکهي.“ اهڙي ٻرچاري ٻهراڙي
”پاڪستان کي الوداع“ ڪهاڻي جي به اِٿس. جنهن ۾
ليکڪ چوي ٿو ته ”ڪنول ۽ گهنشيام وچ ۾ هڪ اهڙن
ٻڌون - برادري، عالمگير برادري قائم ٿي هئي جنهن ۾
مسائل هئي زندگيءَ سان محبت، زندگيءَ لاءِ جدوجهد ۽
زندگيءَ لاءِ آڪٽر سوچ.“ اهڙي نموني جي ٻهراڙي هن
”اهين جڳ جــــر ڪلاڪار“ ڪهاڻيءَ ۾ به ڏني آهي،
جنهن ۾ چين جي انقلاب مان اڀرندڙ صبح جــي سوچ
جو اُساهه ڏيکاريل آهي. پر ”هــــوءِ“ مجموعي ۾ اها
ٻرچاري ٻهراڙي بدلايل ناهن.

سڀني آهوجا جي بهترين ڪهاڻي آهي ”پاڙيسري“
جنهن ان وقت آنند ڪولاڻيءَ جي ڪهاڻي ”ارتقا“ سان
ڪل انعام حاصل ڪيو هو. اها سنڌي هندو مسلمان جي
دوستيءَ جي ڪردار نڀائي واري ڪهاڻي آهي. هن
جون ”اي آڳ جلن ڏا پروانا“ ۽ ”اي اڄوڪ شمع“ پيار
۽ جنس جـــو کليو اظهار ڪندڙ ڪهاڻيون آهن. پهرين
ڪهاڻي جي ٻهراڙي ڪجهه ٻرچاري لڳي ٿــي جڏهن
ليکڪ چوي ٿو، ”ٻ پروانا؟ جلندا رهيا پهنجي ٿــي
آڳ ۾، اي اڄوڪ شمع جي آغوش ۾، اي آڳ جلندا
رهيا، جلندا رهن ٿا. اي آڳ جلن ڏا پروانــا.“ اي
ڪهاڻيءَ ۾ اـــ ٻهراڙي ۾ سڌو صاف عصمت فروشي

پاڻس لکيو آهي. سڀني جي "سچو لسوٽ جو پاڇو" ان دور جي اسي بهترين ڪهاڻي آهي. ان ۾ هڪ لسو. لسي. پرڳڻي جي هڪ شهر ۾ رهندڙ ان سنڌي شرنارٿيءَ جي آجهو ڪمائڻ جي ڪشمڪش ڏيکاري آهي، جيڪو پاڻ نه ڪري ۽ مزدور ٿئي ٿو، پر زالس ۽ ماڻس به گهر خرچ جي پورت لاءِ ٻهڙاون پاڻ جو ڪم ڪن ٿيون.

ڪرشن کٽواڻيءَ هن دور ۾ سنڌي جيوت لاءِ هڪ ڪامياب ۽ مشهور ڪهاڻي لکي "نئل زنجيرون"، جنهن ۾ ڪئمپ ۾ رهندڙ اُن اهڙيءَ ڇوڪريءَ جو چٽ چٽيل آهي، جيڪا ڏيتي ليتي ڏاڻ جي سگهه لاءِ ساڻ رهندڙ ماڻن جو خيال ڪري شادي کان انڪار ڪري نوڪري ڪري کين مدد ڪري ٿي. هندي ۾ ڪهاڻي "زندگي ۽ موت" ۾ رڱو سنڌ جي ڳوٺن جو نورو ذڪر ڪيل آهي. پر ان ۾ وچ نوڙي پيڙهيءَ ۾ پرچار نه آهي.

هن پيڙهي جي به ان دور ۾ لکيل ڏهن کن ڪهاڻين مان ٣٠ سال اڳ جي چٽيل هڪ ڪهاڻي "جيون ساٿي" جي پيڙهي پرچاري آهي، جنهن ۾ جهونيءَ سماج ختم ڪرڻ ۽ نئين سماج اڏڻ جو ويچار ڏنل آهي. پر هنجون ٻيون مشهور ۽ مقبول ڪهاڻيون آهن: "راڄا"، "واڪ آزمت"، "او چري"، "نئل ناري"، "دلي جي تلاش".

ٻيون ان ڪهاڻين ۾ سرڪاري اسرڪرشاهيءَ جي

وڏيرو ڪندڙ ڪردار ۽ ڪمزور ملازمن (جن ۾ سنڌي ڪلارڪ به آهي) جو چٽ آهي ته ٻين ان ڪهاڻين ۾ پٽي پٽيهي جي رشتن ۽ شاديءَ جي سوال تي روشني وڌل آهي. ٻي هڪڙي ”السالي جنديو“ ڪهاڻي ”سميڪت مهاراشٽر“ جي اليڪشن جي ماحول جي پس منظر ۾ سنڌ جي ياد جي تصوير آهي.

ٻن ٻين ترقي پسند ادبي ماحول جي ٻاهرين ليکڪن جون ان دور ۾ سنڌي جيوت باب ٻيون به آڳاٽيون لکيل آهن. هن ليکڪن تي ٻهراڻ ڏنو سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سماج وادي حقيقت نگاري پيش ڪئي. هن ليکڪن جي مٿي ذڪر ڪيل ڪهاڻين مان ڪهڙيون ”ٽمي دليا“ مخزن ۾ ڇپيل آهن.

ورهاڱي بعد پيدا ٿيل ٻهراڻ نئيءَ مان سولي پرڪاش جي ”گهر گهر جي ڪهاڻي“ ڪتاب ۾ ٿيندڙ شرڻارٿين جي مون سان گڏ ڏنجي ليتيءَ ڪري شاديءَ کان واجهل ڪميائن جي ڪهاڻي آهي. البت پڃاڙي ڪجهه پرچاري اٿس. ٻه هنجون اوقعو سنڌ جي ياد ۾ لکيل ٿي خوبصورت ڪهاڻيون آهن: ”زاهدي“، ”رحمون موالي“ ۽ ”مهندو گوٿ“.

موهن ڪلپنا جون ١٩٥٣ ۾ ٽمي دليا ۾ ڇپيل مشهور ڪهاڻيون آهن: ”سوغات“ ۽ ”مگٽي جي لٽاڻي“. ٻهراڻ ڪهاڻيءَ ۾ هڪ سنڌي ليکڪ - وائر جي تصوير آهي

جو پنهنجي ايمان جو پلو چڪائڻ لاءِ مالڪ کي چماٽ
هڻي مزدور ساٿين کي سڄاڻ ۽ مقابلي جو سنيهو ٿو
ڏئي. هن ڪهاڻيءَ ۾ خانداني ڪوڙي شان ۽ جهوني
بيڪار رسم کي ٽوڪ هنيل آهي. سندس ٻي اهم
ڪهاڻي آهي "جهلڪ" جيڪا محبت ۽ مفلسيءَ جو
ڏڪائيندڙ چٽ آهي. ان جي پڇاڙي ته عاليشان آهي،
جنهن ۾ پريتما، پريتم کان طلب ڪيل تحفي "پان"
بدران ڪئمپ جي شرنارٿي ٻالڪ کان خريد ڪيل
بسڪوٽ ملي ٿي، ان کي هرشچندر طرفان وشوامتر کي
ڏنل راڄائي دان کان به مٿي ٿي سمجهي.

ڪلپنا جي ان وقت چوٿين اهم ڪهاڻي آهي
"پرياسا" جا بمبئي ۾ ٿيل ساهتيه سميلن جي پس منظر
۾ لکيل آهي. ان ۾ سنڌو ليکڪ جي مکيءَ جي سنڌي
ٻولي ۽ سنڌيت لاءِ ماڻهپي ورتاءُ ۽ هڪ مفلس سنڌيءَ
جي سنڌيت لاءِ سڪ جو فرض ڏيکاريل آهي.

سندري اتمچنداڻيءَ جي ١٩٥٢ ۾ پهريون انعام کٽيل
ڪهاڻي "ممتا"، هند - پاڪ جنگ جي پس منظر ۾،
اُن جي اهميت لاءِ لکيل ۽ سنڌي جڳت ۾ ڦهلايل
مشهور ڪهاڻي آهي. اُن سال جي سندس اهڙي ٻي
اهم ۽ ڀلي ڪهاڻي آهي "اڳاوت"، جا ١٦ ليکڪن جي
مجموعي "لاٽ" ۾ ڇپيل آهي. پروفيسر ايم. يو.
ملڪاڻيءَ پنهنجي سمالوچنا ۾ ان ڪهاڻيءَ کي سڀ

ٽڪڪي جي اهڙن ڪهاڻي ڪئي آهي ته ان ۾ اهڙي
ڪل وچولي طبقي جو هيٺين طبقي سان ملي جُلي
سگهي ٻڌائڻ جي مسئلي کي اهم سماجڪ مسئلو سمجهيو آهي.

ليڪن وچولي طبقي جي رهڻ واري موضوع کي
هن ڪهاڻيءَ جي ٻيءَ ۾ وڏڪ ڪلاڪاريءَ سان
سندريءَ پيشڪش ۾ اهڙن ڪهاڻي "ڪرشان" ۾ لکيو
آهي. جنهن ۾ ١٩٥٣ ۾ "ڪهاڻي" رسالي جي ڇپائيءَ
۾ پهريون انعام مليو هو.

ان دور ۾ اُسرندڙ ترقي پسند ليکڪن ۾ سندريءَ کي
سنڌي جيون جي پاسن پاسن ٻهڙن کي گهرو معاوضو پيدا
اصطلاحي ٻولي ۾ سچي ڪان گهڻيون ڪهاڻيون لکيون
آهن. جهڙوڪ ٻوڙي (ٻاهرين واري معاشري جي ملڪا جو
ٻي ٻاڪ ڪردار) ڪيمو (هڪ ٻهرت جي آمدا لاءِ تڙپندڙ
ٻچيم) امله. ماڪڪن جو واپار (مگڻي ۽ ڏيتي ليتي جو
چڪر) ٿلهي (ڪوڪلي ۽ ڏيکاءَ جي ٻتلي) روشني (سس
جي ستم خلاف بغاوت ڪندڙ ٺهڻ) ڇوت (عياشي ۽
پرشڻاچاري موٽولي جي اوگهڙ) ڪشمري ساڙهي
(ايشيائي ليکڪ ڪانفرنس ۽ سنڌي ليکڪ) ڪپالر-سوالو
(جهولي ۽ ٺٺين ٻهڙهي جو ٺڪر) ٻڌن (ٻئي ٻٽي جو
رشتو) سنڌوءَ جو روپ (سنڌيت ۽ سنڌي اسلوب جي
سڪ). هن سان ڪاڻي ڪهاڻيون ته اهي ٻولين ۾ نه
ڇپيون آهن، ٻر "ٻڌن" ڪهاڻي ته دنيا جي ١٥ ملڪن

ليکڪائن پرل بڪ، ڪيٿرن منسفيلڊ، ماري لوهي، ايلسا مورانٽي، گرزيا ڊيلڊا، امرتا پريتم، ڪرشنا سوبتي، جيلاني بانو وغيره جي ڪهاڻين سان گڏ هندي ڪتاب ۾ پڻ چونڊ آهي.

سندريءَ واڳر ان دور جي ٻين ليکڪائن تارا ميرچنداڻي، ڪلا پرڪاش ۽ پوپٽي هيرانداڻي به سنڌي جيون جي ڪهاڻين تي قلم آزمائي ڪئي.

تارا جي مشهور ڪهاڻي "گونگو" شرنارٿي ٻالڪ جي پورهئي ۽ ٻالڪ لي ٻاڙن جي ڪهاڻي ٣٠ سال کن اڳ لکيل هوندي به اهم آهي. سندس "ديوار" ڪهاڻي هندو مجلس ايڪتا جي "جوش ۽ هوش" الڙ محبت جي انڪورن جي ڪهاڻي آهي. "هو نه آيو" ۽ "سهڪار" پتي پتنيءَ جي رشتن جون ڪهاڻيون آهن.

ڪلا جي "خانواهڻ" نه سنڌ جي سار جي يادگار ڪهاڻي آهي. "هيءَ ڪهڙي لڳي هوا" عمر کان اڳ وڏي ٿي ويل ابهمن جي ڪهاڻي آهي. "اڇا نه ٿلهڙي ملهاءِ" ۾ ٻاڻ ٻڪ ماري ڏنڊ وار ملهائڻ تي چوٽ هڻيل آهي. "ڏرهي پڌرهي" وري غرابي ۽ خسوس لها جي نڪر جي ڪهاڻي آهي. "سپنا آهن سپنا" پيار ۽ شاديءَ جي مسئلي جي ڪهاڻي آهي ۽ "انڪار آهن؟" هڪ اهڙا انهيءَ جي پلس کي اوکر هڻندڙ ٻاڻ ڪمائيندڙ سومان پسند ٻاهه جي ڪهاڻي آهي. هي

سڀ دل کي ڇهندڙ ۽ دماغ کي ڌوڏيندڙ ڪهاڻيون آهن.

نوناٿيم جي هڪ شروعاتي مشهور ڪهاڻي آهي ”ڪسيڪٽي“ جا هڪ اسڪولي ٻالڪيءَ جي منووگيانڪ تصوير آهي. ان دور ۾ ڇپيل ٽن ڪهاڻين جي مجموعي ”ٻڪار“ ۾ ليکڪا ترقي پسند ليکڪن جي نقش قدمي ڪئي آهي ۽ شاهوڪار، وچولي ۽ مزدور طبقن جون ٽي ڪهاڻيون ڏنيون آهن. ”انسانيت جو موت“ شاهوڪارن جي انسانيت جي ڀاونا جي موت جي تصوير آهي ته ”روئيندڙ ٽهڪ“ اوچ ۽ غريب طبقن جي وچ ۾ سٽبد وچ ٿيل وچولي طبقي وارن جو چٽر آهي ته ”ڏور جو اڌاڻو“ غريب مزدور جي بدحال مدورائي (جنهن کي ليکڪا ”منشيءَ جي ٻڌاوت“ ۽ ”انقلاب جو آڌار“ چيو آهي) جي ڪهاڻي آهي. پر ٽنهي ۾ ڪلا گهٽ ۽ پرچار وڌيڪ آهي. نوناٿيم جي ان زماني جي هڪ ڪهاڻي آهي ”ڦٽن ڇراو“ جنهن ۾ ٻاجائيءَ جو ڏيو کي ڏک ڏئي ڇرائو ڪرڻ جو چٽر آهي. جيڪو ٻاجائيءَ لاءِ ڌڪار جاڳائي ٿو.

ڪرشن راهيءَ جي سڀ کان مقبول ڪهاڻي آهي ”ٻي راو“ اهو ڪلياڻ ڪئمپ جي هڪ چالاڪ واري جو خوددار ڪردار ڏيکاريل آهي. سندس ئي ڪئمپ جي جيوت جي ڪهاڻي آهي ”چالورن وارن ٻانون“.

هن جي ”عزت کپي آڏاري“ ۽ ”مسالڳي“ ڪهاڻين ۾ مذاقي نوع ۾ ٺٺولائي ۽ شادين لاءِ شوق جي اوڳھڙ ڪيل آهي. ٻه راهيءَ جي اڻ سمي جي خاص واد وواد واري ڪهاڻي هئي ”مان غلامي ۾ ڪٽمدس“ جا لئين دنيا ۾ ۱۹۵۲ ۾ خاص ڪهاڻي ٻڌي ۾ ڇپي هئي. ان ۾ وچولي ۽ هيٺين طبقي جي رشتن جو ڇتو چٽيل ڏيکاريل آهي، جيڪا ٻرڇاري لڳي ٿي. انڪري ئي اها ڪهاڻي پنهنجي مجموعي ”اڙڪ ۽ مرڪ“ ۾ ڇپائڻ وقت راهيءَ ٻڇاڙي بدلائي هئي.

چيتانند ٽاپ جي ڪهاڻين جي خاصي ئي آهي سنڌونگر (جنهنکي انوقت ڪلياڻ ڪئمپ ڪوٺبو هو) جي هيٺين طبقي جي تصوير ڪشي، جيئن ”لـوان ٻـو رهيـت“، ”روٽـي“، ”لنڊرو قيدي“، ”مڪالو“، ”ٻڪ“ وغيره ڪهاڻين مان ظاهر آهي.

ڪشور ٻهوجا جي ان وقت جي ڪئمپ جي زندگي جي هڪ مشهور ڪهاڻي آهي ”شيشن ٻنمان“ جنهن ۾ هڪ ٻالڪ جي محنت ڪري ٻيٽ پالڻ جي تصوير آهي.

سنڌونگر جو هڪڙو ناراڻ ٻارٽي جي سنڌ جي ٻال ۽ سنڌيـت جي سڪ وارن ڪهاڻين ”ڪلـم“، ”دستاويز“ ۽ ”سنڌي“ مان اِ ملي ٿو اِ منوهر لعل جي ”محبت زنده آهي“، ”ڏاڍي والهان“ ۽ ”ڏاجو“ مان

۾ ظاهر آهي. ڪنهن جي ڏاهپ وارو مثال جو چٽر
ڦٽن پرسواڻي جي اسن ڪهاڻين "راه صاحب"
۽ "جهوليءَ" مان به ملي ٿو. جيئرو ٽڪ الهن جون
وشيون نراليون آهن.

گووردن پارٽي جي ان دور جي ڪهاڻين ۾ وري
اجمير ۽ دهلي جي سنڌين جي جيوت جي تصوير ملي
ٿي. جيئن "مان روئڻو آهيان" جنهن ۾ مٿو مڙس ۽
مرده دل سس جي سوارٿ جو چٽ چٽيل آهي.
"سماج جي آرسي" وري ڏاڏي ليڙيءَ جي ٿوري
ڪهاڻي آهي. "واه ڙي ٺڪر راڄ" وهمن پرمن کي
پوربندر سوڪ سنڌي ۾ سٺي مذاقي ڪهاڻي آهي.
پر انهن سڀني کان سٺي گووردن جي ان وقت جي
اڪيل ڪهاڻي آهي "پٺهنڊو پرالو" جنهن ۾ سنڌ هند
جي سنڌين جي سڪ ۽ سنڌيت جو درداڻو چٽ ڏنل
آهي.

لوڪداڻ جيٽلي جهڙي ترقي پسند خيالات واري
ليکڪ لي ته لڏپي پسندن جي سنڌيت جي واڌارن ۽
صحبت جو اهڙو اثر ٿيو جو سنڌ ۽ مسلمانن جي ياد ۾
لکيل اولي وارن ڪهاڻين جو سڄو ڪتاب "وساريل
نه وسرن" ڇپايائين.

سنڌ جي ڀاڱي ۽ سنڌ ٻاهر* لکيل ڪهاڻيون ان دور ڪالپوءِ ڌيئن ليکڪن طرفان ڪافي لکيون ويون آهن. انهن مان ڪي مثال آهن: ڪرشن جي "محمد رام"، سندريءَ جون "ٻڪي سوڙهيون ٻهڪيون"، "جيون وارو"، "ٿو جيئڻ جي ڳالهه"، "معصوم التجا". ڪلپنا جو "وطن"، ۽ "ڀاوڻا". ڪرشن کٽواڻيءَ جون "ڄاڻ راجا"، "آشا" ۽ "ساٿين"، ۽ مالهيءَ جي "احساسمندي". پروفيسر پنجواڻي به هڪ ڪهاڻي "محمد گڏيءَ وارو" لکي ورتي.

ورهاڱي کان اڳ واري آخرين ٽهيءَ ۽ ورهاڱي بعد ڀارتين ٽهيءَ جي ڪهاڻيڪارن ان دؤر بعد سنڌ ٻاهر وارن ڪهاڻيون لکيون، پر انهن مان ڪيترن ئي هن ٢٠ سالن ۾ سنڌي سماج جي ترجماني ڪندڙ ڪامياب ۽ ڪلاڪاريءَ وارن ڪهاڻيون به ڪافي لکيون آهن، جن ۾ خارجي لوڙهي داخلي تصوير به آهي.

نه رڳو هن ڪهاڻي نويسن ٿر هن ڪالپوءِ پيدا ٿيل ١٩٦٠ ۽ ١٩٧٠ وارن ان ٽيڙهين وارن به، سنڌ ٻاهر ۽ سنڌي سماج جو چٽ چٽيل ڪهاڻيون، ٻهڪيون ٻهڪيون ٻولڪ ۾ لکيون آهن. سنڌ ٻاهر وارن انهن ڪهڪ...

---

*سنڌ ٻاهر جي ڏارا وارن ڪهاڻين لاءِ خاص اڪيل ليکڪ ٻڌو ليکڪ جي ڪتاب "سنڌي ساهت" ۾:

مشهور ڪهاڻيون آهن: وشنو ڀاڳيا جون "نصرپور واري مائي" ۽ "زمين کان آڪاش" جي سنڌ جي مٽيءَ جو جلوو جاڳائين ٿيون. حقيقت ۾ وشنوءَ جو سڄو مجموعو "ديوار ۽ ٽاس جا پٿا" سنڌيت جي ڪهاڻين وارو آهي.

ايشور چندر ان جدائي کي نئين لواي "ملڪيت" ڪهاڻيءَ ۾ پيش ڪيو آهي. ان جو نائڪ مهاجر آهي جو سنڌ کان اجمير ۾ پهچي ڇڏيل مڪان ۾ لڪايل ملڪيت ڏسڻ اچي ٿو. جتي وري سنڌ مان لڏي آيل سنڌي رهي ٿو. ٻنهي ۾ وطن جي حب آهي ۽ ورهاڱي جا واڇا پيڪار محسوس ڪن ٿا.

ڀڳوان ٿلواڻيءَ ورهاڱي جو واڇو ۽ ان کان اڳ جي هندو مسلم محبت جي تصوير تمثيلي نوع ۾ "پکي پرڏيهي" ڪهاڻيءَ ۾ ڏني آهي. اهڙي ئي سنڌيت جي سڪ ڀڳونتي ڪڪڙيا جي ڪهاڻي "ڏيهي پرڏيهي" مان به اڀري ٿي.

لکمي کلاڻيءَ وري ڪلڪتي جي شاهوڪار سنڌين جي سنڌيت جو پروگرام ڏسڻ جي چاهه جو چٽو "ڀاڙ جي چوٽيءَ تي وڻل ماڻهو" ۾ چٽيو آهي جنهن هڪ ٽڻين ليکڪ ايم. آر. وي. سنڌو لکر جي اهڙين شاهوڪار سنڌين جي سنڌيت جي پروگرام لاءِ چاهه نه هئڻ جي اوگهڙ "من جو دڙو" ڪهاڻيءَ ۾ ڪڍي

آهي. اهڙي ئي اوڳهڙ اهڃاڻيءَ جي سنڌان جي اڳواڻي
ڪڪڙاهو ”ساڄنداس جو سنڌ ڪو“ ڪهاڻيءَ ۾ ڪٺائي
آهي. ڪملا راڄپوت وري ٻانهوءَ ڪهاڻيءَ ”اصلاح“
۾ اهڙن سنڌان جي دل ۾ سنڌي ادبي لاءِ چاهنل وري
سڪ جو ذڪر ڪيو آهي.

سنڌ و چالاڪ واڻيءَ ”منوهر جيمل“ ڪهاڻيءَ ۾
سنڌي ٻولي ۽ لوڪ لاءِ ڦرب جي اصول ۽ چڱي آهي ۽
اڪي هڪ لنڪڪ سنڌر هندو مراد ”شري جيومورام“
ڪهاڻيءَ ۾ ٻڌڪاور ۾ رهندڙ هڪ سنڌ و ڊاڪٽر واسوءَ جي
ڪردار ڊاڪٽري چنبڙدي سنڌي ٻوليءَ جو مٺاڻي ماڻهن
۾ ڦهل ڦهلائڻ ۽ ذڪر ڪيو آهي.

جمدي لالواڻيءَ ”دري مان“ ڪهاڻيءَ ۾ ٻاراڻس ۾
ڄاول هڪ سنڌي اسار جو ڪردار پيش ڪيو آهي،
جيڪو ٻاهر رهندي سنڌ جي ياد جا هوڪا ٻڌو ڏاڍي.
هو لسد راڄ ملواڻيءَ وري ”آهوڙي“ ڪهاڻيءَ ۾ ڪٿان ڪٿان
رهندڙ سنڌي ٻالڪ جي ڏاڍ آهوڙيءَ جي ٻاس مٽي
۾ سنڌي ڄاڻيءَ جي ڪرٽائي ٻڌائي آهي.

ڪرشن کٽواڻيءَ سنڌيت جي وشال ڪتي ”هن ٻاو ۾
سنڌي، هن ٻار ۾ سنڌي“ ڪهاڻيءَ ۾ الوڪي ٻولي
ٻڌائي آهي. ڪلاڪي جي هڪ مسلم ڪلاڪي
جو ڪردار ڪالهه جي سنڌي ٻالڪ ۾ ٻالڪا جو ورل
سنڌي سنڌي شاگرد ٻالڪ ۾ هڪ شاگرد ٻڌ مثال

ماڻهن کي مڃائي شادي ڪري ٿي ۽ سنڌي سکي ٿي ۽ ڳالهه ٻولهه پرسان سنڌ جي سرحد وٽ وڃي رهي ٿي.

هنن ان ٻنهن جي ڪهاڻي لوڪسن سنڌيت کانسواءِ سنڌي سماج جا ٻه پاسا پاسا جا چٽر پيش ڪيا آهن.

انهن ۾ ڪٿي بک ۽ غريبي، ڪٿي مصيبت ۽ مجبوري، ڪٿي ڏيتي ليتي ۽ شادي ته ڪٿي پيار ۽ انساني رشتا، ڪٿي پاڪستان ۽ يوروپ، ڪٿي شاهوڪار شاهي سرشتي جي اوکهڙ ته ڪٿي عام هڙتال ۽ گولي بازيءَ جي به ڪهاڻي ڏنل آهي.

مفلسي، مصيبت ۽ مجبوري وشين تي ايشور چندر جون ڪهاڻيون آهن "پنهنجي ئي گهر ۾" ۽ "هوس"، ستاري پدم جي "ٽٽون ڪمرو"، سنڌو چاندواڻيءَ جي "هيءَ به هڪ زندگي".

ڏيتي ليتيءَ ۽ شاديءَ جي مسئلن تي لکمي کلاڻيءَ جي ڪهاڻي "فيصلو"، وشنو ڀاٽيا جي "نفرت جي پل"، ايشور چندر جي "ٻالڪدارم"، لڇمڻ ڀاٽيا جي "مجبور گهڙيون"، ڀڳوان ٿلواڻيءَ جي "وارث ۽ الهڙ ماضي".

انساني رشتن ناتن تي لکيل ڪرشن مهرچنداڻيءَ جي ڪهاڻي "ڏارون"، ڀڳوان ٿلواڻيءَ جي "وڻ جو ڪمل ڏار" ۽ وشنو ڀاٽيا جي "ٽڪرن وارو".

پاڪستان ۽ يوروپ تي لکيل ڪلاڻيءَ جي ڪهاڻي

”هڪ ٻيو سرو“ ۽ وشنو ڀاٽيا جي ”ٻرهم گياني“.

اڄ جي شاهوڪار شاهي ۽ بد انتظام سرشتي کي بي نقاب ڪندڙ ڪهاڻيون آهن: لکمي کلاڻيءَ جي ”سانتا ائي“ جيڪا مڊل طبقي جي سنڌين جي لکمي چڻي جو نهايت خوبصورت چٽ آهي. ٻيون ايڪ ايل. ناگراڻيءَ جي لکيل ڪهاڻي ”اڄا رات ٻاقي آهي“ ۽ هن بيڪار سرشتي بدران نئين سماج بابت سوچڻ جو تصور پيش ڪيل آهي. آخر ۾ چيل آهي ته ڪاري رات کي اوڀر مان لال لهوءَ جي لالاڻ جهلڪا ڏيڻ لڳي هئي. ان مان ٻرچار ظاهر آهي.

ٻهراڙيءَ ۾ لکمي کلاڻيءَ جي لکيل ”اڄ جا سرد ساچا“ ڪهاڻي جو مثال ڏيندس جنهن ۾ ڪلڪتي ۾ عام هڙتال ۽ گوليبازيءَ جي ڪري ڦهليل ڏڪ ۽ سڀ جو جيڪو سنڌي واپارين تي اثر ٿئي ٿو، تنهن جو چٽ چٽيل آهي. هري ايل. ناگراڻيءَ جي لکيل ڪهاڻي الڻ پيئي لڳي جڻ ٢٥-٣٠ سال اڳ ترقي پسند ليکڪ جي لکيل آهي. هنن مثالن مان صاف ظاهر آهي ته ترقي-پسند ليکڪن سان گڏ ٻين ٻڌڻن ۽ وڻجارن جا ليکڪ ته ساڳين موضوعن تي ٻڌندي لسرالي. ٻڌڪ ۽ ٽئين زماني جي تقاضا موجب سنڌي رانديڪي جي ترجماني ڪندڙ ڪهاڻيون لکي سنڌي ڪهاڻي جي سٺي پرمپرا تي هلي رهيا آهن ته ان ۾ ٻڌيچو ... اهڃاڻ

ڪري رهيا آهن.

جيئن هند ۾ تيئن سنڌ ۾ به ورهاڱي بعد وارن سڀني ٻولين جي ڪيترن ئي ڪهاڻي اديبن سنڌي زندگيءَ بابت ڪهاڻيون لکيون آهن. انهن مان ڪي مکيه آهن: نجم عباسي، اياز جليل، نسيم کرل، غلام نبي مغل، قمر شهباز، آغا سليم، عبدالقادر جوڻيجو، طارق علي بابا، مانڪ مير، ماهتاب محبوب، عبدالحق عالماڻي، ظفر حسن، حليم بروهي، ممتاز مهر، خيرالنسا جعفري، مدد علي، هدايت بلوچ، شوڪت حسين شورو، نسرين جوڻيجو، تنوير جوڻيجو، نورالهديٰ، ملڪ آگاڻي، شرجيل، ڪيهر شوڪت، زيب سنڌي، قاضي خادم، محمد دائود بلوچ، بادل جمالي وغيره.

نجم عباسيءَ لڳاتار گهڻي ۾ گهڻيون سنڌي جيوت جون ڪهاڻيون لکي سنڌ ۾ سڀني جهونن لوڙي نئون ڪهاڻي لکڻ ڪان گهڻو ڪڍي ويو آهي ته هن اڄ هڪ نذر لائق مثال به قائم ڪيو آهي.

جهڙيءَ طرح هتي ڪهاڻيڪارن ٻهراڙيءَ جي ٻوليءَ سنڌ ۽ مسلم ٻانڊن جي قرب جون ڪهاڻيون لکيون آهن اهڙيءَ طرح سنڌ ۾ وري هندن جي ياد يا مهما جون ڪهاڻيون لکيون ويون آهن. ڪي مکيه آهن: جليل جي "هوائي"، عبدالرزاق راز جي "ڪاڪو امرت"، نجم عباسيءَ جي "بلدي"، امره زمان جي "وطن"،

طارق اشرف جي "ڏٺي اڻڏٺي"، محمد ڪاظم جي "پکا پکن سان اڏي ويا"، شيخ عزيز جي "منهنجل ليکون"، اور الهڏتي شاهه جي "منهنجو من ٻيٺو ور".

ٿوري ۾ هند توڙي سنڌ ۾ سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي جيوت ڀلي چٽيل آهي. ان فقط انترو پر هڪڙي پارس ۾ نه پوان ان پنهنجن جي ڪن ليکڪن جي سنڌي جيوت ۽ ڪردارن واريءَ ڪهاڻيءَ جي اهميت گهٽائڻ ۽ ڪل اڌائڻ جي ڪوشش جي باوجود، انهيءَ ڪهاڻي لکڻ بند نه ٿي آهي، جا اوهان ليکڪن ۾ لکي آهي نه سنڌي سنڌين کان ٻاهر رهندڙ ليکڪن ۾ به لکي آهي. هتي ترقي پسند توڙي ٻين وهڪار وارن جهونن ۽ نون ڪهاڻيڪارن سنڌي جيوت واريءَ ڪهاڻيءَ سان نه صرف پنهنجي جاليءَ ۽ ٻوليءَ جو فرض ۽ قرض ادا ڪيو آهي، پر سنڌي ڪهاڻيءَ کي به مال ۽ روپ جي لحاظ کان اوچ ڏئي نئين زماني ۽ نئين شعور (چيتنا) سان به نباهيو آهي.

# سنڌي تنقيد جو جائزو

## ورهاڱي کان اڳ تنقيد

ائين سمجھڻ پوري ناداني ٿيندي ته اسان وٽ تنقيد اصلي ماڳ ئي آهي يا تنقيدي ورثو يا روايت (پرمپرا) ۽ سرمايو ڪونهي ڇو ته سنڌي تنقيد جي تاريخ ۽ پرمپرا ايتري پراڻي ٿو ليکين والڪر ۷۰ سال کن جهوني آهي. اهو تنقيدي سرمايو ڪتابن توڙي اخبارن ۽ مخزنن ۾ موجود آهي. هتي انهي اوسر جي اوک ڏوک کي ڪتابن ۾ ڇپيل مواد تائين ئي محدود رکيو پيو ٿو ته اخبارن ۽ مخزنن جي تنقيدي مواد جي به ڳڻ ڳوت ڪجي ته هڪ مقالو ته ڇا، ڪتاب به ڪافي نه ٿئي.

سنڌي تنقيد مغربي ڍنگ تي ئي ٿي آهي. اها مڪمل طرح ٻن ادبي نظرين "ادب براءِ زندگي" ۽ "ادب براءِ ادب" تي ٻڌل آهي* انجو شروعاتي نمونو

---

* تنقيد جي اصولن، نظرين ۽ نمونن تي پڙهو ليکڪ جو تفصيلوار ليک "تنقيد جا مسئلا" ساهت سڳند مخزن (۱۹۵۹) ۾.

اُڀرندي هو. اُن بعد سماجي ۽ ترقي پسند تنقيد وجود ۾ آئي. پهرئين اصولي ۾ ٻئي اداري نظريا مثلا جهڙوڪ نظر اچن ٿا. هر ٻنهي اُن اصولن جو نظريو ادب برائي زندگيءَ وارو ئي آهي جيڪو اڄ ڏينهن سنڌ توڙي هند جي سنڌي ساهت ۾ چالو رهيو آهي. ڪجهه سال کان اهڙي وروڌ ۾ ٻئي اداري نظرئي تي ٻڌل جديديت يعني (ماڊرنزم) پسند تنقيد به شروع ٿي آهي.

تنقيد اصولي ۽ عملي ٿيندي آهي. سنڌيءَ ۾ ويهين جي شروعات ۱۹۱۴ ۾ ٿي. مرزا قليچ بيگ ٿي اصولي تنقيد جي شروعات "سنڌي شعر" ڪتابڙيءَ ۾ ڪئي. ان ۾ سنڌي شعر جي قديم دوهي ۽ بيت کان وٺي اڄوڪي غزل ۽ ٻي قافيه نظم جو ذڪر ڪيو اٿس ته يورپ ۽ پارس جي شعر جي به اوسر ٻڌائي اٿس. وري ۱۹۲۰ ۾ "علم بديع ۽ علم عروض" اصولي تنقيد جا وڏو ڪتاب لکيائين جنهن ۾ نظم ۽ نثر جي نمونن، خامين ۽ خوبين جو ورڻن سنڌي شعر جي مثالن سان ڪيل هو.

لعلچند امرڏنو مل جو "شاهاڻو شاهه" (۱۹۱۴) عبداللطيف ڀٽائيءَ تي لکيل تنقيد جو پهريون مڪمل ڪتاب آهي، جنهن ۾ هن شاهه جي شعر جي نموني، ٻولي، عبارت، معنيٰ، خيال ۽ فن جي خوبين جي سمجهاڻي ڏني آهي. اهڙا هن ٻيا به ڪتاب

"سوانح سچل" (١٩١٦) ۽ "انيءَ وانگي باغ جو گل سنڌي" (١٩٢٠) ۾ لکيا.

عملي تنقيد تي جيٺمل پرسرام به ان زماني ۾ ٿي قلم هلايو. "شاهه عبداللطيف جي حياتي ۽ لطيفي ڪل ڦل" (١٩١٦) ڪتاب ۾ شاهه جي زندگيءَ سان گڏ سندس زماني جو ذڪر ۽ شعر جي معنيٰ، خيال، صورت، معنيٰ، ٻولي وغيره جي تشريحي تنقيد ڏنل آهي. جيٺمل ٻيو شاهه جون آڪاڻيون لکي ڇاپيا (١٩٢٢) ڪڍيا ۽ "سچل سرمست" (١٩٢٢) لعلچند جي "شاهاڻي شاهه" جي معيار جهڙو ڪتاب به شايع ڪيو.

تنقيد جي هنن نئين پاسن جو شاعريءَ بابت نظريو روايتي هو. هنن شعر الهامي چيز ٿي سمجهي ۽ شاهه ۽ سچل جي هر ڪلام مان اڪثر ڪري روحاني معنيٰ ٿي ڪڍي ته به هو ادب برائي زندگي واري نظريي جي واقف هئا ۽ سندن تنقيد ۾ سماجي تنقيد جا ٻج وڌا سمايل هئا. هنن ڪٿي زندگيءَ جي مشاهدي ۽ مواد جي اهميت جي به ڳالهه ڪئي ته ڪٿي الهامڪ ۽ سماجڪ حالتن جو به ذڪر ٿي ڪيو.

اهو ڌيان رهي ته ان زماني ۾ هندستان جي ٻين ٻولين ۾ به انگريزي اهڙي تشريحي تنقيد ٿيندي هئي. ان تنقيد به سنڌي ادب جي ترقيءَ ۾ اهم حصو ادا ڪيو هو.

۱۹۲۳ سنڌي آلوچنا هڪ وڌي وک وڌائي جڏهن
ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻيءَ شاهه جي رسالي جو پهريون
ڀاڱو ڇپايو جنهن ۾ هڪ وڏو ڪوجهائو، علميت ۽ ادبيت
وارو تنقيدي مهاڳ ڏنل هو جو گهڻو پوءِ جدا "مقدمه
لطيفي" ڪتاب ٿالي ۾ نڪتو. ان ۾ ڊاڪٽر صاحب
خاص ڪري شاهه جي شعر جي ٻولي، مضمون ۽ عبارت،
خوبين، سنڌي ٻولي ۽ هن جي صوفي مت وغيره جي
جيڪا تفصيلوار اصولي توڙي عملي تنقيد جي تصوير
ڏني آهي سا ان کي سنڌي تنقيد جي تاريخ ۾ اهم
درجو ڏئي ٿي ۽ اڳين ذڪر ڪيل ٽن پهلوئن سان گڏ
چوٿون پهلو اڀاري ٿي. اهو آهي ته ڊاڪٽر هن ٽن
نقادن وانگر شعر کي الهامي چيز ٿو سمجهي پر هن
کان ان ڳالهه ۾ صفا نرالو آهي ته هو شاهه جي ظاهر
ظهور، عشقي ڪلام مان ڇڪي ڪڍي روحاني راز جي
معنيٰ اُٿو ڪئي. ان ڳالهه ڊاڪٽر جي تنقيد کي نه رڳو
سماجي تنقيد صورت ڏني پر سنڌي تنقيد لاءِ هڪ نئين
روايت به پيدا ڪئي، جا اڄ به روشنيءَ بخش آهي.

## تنقيدي بحث ۽ تذڪرا

ڊاڪٽر جي رسالي ۽ مهاڳ تي تنقيد جو هڪ سلسلو
جڙي پيو هو، جنهن ۾ ٽن آلوچڪن کان سواءِ پيرومل
مهرچند، دائود پوٽي، ديوان ليلارام سنگهه، پرمانند
ميوارام، حڪيم محمد سومراڻي، عثمان علي انصاري

وغيره. پاڻ ورتو، جن چڱو تنقيدي مواد ميسر ڪيو.
جنهن پڙهيل طبقي ۾ شاهه لطيف لاءِ چاهه وڌايو.
پيرومل مهرچند نه "لطيفي سير" (١٩٢٨) جهڙو تحقيقي
ڪتاب لکي عملي تنقيد جو ثبوت ڏنو ته ڪيئن نه شاهه
صاحب جدا جدا هنڌن جو سفر ڪري جيڪي ڏٺو پسيو
ٻڌو آهي اُن جو چٽو چٽيو آهي جو ڪ رسالي مان
بيتن جا حوالا ڏيئي ثابت ڪيائين. پيرومل هڪ هنڌ
لکي ٿو: "رسالي ۾ ڏيڍو روحاني راز ڪيهون، پر ڪٿي
نه صفا سنڌ جي آڳاٽي تاريخ ۽ جاگرافيءَ جا بيان آهن."
هن مان ظاهر آهي ته ڪلام خدائي الهام نه پر دنيا
جو اُپٽ ۽ احساس آهي. ٻيا تنقيدي اهم ڊاڪٽر دائود
پوٽي جي "شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام" (١٩٣٧)
۽ "ابيات سنڌي" (١٩٣٩) ڪتابن ۽ ١٩٤٠ ۾ تعليمي
ڊائريڪٽر طور درسي ڪتابن ۾ اعرابن ڦيرائڻ جي دائود
پوٽي جي ڪوشش خلاف ٿيا هئا، جن جي جهلڪ
پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جي يادگار ڪتاب ورهاڱي
کان اڳ جي سنڌي نثر جي تاريخ (١٩٦٨) مان ملي ٿي.
ان ۾ پروفيسر تاريخي انگن اکرن، حوالن سان گڏ ڪٿي
ڪٿي پنهنجي تنقيد به ڏني آهي. ان تاريخ لاءِ ڪيترو
مواد پروفيسر کي ١٩٤٠ کان ١٩٤٧ تائين "سنڌو" ۽
ٻين مخزنن ۾ ڇپيل سندس تحقيقي ۽ تنقيدي ليکن
مان مليو.

پروفيسر ملڪاڻيءَ جي تاريخ واڳر ١٩٤٧ کان اڳ
محمد صديق ميمڻ "سنڌي ادب جي تاريخ" لکي،
جنهن ١٥٢١ کان ١٨٤٣ تائين سنڌي ادب جو مختصر
تبصرو ڏنائين ۽ ورهاڱي بعد ١٩٥١ ۾ وري اها ٻي
ڀاڱي ۾ ١٨٤٣ کان سواءِ ١٨٧٥ تائين واري سنڌي نظم
توڙي نثر جو تبصرو ڏنائين.

اهڙو ئي ٻيو اهم ڪتاب ١٩٤٣ ۾ لکيو "تذڪره
لطيفي" جنهن جو ٻيو ڇاپو ١٩٦٤ ۾ نڪتو ۽ هن
**بندي کي سنڌ جي سفر وقت ١٧ جولاءِ ١٩٦٤**
تي ڪتاب جي ليکڪ لطف الله بدوي تحفو ڪري ڏنو
هو. ان ۾ سنڌي شاعري (قديم زماني کان روحل تائين)
جو تاريخي پس منظر ۾ تبصرو ڏنل آهي جنهن ڪو گهڻو
شاهه لطيف بابت آهي.

ٿائي گهوٽ تي ورهاڱي کان اڳ هڪ ٻيو تنقيدي
ڪتاب لکيو تاراچنداس ڀمباڻيءَ جو "شاهه جون
سورميون" (١٩٤٤) ان ۾ سهڻي ۽ سسئيءَ، مومل ۽ ليلا،
مارئي، اوڙي ۽ سورٺ جي سيرت نگاريءَ جي اوک
ڊوک ڪيل هئي. ليکڪ جو نظريو ادب براءِ زندگيءَ
وارو نظر اچي ٿو.

## ترقي پسند تنقيد

ليڪن مٿين ڪتاب کان اڳ سنڌي ادب ۽ تنقيد
۾ قومي خيال ۽ اسي معياري جنگ. وقت هڪ ٿين

ترقي پسند ڌارا جو جنم ٿي چڪو هو، جنهن ٿي اثر
هو مارڪسواد ۽ رشيا جي سوشلسٽ انقلاب جو. اها
ڌارا جهوني سماج ۽ سرشتي کي بدلائي نئين اڏاوت
ڪرڻ ۽ ترقيءَ جي راهه اپنائڻ جي ڌارا آهي. ان
وچار ڌارا کان متاثر ٿي ليکڪ بسمل ۱۹۴۱ ۾ ڇپايل
پنهنجي ڪتاب "ڇڪڙون" ۾ "شاهه جو سنيهو" ليک
۾ طلب ڪئي ته "شاهه کي نئين سر سمجهڻ جي ضرورت
آهي.... شاهه کي فقط مولانا رومي ۽ هندو جوڳين جي
عينڪ سان ڏسڻ صحيح ناهي... انسان کي ڪمتري ۽
خدائي ذات جو ته هجي پر هو پنهنجي زمين، زماني ۽
قوم جو مطيع (تابعدار) آهي... سچو صوفيڻو وحدت
ڪثرت جز ۽ ڪل ٿي وعظ ڪرڻ ۾ ناهي، پر آدميت
يا بشر (انسان) دوستي ۾ آهي... تنهنڪري انسان کي
شاهه جو ابياس نئين نقطه نگاهه کان ڪرڻ کپائي".

ساڳيءَ نظر سان ٿي اپريل ۱۹۴۲ جي "سنڌو" ۾
ترقي پسند نقاد برڪت علي آزاد "ادب ۽ زندگي" ٿي
نظرياتي مضمون ۾ لکيو، اڄ ضرورت آهي ته انسان جا
ليکڪ پنهنجي نثر، نظم ۽ شاعريءَ جو رخ ملڪ جي
عام جنتا، هارين ناريءَن، پورهيتن، مزدورن ۽ سندن
زندگيءَ سان تعلق رکندڙ معاملن ۽ ڏکيائن کي حل ڪرڻ
۽ منجهن سياسي شعور، انساني حقن جي شناس،
آزاديءَ جي قدر ۽ قيمت جي احساس پيدا ڪرڻ جو

پروگرام پڌرو ڪن....." هن جديد ادب جي ترقيءَ لاءِ هڪ جماعت ۽ اخبار جي به تقاضا ڪئي.

چار سال پوءِ گوبند مالهيءَ ترقي پسند ليکڪن جي مجموعي پوءِ قسمتي" جي مهاڳ ۾ ترقي پسند ادب جي اهميت ۽ ضرورت ٻڌائيندي لکيو، ترقي پسند ادب انساني موجوده سماج جي کشمکش مان پيدا ٿيو آهي ۽ انساني فطرت جي انقلاب جو عڪس آهي. ترقي پسند ادب پنهنجي زندگيءَ کي عوام جي زندگيءَ سان ڳنڍي ٿو. هو ماڻهن جي وچ رهي انهن جي هر ڪنهن مسئلي کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو..... هن سماج کي تبديل ڪري هڪ نئين دنيا اڏڻ ٿو گهري.

ان وقت ۸ جنوري ۱۹۴۶ جي "هندو سنسار" روزاني ۾ آسر جو "سماجڪ ٻلوو" ناول بابت عملي تنقيد وارو مضمون "نه گهرجي انسان کي ههڙو ساهت" ڇپيو. ان ۾ هن ٻڌايو ته ڪيئن اهو ناول سيرت نگاري، واقع ڪاري ۽ حقيقت نگاريءَ جي لحاظ کان ناڪامياب آهي. ناول ۾ ڪابه حقيقي ٻلوي جي باهه نه هئي، نه انقلاب جي آڳ هئي، نه هئي مجهس لواڄ ۽ نه تازگي! نه جوش نه جذبات جو ڪنهن سندر ڪاوڻ لاءِ اساهت ڪري. لکيائين هڪ رجعت پسند ناول هو، جنهن ۾ ترقيءَ جو ڪوبه تررو موجود نه هو. لکڪ ۾

وڌيڪ چيل هو ته اسانجي ساهت ۾ تبديل اچڻ کپي. اسانکي انقلابي ۽ ترقي پسند ليکڪن جي افسانن ۽ ڪهاڻين جي ضرورت آهي.

هن چئن ليکن، جن جي اهميت جو ذڪر پروفيسر ملڪاڻيءَ سنڌي نثر جي تاريخ ۾ به ڪيو آهي، ظاهر آهي ته ورهاڱي کان اڳــ ئي سنڌيءَ ۾ ترقي پسند تنقيد (اصولي ۽ عملي) شروع ٿي چڪي هئي. شيخ اياز به ان وقت اهڙي آلوچنا ۽ سمالوچنا لکي هئي.

ورهاڱي کان اڳ ئي ڪن ترقي پسند ويچارن جو اثر ڪن بزرگن تي به ٿيڻ لڳو. جيئن ليکراج عزيز جهڙي شاعر ۽ نقاد به ان وقت پنهنجي هڪ مضمون لطيفي لاٽ" ۾ لکيو، ”هيلتائين شاهه جي رسالي کي فقط سلوڪ ۽ تصوف جي نگاهه سان ئي ڏٺو ويو آهي.... منهنجي خيال ۾ شاهه جي ڪلام تي نئين سر نگاهه وجهڻ جي ضرورت آهي... منجهس بشريت (انسانيت) وطنيت، قوميت، حريت (آزادي) جي تعليم سان گڏ محنت ۽ عمل ڪرڻ جي به بار بار اظهار ڪيل آهي... جيڪڏهن شاهه جي ڪلام تي فقط تصوف جو ورق چڙهيل هجي ها ته اهو هر دل عزيز نه ٿي سگهي ها. ڇاڪاڻ جو ڪو به ڪلام جي پنهنجي زمين، زمان، حال، ڪال جي موافق نه هوندو ته هم وطنن کي دلچسپ نه لڳندو."

ان سمي پروفيسر ڪلياڻي ۽ سندس ڌيءُ ڪملا
"سنڌي شعر جي ڪسوٽي" (١٩٤٦) ڪتاب ۾ پروفيسر
ڪلياڻيءَ بيدل جي پرک ڪندي هندي ڪلام جي
ٻه رنگو ۽ هڪ رنگو هٿرادو واري خامي نه ٻڌائي انس
جا "پيروي اڳاهه پونيل" ۽ ڪلام رنگو "الٽر الهامي"
هٿرادو ڌري آهي. هيڙي لموالي صوفي شاعر جي ڪلام
جي خاميءَ جو ذڪر ڏيکاري ٿو ته ان وقت تنقيد ۾
گهڻي هوا جو اثر گهڻو لڳو هو. ڪملا ڪلياڻيءَ وري
ليکراج عزيز جي شعر جي ڪٿ ڪئي هئي. ان جي
جواب ۾ ابراهيم خليل جو ڪتاب "ڪلياڻيءَ جي
ڪسوٽي" [١٩٤٧] لکيو هو. ان ۾ عزيز ۽ بيوس جي
بيت واري تنقيد نه هئي.

## ورهاڱي بعد ڀارت ۾ ترقي

سنڌي تنقيد ائين جوانيءَ ۾ پير پاتا لڳي هئي ته
بدنصيب ورهاڱو ٿيو. سنڌي ادب ۽ تنقيد کي ڀارت
۾ ٽٽڻ سان پالڻو ٽاڪڻو پيو. پهريون پروفيسر ملڪاڻيءَ پڻ
مکيه سنڌستان "ٽٽڻ ڊليا" مضمون ۽ سنڌي ساهت
مڪمل "سنڌي ساهت کي ڄڙ پير جمڻ ڏنو ۽ ان جي
ترقيءَ کي اوج ڏني." آزاد ڀارت ۾ سنڌي ساهت
جو مختصر جائزو- ١٩٨٠).

مضمون ۽ ٽٽڻ ڊليا سان گڏ سنڌي تنقيد کي نه ڄڙو
واڌو. پروفيسر ملڪاڻيءَ جي وڌيڪ ۾ مضمون جي،

هفتيوار ادبي ڪلاس ۾ پڙهيل ليکڻين تي ڪيل تنقيد جي
معيار اعليٰ هوندو اعتداليءَ، اعليٰ هگوراڻي ۽ خود ملڪائيءَ
کي به عجب ۾ وجهي ڇڏيو هو ته اهو ليکڪن ۽ نقادن
کي به واقف ڪيائين. البت اها تنقيد ڪڏهن انتها پسند
۽ تنگ نظر واري هئي، پر اڪثر ڪري پاسخاطريءَ
واري نه هوندي هئي، جيئن ترقي پسند ٿي ڪي الزام
لڳائيندا آهن. هو نه پاڻ هڪ ٻئي ۾ تنقيد ڪندا هئا.
ان ڪانسواءِ تنقيد ۾ موضوع سان گڏ فن جو به خيال
رکندا هئا. سيمينارن ۾ ادبي بحث ذريعي ترقي
پسند نقادن پنهنجي سڄي روايت تي نقش قدمي ڪئي
ته ان ۾ اضافو به ڪيو ۽ پنهنجي ماضيءَ جي ادب ۽
ادبين جي قدرشناسي به ڪئي. انهن تنقيد سڄي
ترقي ڪئي.

## بزرگ نقادن جي دين

پارٽ ۾ پهريون سنڌي تنقيد جو ڪتاب "ادبي اصول"
(١٩٥١) پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ شايع ڪيو جنهن
سنڌي تنقيد ۽ ادب کي خاص ڪري سمالوچنائون
لکي ڏاڍي اوچ ڏني. ڪتاب ۾ ساهت جو اڀياس،
شعر، نظم، ناول، ناٽڪ، مضمون، تنقيد، آکاڻيءَ جا مول
متا سليس ۽ سهڪ سنڌيءَ ۾ سمجهايل هئا ته سنڌي
ساهت ۾ انهن سڀاڳين جو مختصر تبصرو ۽ ان وڏن ناٽڪن
۽ ٻين ناولن جي سمالوچنا به ڏنل هئي اهڙي ڪتاب ۾

تنقيد جي ٻنهي اصولي ۽ عملي پهلن جو ذڪر ڪيو
اهو ڪتاب پروفيسر کي ڀـــارت ۾ سنڌي تنقيد جي
باني جو درجو ڏئي ٿو.

جيئن ئي ڪتاب لکيو ويئن ئي سنڌي ســـاهت
منڊل ۾ ان تي هن پنهنجي تنقيدي نظر ڪئي ۽ جيڪو
ليک پڙهيو سو نئين دنيا ۾ ”ساهتيه ڇـــا آهي“ نالي
مارچ 1951 ۾ ڇپيو ۽ انهي وڌيڪ سمجهاڻي ڏئي ليک
”ادب ۽ زندگي“ ۾ ڏئي جو نئين دنيا ۾ جولاء 1951
۾ ڇپيو. اهي ٻئي ليک ورهاڱي بعد جي ترقي پسند
تنقيد جا پهريان اصولي ليک آهن، جيڪي پـــروفيسر
ملڪاڻي جي لفظن ۾ ”ساهتڪ مسئلن تي ترقي پسند
نظريي کان چٽي روشني وجهن ٿا.“ [پڙهو هندو سنڌي
ساهت جو مختصر جائزو ڪتاب].

پروفيسر ”ادبي اصول“ ۾ ان ”شاهڪار ڪتاب“
کي ساهت ڪوٺيو هو جيڪو ”عالمگير دلچسپي وارو“
۽ ”مڪان ۽ زمان جي بندشن کان ٻاهر“ هجي. اسان
ترقي پسند ليکڪن خاص ڪري سنڌي ســـاهت منڊل
جي ٻانيڪارن جا، ان ادبـــي اصول سان متفق هئا.
انهي وچار ۾ ادب، انساني خيالات ۽ جذبات جـو
دلڪش عبارت ۾ اظهار آهي. جنهن ۾ ٻنهي زمان ۽
زماني جو چتر چٽيل لڳي ٿو. جيئن خود پروفيسر جي
لکڻن مان به ظاهر آهي. پروفيسر ”ادبـــي اصـول“

جي پٽي ڇاپي ۽ ترتيب سنڀالي ۽ ڪجهه درستي ڪئي.

حقيقت ۾ پروفيسر ملڪاڻي "ادب براءِ زندگي" جي نظريي جو حامي هو جيئن "ادبي اصول" ڪتاب مان ظاهر آهي. هو ان لحاظ کان ترقي پسندن جي گهڻو ويجهو هو، جيئن منجهل ۾ ڪنول ۽ مخزن ۾ ڇپيل سندس آلوچنائن ۽ سمالوچنائن مان به ظاهر آهي جيڪي ڪجهه هن جي آخرين ڪتاب "ڀارت ۾ سنڌي ساهت جو مختصر جائزو" ۽ ڀارت ۾ سنڌي ساهت جي سمالوچنا" ۾ ڏنل آهي. هن نون ماڊرن ليکڪن جي بي مقصد، غير حقيقي ۽ نراشاوادي نظريي کي ننديو آهي. هن اهم ڪتاب مان سنڌي ساهت جي جهلڪ ۽ پرک به ملي ٿي. اهي ڪتاب پروفيسر کي ساهت جي اتهاسڪار کان وڌيڪ هڪ پختو آلوچڪ ۽ سمالوچڪ سڏ ٿا ڪن، جيئن سندس اڳيون يادگار ڪتاب "سنڌي نثر جي تاريخ" (ورهاڱي کان اڳ جي دور بابت) وري آلوچڪ کان وڌيڪ سندس اتهاسڪار جو روپ ٿو پسائي.

ٻئي بزرگ اديب پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ اسانجي ڪلاسيڪل ڪوين جي ٿورن لي هڪ ٻئي پٺيان جدا جدا مڪمل تنقيد جا ڪتاب شاهه (١٩٥١)، سامي (١٩٥٣) ۽ سچل (١٩٥٤) شايع ڪري ٿون ڪارڻ قائم

ڪيو. هن شاعرن جي ذڪر ۾ فن جو تفصيلي جائزو ورتو آهي ۽ ڪٿي ڪٿي نئين ڳالهه ۾ ڪٿي آهي ۽ نئين نظر ۾ ورتي آهي، جيڪا هن ڪتاب کي خاص اهميت بخشي ٿي. مثلا "شاهه" ۾ پروفيسر ناڪي طرز تي جهڙو ۽ وڏو باب ڏنو آهي، [جنهن ۾ ٻڌايو اٿس ته شاهه سيرت نگاري ۾ واقع ڪاري "سهڻي ۽ وائي" سان ڪئي آهي] جو هن کان اڳي ڪنهن نه ڏنو هو. "شاهه جون سورميون" واري باب ۾ وري صرف دلپوي پيار جو ذڪر ڪيو اٿس. هن لوڙي "ناڪي طرز" واري باب ۾ ٿي پروفيسر روحاني مطلب نه ڏنو آهي، جيڪو سندس تنقيدي نگاهه کي اهميت بخشي ٿو. اها نرالي "سامي" ڪتاب ۾ پاڪائي ۽ ڪوڙ ڪپت باب سامي جي رخ تي روشني وجهندي به ڏني اٿس. پر اها "سچل" جي ڪتاب ۾ سڀ کان وڌيڪ آهي. "سچل، اُن ۽ آزاديءَ جو اُمير" باب ۾ ترقي پسند تنقيد جو اثر صاف صاف ظاهر آهي، جنهن ۾ پروفيسر چوي ٿو، "هن (سچل) صاحب جي تصوير ۾ هڪ اهڙي غير طبقيوار سماج هئي جنهن کي هيئنر CLASSLESS SOCIETY چئو ٿو وڃي."

پروفيسر هالٽوڪن اچارن سان شاهه جو مڪمل رسالو [١٩٥٨] ۽ مڪمل رسالو [١٩٦٦] تفصيلي تنقيدي مهاڳ ۽ معقول سان ڪليپي سنڌين سان وڏو قدر ڪيو.

پروفيسر ڄيٺمل پارواڻيءَ "هندي ڪرتا" جي اصولن، ڇند وديا تي "ڇند سڳنڌ" ۽ پارسي وزن تي "عطر عروض" ڪتاب ڪيا. پهريون ڪتاب خاص اهم آهي جو ان ۾ ليکڪ ثابت ڪيو آهي ته شاهه، سچل ۽ سامي جا بيت هندي ماترائن تي ٻڌل آهن. تازو هن جو "سوامي دادو ديال" جو تحقيقي ۽ تشريحي ڪتاب به لکيو آهي.

پروفيسر پوپراج ٽاگراڻيءَ جو ڪتاب سامي جا سلوڪ (١٩٥٥) جا ٽي ڀاڱا لکيا. انهن ۾ سلوڪن جو عدد اڍين کان تمام گهڻو آهي ته پروفيسر جو تشريحي تنقيدي مهاڳ به آهي. ڪتاب ۾ پرنسپال ايل. ايڇ. اجواڻيءَ جو به اهم ديباچو آهي. جنهن ۾ چيو اٿس ته "سامي جڳتا جو شاعر آهي". اهڙي اصولي جو ترقي پسندن جو اظهار پروفيسر اجواڻيءَ، پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي ڪتاب "سنڌ جون سٽ ڪهاڻيون" (١٩٥٢) جي مهاڳ ۾ شاهه لطيف لاءِ ڪري ٿو ته "شاهه جي شعر کي رڳو صوفي ڪلام سمجهڻ سراسر بي انصافي آهي ڇاڪاڻ جو انهيءَ ۾ سنڌ جي سونهن ۽ سنڌيت جي چال جو اظهار آهي جنهن ۾ صوفين جو ڪو واسطو ڪونهي......"

پرنسپال اجواڻيءَ ترقي پسند وچار ڌارا جي اهميت محسوس ڪندي ئي "نئوس جو شعر" مضمون ۾ لکي ٿو ته "ترقي پسند ليکڪن کان گهڻو اڳ، نئوس سنڌين

کي سرمائيدارن جي ظلمن کان آگاهه ڪيو هو“ اهي مضمون هن جي ”اڇل“ ڪتاب ۾ ڪن سماوچارن سان گڏ به ڇپيل آهن. ترقي پسندن جو اهو اثر ٻين نثرنگارن ديودت ڪندارام، مدو گدواڻي، رام پنجواڻي وغيره جي هندواسيءَ ۾ اهڙن ڇپيل ليکن ۾ به نظر اچي ٿو.

ان زماني ۾ لعلچند امرڏنومل جو شاهه جي ”سُر ڏهر“ (١٩٥٦) تي تشريحي تنقيد جو ڪتاب به لکيو. ان ۾ لعلچند ڪٿي ڪٿي شاهه جي ڪلام جي معنيٰ کي هتي جي شرنارٿي (پناهگير) سنڌين جي زندگي سان لڳايو آهي.

پر ان دور ۾ جنهن تنقيدي ڪتاب خاص چوٻولو مچايو، سو هو پروفيسر ليکراج عزيز جو ”گل و خار“ (١٩٥٦) ان ۾ تنقيد ۽ شاعريءَ جي نمونن جي مقالي سان گڏ خاڪي ۽ ٻويس جهڙن بزرگ شاعرن ۽ نوجوان شاعرن (ڪل ١٥ ڄڻن) جي شعرن ۾ فن جون چوڪون ۽ درستيون به ڏيکاريون اٿس. ان ڪتاب ۾ ٻويس ۽ عزيز جي شاعريءَ تي سنڌي ساهت منڊل ٽوڙي ڪن عام مڙن ۾ به ادب ٿيو هو ۽ نئين دنيا ۾ ليک به ڇپيا هئا.

”معيار“ ڪتاب ۾ سنڌي شاعرن جي معنوي ۽ ٻولي جا سڀ نه ڏيکاريا آهن، پر انهن جي ڪلام ۽ تنقيد جي ٻين پهلن کي نظرانداز ڪري ”ادب براءِ ادب“ جي نظريي جي ٻه-روي ڪئي آهي. البت ان تنقيد مان

اهو فيض وسيع ضرور جو نوجوان شاعر فن ۽ ٻوليءَ تي خاص ڌيان ڏيڻ لڳا.

ان عرصي جي تنقيدي پرک جون ٻه ڪتابڙيون "سنڌي جي ڪٿون" ٽالي ۽ اکيون هيون، جن جا ليکڪ هئا طالب ۽ سڪايل. انهن ۾ ڪاليجي سنڌي ڪتابن جون چوڪون ڏيکاريل هيون.

ٻر عزيز جو صحيح تنقيدي ڪتاب لکيو "ساهي" [١٩٦٥] جنهن ۾ سمهڪ سنڌيءَ ۾ ويداڻتي اسڪاهه کان تشريحي تنقيد ڏنل آهي.

پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ بعد ٻئي بزرگ نقاد جنهن سنڌي آلوچنا کي خاص اوج ڏني آهي سو آهي تيرٿ بسنت. هن جو نظريو به پروفيسر والڪر ادب براءِ زندگي وارو آهي. سندس ٽن چئن ڪتابن مان مکيه هي آهن: ساهتيه سار [١٩٦١] ۽ ساهتيه سرج [١٩٧٨]. انهن ۾ اصولي توڙي عملي تنقيد جا مضمون آهن. ناول نويسيءَ کي ڇڏي ٻين سڀني ادبي شاخن جا مثال ٻڌايا اٿس. هن جو هرهڪ مضمون وچارن جو ساگر، دليلن جو درياهه ۽ علميت جو انبار آهي. مضمون نگاري، جيوني ڪلا، ڪهاڻي ڪلا ۽ ناٽڪ ڪلا وارا مقالا نه مال توڙي روپ جي لحاظ کان ڀرپور اٿس.

ليکڪ جو ادب براءِ زندگيءَ وارو نظريو ڪتابن ۾ پکڙيو پيو آهي. ساهت سرج ۾ چوي ٿو ته، "ڪلا

ڪوڙ ناهي، انکي ڪو ملمع ۽ مصنوعيت آهي. ڪلا
جيون جي سرچشمي مان ڦٽي نڪري ٿي ۽ جيون کي
ان جي وشيه آهي، جنهن ڪري زندگيءَ کان منهن
موڙي ڪوريئڙي وانگر ڄار اُڻڻ ڪا ڪلا ناهي.... ڪن
اَڌ مغزن جي ليکي آهي ته ڪلاڪار جيترو اهنڪاري،
عياشي، اوباشڪ هوندو، اوترو واهه واهه جي لائق
آهي. اِها اوندي سمجهه، نٽ شٽ ۽ هلڪڙائي جو
عڪس آهي، جا اوپٽا (اوپڙ) جي شوق ۾ امت لکوين
رواشو ۽ الدمع ايجاد ڪرڻ ۾ اَئي ڪوهڙي وڃي ٿي...
حياتيءَ کي عيش لاءِ وقف ڪري ان مان شخصي
ذميواري خواهه سماج صحت جو وچار خارج ڪرڻ
سياڻپ ناهي... ڪي اولتا ساماڻا آهن جي...... ٻوليءَ
جي جوڳي اڀياس بنا پاڻ کي اديب ٿا چوائين.... ۽ ٻيا
هٿي ٺاهي وڃائي "جينيس" سمجهڻ جا هوڪا ٿا ڏين....
انڪري غلط آهي سمجهڻ ته ٻولي ڪنهن جاهل يا
اَڌ مغزي ليکڪ جي غلط لکڻ سبب لٽين ٿي پوندي
آهي." نقاد لاءِ لکي ٿو ته هنکي تنقيد وقت ليکڪ
جي ذهني، نفسياتي، سماجڪ ۽ آرٿڪ حالتن جو به
اڀياس ڪرڻ کپي.

ليرڪ بسنت جا مٿيان وچار ساهت جي مقصد
نوڙي معنوي، پرڪ نوڙي پرواه [ٻولي] جي اهميت
بخوبي ظاهر ڪن ٿا، جنهن ۾ خاص طور پروفيسر

منگهارام ملڪاڻيءَ ۽ سندس ساٿي ترقي پسند ليکڪن ۾ زور ورتي ڏنو آهي.

بسنت جي ڪتابن مان پڌرو آهي ته هو به پروفيسر ملڪاڻيءَ وانگر مغربي ادب، ادبي اصولن ۽ لاڙن جو برابر احساس ڪندو رهيو آهي، جن لاءِ ڪجهه اوک ڊوک انهن ڪتابن ۾ هن ڪئي آهي. اهڙا اوک ڊوک اسانجي ڪن نون اڀرندڙ ليکڪن کي سمجهڻ دڳ لائڻ ۾ واهر ڪري سگهي ٿي.

اها خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته مٿي ذڪر ڪيل اسان جي بزرگ نقادن سنڌي اديبن جو زندگي ۽ سماج جي ترجماني ڪرڻ لاءِ ڌيان ڇڪايو آهي ۽ ڪن بزرگن خاص ڪري پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ ۽ تيرٿ بسنت ته ساهت کي الهام سمجهڻ واري روايتي نظريي کان ٻاهر ڪي مڪمل آجو رکيو ۽ عقل پسند رخ جي حمايت ڪئي. انڪري هنن جي تنقيد سگهڙي تشريح اـ بر ان کان وڌيڪ سماجي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ترقي پسند بہ آهي. ڪيئن ته هنن ان ڪانسواءِ ٻين بزرگ نقادن جي به تنقيدي دين آهي، جيڪا آجهان لائق آهي.

## ترقي پسند تنقيد جي دين ۽ اثر

ترقي پسند تنقيد نه فقط رچنا جي مال ۽ رومال جي پرک ڪري ٿي، بلڪ ليکڪ جي ويچارن کي به اتهاسڪ ۽ سماجڪ پس منظر ۾ سندس زماني ۽ زندگيءَ جي

سچائيءَ جي ڪسوٽيءَ تي ڪسي ٿي. ان تنقيد نه صرف
ساهت جي پوري پرک ڪئي آهي، پر انهن پارکن ۾
ليکڪن تي به اثر ڪيو آهي.

ورهاڱي بعد ترقي پسند تنقيد جي عملي روپ جو
پهريون ڪتاب "ٽئگور - هڪ جهلڪ" هن بندي جو
ئي شايع ٿيو هو. ان ۾ گرديو ٽئگور جي حياتي،
ويچارن، ڪوتائن، ڪهاڻين، ناولن، ناٽڪن ۽ سنڌي
ساهت تي اثر جو ترقي پسند نگاهه کان جائزو ورتو ويو
آهي. بزرگ نقاد ۽ ٽئگور ساهت جو ابياسي پروفيسر
منگهارام ملڪاڻيءَ سماوچنا ڪندي لکيو، "اتمن دليا
پاران جو ٽئگور هڪ جهلڪ پستڪ اڪثو آهي سو
منهنجي نظر ۾ نرالو آهي. ڏسجي ٿو ته ڪتاب تي اهو
نالو نهٺائيءَ وچان رکيو ويو آهي، ڇو جو منهنجي ٽئگور
تي صرف هڪ جهلڪ نه، پر پنج جهلڪون ڏنل آهن.
جن مان هر هڪ جهلڪ، صرف جهلڪ نه، پر چمڪو ڇوڪو
شعاع آهي. انهن ڪري هي ڪتاب ٽئگور ساهت تي
پنجن طرفن کان پرڀاور روشنيءَ جو اڇلي...... عجب پئي
لڳي ته ٽئگور جي اٿاهه رچنائن مان اهڙيون ٻه ڪي
آهن جا جن جو شري اُتم بطالعو نه ڪيو هجي ۽ اندازو
نه لڳايو هجي!.... "ٽئگور - هڪ جهلڪ گرديو جي
تصنيفن تي تنقيد جو پهريون مڪمل ۽ ڪامياب ڪتاب
آهي. [اتمن دليا، آڪٽوبر ١٩٦١].

گرديو ٽئگور، ڪالسورٿ ٻين ھنن تي ۽ ھن سنڌي جا ادبي مضمون لکيل آھن: ڪاليداس، گرو نانڪ، ميرا ٻائي، شاھ، سچل ۽ سامي، ديوان ڪوڙومل، پرمانند ميوارام ۽ ليکراج عزيز، ٻيوس، حيدربخش جتوئي ۽ پرسرام ضياء، منشي پريمچند، شرت چندر ۽ مئڪسم گورڪي. پروفيسر منگھارام ملڪاڻي ھنن مان ڪن مضمونن بابت لکيو آھي ته جيون چرتر وارن مضمونن لکڻ ۾ ته "اثر مڪمل پورو ورتو آھي" ۽ "نئين زماني جي نڪته نگاھ کان روشني وڌي اٿس." [پنجھو پارت ۾ سنڌي ساھت جو جائزو].

پروفيسر "سامي تي ھڪ نئين نظر" واري مضمون بابت راءِ ڏيندي لکيو آھي، "انھن ھڪ نھايت کوجنائڪ ليک ۾ سامي‌ءَ جي سلوڪن کي روايتي روحاني نقطه نگاھ سان نه ڏٺو آھي، پر ان وقت جي سماجي، آرٿڪ ۽ سياسي حالتن ھيٺ پرکيو آھي." [نئين دنيا، مارچ ١٩٦٢].

ھنجي اڌ سو کن مضمونن مان ڪي سنڌس ٻن ڪتابن "سنڌي ساھت" [١٩٧٠] ۽ "ساھت ۽ ساھتڪار" [١٩٧٤] ۾ ته ڪي ھن ڪتاب ۾ آيل آھن. پروفيسر ملڪاڻي پنھنجي راءِ ۾ چيو آھي، "نئين دنيا جي آڪٽوبر [١٩٧٢] پرچي جو بھترين مضمون "شاھ، سچل، سامي" اُن جو آھي جنھن ۾ سنڌي شاعري جي نموني

جو اسٽڊي جائزو خوب ورتل آهي. اهو الم جي مجموعي "سنڌي ساهت" تان ورتل آهي، جنهن ۾ هن جا اڀياسي ۽ کوجنائتا مضمون ڏنل آهن، جي ترقي پسند نظريي کان تاريخي پس منظر ۾ لکيل آهن."

انهن تنقيدي مضمونن کانسواءِ هن پنڌي جون ماهوار ٽڏين ڏايا، هفتيوار سنڌو ڌارا، روزاني سنڌو سماچار ۽ سنڌو سنسار اخبارن جي ايڊيٽر طور هڪ سؤ کن ڪتان جون سمالوچنائون به ڇپيل آهن.

ترقي پسند تنقيد جا ٻيو نمبر گهڻا مضمون ڪيرت ٻاٻاڻي لکيا آهن جنهن جا ٻه اهم مجموعا "سنڌي ادب ۾ قدرن جو سوال [١٩٧٤] ۽ اوک ٻوک [١٩٨١] ڇپيل آهن. ٻهران مجموعي ۾ ستن مضمونن مان ٻه، اصولي تنقيد جا "ادب ۽ حقيقت نگاري" ۽ "سنڌي ساهتڪارن جا رچنائتڪ مسئلا" ۽ ٻي عملي تنقيد جا مضمون "سنڌي جديد ناول"، "ادو عبدالرحمان ڪهاڻي" ۽ "سنڌي ڪهاڻي ورهاڱي بعد" آهن. ٻيون مضمون نه صرف ڪيرت جو ٻهتران تنقيدي ۽ تحقيقي مقالو آهي، پر سنڌي جي اهڙن ٻهتران مضمونن مان هڪ آهي، جنهڪر پنهنجي سر تي هڪ ڪتاب آهي. ان ۾ ورهاڱي بعد جي سنڌي ڪهاڻي جي نئن ڌارائن- ترقي پسند ۽ غير ترقي پسند- جي ٢٨ ليکڪن جي ڪهاڻين جي مثالن سان اوک ٻوک ڪري سچي

ترقي پسند ڪهاڻيءَ تي ڪميونزم، نعري بازي، لال جهنڊي ۽ خونريزي جي پرچار جي لڳايل الـــزام کي زوردار رد ڪري ڏنو ويو آهي ۽ ڏيکاريل آهي تہ ڪيترن نہ ترقي پسندن جي مخالفت ڪندڙ ڪهاڻي نويسن جي ڪن ڪهاڻين جا ڪردار سندن مڙهيل غير رواجي، ناممڪن تہ پاسن ؛ ڪن ڪهاڻين ۾ مبهمتا ۽ فراريت پري پيئي آئي. ڪيرت اهڙي قسم جي ليکڪن جي ڪلاڪاري ۽ حقيقت نگاريءَ وارن ڪهاڻين جا بہ مثال ڏنا آهن.

ساڳيءَ طرح ڪيرت جديد سنڌي نـــاول ۾ ورهاڱي بعد جي انهن ڏهاڪن جو جائزو وٺندي ٻڌايو آهي تہ هتي ناول ۾ هڪ نئين جاڳرتا جو دور شروع ٿيو آهي جنهن ۾ اڪثر ليکڪن تخليقي حقيقت نگاري پيش ڪئي آهي، پر اها بلندي حاصل نہ ڪئي آهي.

امرلعل هنگوراڻي جي آدو عبدالرحمان ڪهاڻيءَ تي مضمون بہ غير ترقي پسندن طرفان ان کـــي رد ڪرڻ جي ڪوشش کي جواب آهي. ان مان ظاهر آهي تہ ترقي پسند تنقيد ڪيترن نہ صحيح ادبي ورثي جو قدر ڪندڙ آهي.

ڪيرت جيءَ پنهنجي ڪتاب ”اوک ٻوک“ ۾ ٥ ليـکن مان ٽي تنقيد سان واسطو رکندڙ آهن. سنڌي ساهت ۾ سنڌي زندگـــي، ورهاڱي بعد سنڌي تنقيـدي ادب ۾

سنڌي ساهت ۾ مذاق. ٻوليون مقالو جيڪو سچي
ڪتاب جو ٽيون حصو آهي، سو ٻين ان ليکن جي ڀيٽ
۾ وڏي ۽ وسيع، ڪاڻياب ۽ جاندار آهي. ان ۾ شاهه
لطيف کان وٺي لعل ٻچواڻيءَ تائين ليکڪن جي مذاقي
۽ طنزي لکڻين جو ذڪر آهي. البت ورهاڱي کان اڳ
جي مشهور شاعر حيدر بخش جتوئيءَ جي مذاقي ۽ طنزي
شعرن جو مجموعو "آزادي - قوم" ۽ "شڪوه" ۽ ٻرک
ليکڪ ليرت ڀسنت جي "چٽڪون" ڪتاب جي "تالو"،
"جوت"، "سنگيت ساز" مضمون ڪي وساريو ويو آهي.

جهڙو ئي هي مقالو مالدار آهي اهڙو ئي "سنڌي
ساهت ۾ سنڌي زندگي" ليکڪ سطحي آهي. ليکڪ رڳو
۴ ناول نويسن، ٦ شاعرن ۽ ١٠ ڪهاڻي نويسن جي
رچنائن جا مثال ڏنا آهن. انهن مان ٻه ڪهڻن مثالن ۾
سنڌي جيون کي سنڌ جي ياد جي جدائي تائين محدود
ڪيو اٿس، جيڪو ليکڪ لوڙي ليکڪ جي ناڪامي
ڏو پڌائي.

ٽئين مضمون ۾ ڀارت جي ورهاڱي بعد جي سنڌي
تنقيد جي اُن لاڙن جو مختصر ليکو چوکو ڏنل آهي.
روايتي، ترقي پسند ۽ جديد پسند تنقيد ليکڪ چوي
ٿو، ورهاڱي کانپوءِ هڪ نئين روايت شروع ٿي ......
ترقي پسند ادبي اسان پرستيءَ جي اصولن کان وٺي
هڪ طرف اصولي تنقيد جا نوان پهرا ٺاهيا ...... ۶

اُن طرف اهڙي نظرئي جي بنياد تي سنڌيءَ جي هاڻوڪي توڙي آڳاٽي ادب جي سماجڪ توڙي اتهاسڪ پس منظر ۾ ڇنڊڇاڻ ڪئي." هو وڌيڪ چوي ٿو ته "جديد پسند وارن نقادن مان ڪنهن به ڪا وڏي ڪاوش اها پيدا نه ڪئي آهي."

هن ليک ۾ اسان ڪجهه ضروري ليکڪن جا ڪتاب نظرانداز ڪيا اٿس. (جيئن هن پنڌي جي هن مقالي مان ڏسي سگهجي ٿو.) جن جو ذڪر ضروري هو، جيئن ليکڪن جي تنقيدي لاڙي جي خبر پوي.

ڪيرت ٻاٻاڻي هن ڪتاب جو مهاڳ پوپٽي هيرانندڻيءَ کان لکايو آهي جيئن پوپٽيءَ وري ڪيرت کان پنهنجي ڪتاب "ٻولي منهنجي ماءُ" جو مهاڳ لکايو آهي. پوپٽيءَ مهاڳ ۾ پنهنجي خود نمائيءَ ليکڪ جي خوبين کان وڌيڪ خاميون ڳڻائڻ جي روايت (پوپٽي پرمپرا) شروع ڪئي آهي. پوءِ به چوي ٿي، الم، ڪيرت ۽ مالهيءَ، ٽنهي مال سان ڀرپور مضمون پيش ڪيا آهن. پر الم جي پيٽ ۾ مالهيءَ جا ۽ مالهيءَ جي پيٽ ۾ ڪيرت جا مضمون وڌيڪ ترڪيبوار نموني ۾ لکيل آهن." پر ان پيٽ جا مثال ڏنا ئي ڪونه اٿس. اٽلو چيو اٿس، "ورهاڱي بعد سنڌي ٻوليءَ کي ڦلهڙ وکڙ ۾ سنڌي ساهت جي کٽين شاخن جي وڪاس لاءِ جدوجهد ڪرڻ لاءِ جيڪڏهن ڪنهڪي پيا ڪن کي

جنهن جو پاڻ ئي ڀرپور اظهار آهي ۽ آهي آهن هي نثري
پسند ليکڪ."

پروفيسر ارجن شاد جو "هيوس جو نئون دور" (١٩٧٠) هن صدي جي ڏهاڪور لـي اڪيل ڪتاب بعد ٻيو نثري پسند تنقيد وارو ڪتاب آهي، جنهن ۾ هڪ ليکڪ جو جائزو ورتل ويو هجي. شاد، هيوس جي دور ۾ سنڌس شعر جي پرک ڪري اهو نتيجو ڪڍيو آهي ته "سنڌي شعر ۾ نثري پسند ويچار ڌارا جا آغاز هيوس کان ٿئي ٿو."

اهڙي نثري پسند نگاهه سان سگهن آهوجا وري نارائڻ شيام جي شاعري جي ڪتاب "روشن ڇانورو" مجموعي جي مهاڳ ۾ ڏاڍو مائيدار مقالو ۾ ڪري نثري پسند تنقيد ۾ اضافو ڪيو.

نثري پسند تنقيد پنهنجي اصلهه، دين سان سنڌي ساهت کي وڌايو ۽ واڌارو آهي ته. پين ويچار وارن ليکڪن جي آلوچنا لي ۾ اثر ڪيو آهي. اهو اثر ارجن سڪايل جي "ادب ۽ اديب" ڪتاب جي هيوس جي شعر جو جائزو، هڪ عمدو نـاول ۾ شاهه جا ماڻهو وارن ليکن مان ۽ موتي جولرائي جي "خيال" ڪتاب جي "نثري پسند شاعر گوردن پارلي" ۽ "الهداس جو راماڻ" ليکن مان پڌرو آهي. هرچند اجهل ته "سنڌي شاعري جا ٥٠ سال" ڪتاب ۾ نثري پسندي

جي ڪسوٽيءَ تي ڪسي پرسرام ضيا کي "سنڌيءَ جو پهريون صحيح روپ ۾ ترقي پسند شاعر" سڏڻ آهي ۽ بيوس ۽ نياز سان ٻنهي کي اول درجو ڏيڻو آهي.

اڄڪلهه ٻنهي نتيجن ۾ صحيح ڪوٺجي، ڇو ته ضيا ورهاڱي بعد نئين اصليت پسائي، جڏهن بيوس پنهنجو وارو وڄائي هليو ويو هو ۽ نياز ته هن لاءِ استاد وانگر هو. ان ڪري ڀيٽ ٺيڪ ناهي. ضيا کي پهريون ترقي پسند شاعر سڏڻ جو نتيجو ان آڌار تي ٻڌل آهي ته بيوس ۽ نياز وانگر ضيا جو نظريو آدرشوادي نه هو ۽ روايتي، ڪلاسيڪي ۽ ڀڳتيءَ وارا غزليه گلزار جهڙن وارا شعر نه لکيا اٿس. پر آدرشوادي ۽ روايتي نظريو بيوس ۽ نياز وانگر ضيا جو به هو جو "آلاپ ضيا" ڪتاب ۾ نمودار آهي، جنهن سان نئين اڄڪلهه پنهنجي پرک جي واريءَ جو مثال آڻڻو آهي. ضيا جي شعرن ۾ به نوجوان ترقي پسند شاعرن وارو پرچار آهي جو "اسٽالن" "ايشيائي ليکڪ ڪانفرنس" "مزدور اتفاق" "امن قافلا" وغيره شعرن مان آهي.

حقيقت ۾ ترقي پسند شاعرن نئين سنڌي شاعريءَ کي ان آدرشوادي ۽ روايتي نظريي کان نجات وٺي ڏني، جنهن جا بيوس، نياز ۽ ضيا به شڪار هئا، پر نئين ايهور وادي شعرن کان سواءِ حقيقت نگاري، انسانيت ۽ ترقي پسنديءَ وارا شعر به ڏنا آهن. ڪن تازا، ڪن

گهڻا. پر شروعات ڪرڻ ڪري ٻوس ٻاهي لکيو. ان ڪري تنهن جو درجو ۽ ڏاڍي ٻڌنجي آهي، جا وڌڻ جي لائق آهي. غلط لفظن جي باوجود، اُجهل جي تنقيدي قوت آجيان لائق آهي.

جڳديش لچاڻي ٻي پهرئين سنڌي شعر، ڪهاڻي، ناول، ناٽڪ، ايڪانڪي ۽ تنقيد جي مختصر اوسر تي مڪمل ڪتاب "سنڌي ادب جي روپ ريکا" (١٩٦٦) لکيو جيڪو داد لائق آهي. هن پوءِ ادب جي اصولن عملي آلوچنا تي ڪتاب لکيو "اصول ۽ آلوچنا" (١٩٧٣) هن تي ترقي پسند تنقيد جو اثر ظاهر آهي. جيئن هن ترقي پسند نقادن جا رايا ۽ حوالا ڏنا آهن ته هن جي ذهن ۾ قبولي آهي، "سنڌي تنقيد" واري مضمون ۾ لکي ٿو، "سنڌيءَ ۾ گوبند مالهي، ايم ۽ ڪيرت ٻاٻاڻي .... مارڪسوادي يا پرگتيوادي (ترقي پسند) آلوچنا....... جا نقاد آهن" ۽ "ورهاڱي بعد جن نوجوان ترقي پسند اديبن سنڌي تنقيد تي گهڻي ۾ گهڻا احسان ڪيا آهن انهن ۾ مکيه هي آهن."

ڪٿي ڪٿي تضادن هوندي به جڳديش جو نظريو لڳي ٿو "ادب برائي زندگي" وارو آهي. "اصول ۽ آلوچنا" ۾ اصول واري حصي جو ٻئو، پالهندي لکي ٿو، "مان سمجهان ٿو ته انسان هڪ سماجڪ پراڻي آهي ۽ ڪلا هڪ سماجڪ ڪريا. ان ڪري ليکڪ کي هميشه

اهڙو ماڻهو (ڏاهو) ڳولهڻ گهرجي جيڪو ٻالڪن کي وڌ ۾ وڌ متاثر ڪري سگهي. انهن ان جهان کي هو ٻالڪ لکي ۽ ٻالڪ سمجهي يا ٻالڪ ئي سمجهي."

جڳديش کهاڻي نوڙي اکهاڻي جي ليکڪ لاءِ اهو ٻڌائڻ ضروري ٿو سمجهي ته "ان جي ساهت جو جيون سان سنٻنڌ ئي نٿي."

ٻوليءَ هيرالنداڻيءَ ۽ عملي تنقيد تي چڱا ليک لکيا آهن ته ناول ۽ مضمون لوليءَ تي. اصولي تنقيدي ليک ڪم لکيا آهن. اهي سنڌس ڇپايل ڪتابن سنڌي ناول ۽ ناول لولي (١٩٦٦) سنڌي ساهتيه جي جهلڪ (١٩٦٦) چرن چٽڪن چست ۾ (١٩٧١) ٻولي منهنجي ماءُ (١٩٧٧) ۽ عزيز هڪ شخص ۽ عالم (١٩٧٨) ۾ ڏنل آهن. هنجو اظهار خاص ڪري ان اصولي تنقيدي ليکن ۾ "أدب ۽ ساڳي زندگي" جي ڪافي واضح آهي. اهو ڪن عملي تنقيدي ليکن ۾ روايتي نظريي جي وڌيڪ واضح آهي ته انهن ۾ ترقي پسندن جي اثر جي جهلڪ ملي ٿي.

"سنڌي ساهت جي جهلڪ" ۾ لکيتي "صرف ڪن ڳالهه ڳڻڻ ٿو رکن پروفيسر ملڪاڻي ۽ شري لعلچند امرڏنومل اڏواڻي کيتر ۾ پروفيسر رام پنجواڻي ڪلهوڙل کيتر ۾ سنڌي ۽ سنڌيت جي مشعال روشن رکي. انهن جي پٺيان زور هو ڪن چند نوجوان جو- ڪيرت، اتم

۽ ماڻهو جو، جي شمع جيان جلندا رهيا ۽ ٻين کي جلائيندا رهيا.... ٻهراڻ اديبن جي ٽولي جنهن صحيح معنيٰ ۾ تنقيد ڪرڻ جو سهرو ٻڌرائو سي اهي ٽي اديب هئا.“ ٻيوس ٽي تنقيد واري ليکڪ ۾ ٻوٽي هن نسي رشيا ۾ سماجوادي لهر جو اثر به ڏسڻو آهي ته ”ناول ۽ ناول نويسي“ ليکڪ ۾ هوءَ مدي خارج سرشتو بدلائڻ، خيالي چٽڻ ۽ ان بابت پنهنجو اظهار پيش ڪرڻ ناول نويسن لاءِ فرض ٿي سمجهي ته هر ڪهڙو انسان لاءِ ٻـ ڪا نه ڪا نقط نظر ۽ فيلسوفي ضروري ٿي سمجهي.

”ٻولي منهنجي ماءُ“ ۾ ”سنڌي ادب ۾ زال“ جي ليکڪ ۾ چوي ٿي ”جديد ادب جي لکڻي عام فهم آهي... جديد اديبن مان ڪي پنهنجي لکڻين ۾ مرد ۽ استري جو صرف ڪامي جيون (سيڪس) ٻسائين ٿا.“ ان ڪتاب ۾ ”سنڌي ساهت ۾ سنڌي زندگي“ ليکڪ ته سطحي آهي. شاهه لطيف بابت اُڏ ٻڙن ڪن ليکڪن ۾ ٻوٽي جو اظهار ڪن ٻين والڪر روايتي تصوف ۽ ويدانت وارو آهي.

”عزيز، شخص ۽ عالم“ ڪتاب ۾ سماجي تنقيد جا جزا ظاهر آهن. جنهن ٻوٽي، مرزا جي شخصيت، تعلم، تربيت ۽ ان وقت جي حالتن تي نظرثاني ـ ڪري ٿي، جيڪا ٿي هراي ڪتاب کي ڪجهه اهميت وارو بڻائي ٿي.

"ناول نويسي" ڪتاب ۾ ناول جا ڏال مثال ڏنل ليکڪ آهن، پر سنڌي ناول وارو حصو اڌورو ۽ غلط آهي. جيئن پهرين سالوچڪن ۾ چيو آهي. ان ۾ ٢٥، ٣٠ نالا آهي آهن جي سنڌي ناول ڏي ڪولهن. اها غلطي ان ڪري ڪئي اٿس جو اهي وارا ٣، ٤ سڄا صفحا سنڌ ۾ ڇپيل اسماعيل عرساڻي جي ڪتاب "سنڌي ڊراما ۽ ناول (١٩٥٥ ۾ ڇپيل) تان نقل ڪيل آهن. عجب ته اهو جو "چرن چٽڪن چمن ۾" پوپٽيءَ اهو ڪتاب ١-١-١٩٠٠ تي ڇپيل هئڻ جي دعويٰ ڪئي ۽ ان جو نالو ۽ غلط "ادبي اصول" لکيو آهي. ٻيو ان تاريخ تي ان جو وڏو ليکڪ اسماعيل عرساڻي ڄائو به ڪونه هو.

پاڪ ڪن صديءَ جي جهوني پروفيسر پوپٽي جي هيٺين ڏي جوابدار بيان بازي ۽ نقل بازي ڏکدائڪ آهي. وري ڪمال ته اهو جو ڪيرت ٻاٻاڻي جي ڪتاب "اوڪ ڊوڪ" جي مهاڳ ۾ پوپٽي ان ڪتاب تي الزام لڳي ته "سنڌيءَ جا گهڻا نقاد پڙهڻ کان سواءِ ڪتاب لکن ٿا، ڪن ان جي لکيل مضمون ۾ ذڪر ڪيل نالا ڪٽي دهرائيندا رهندا آهن."

موهن ڪلپنا "فنڪار ۽ فلسوف" [١٩٧٣] ڪتاب ۾ ڪري پسند ليکڪ سڄن آهوجا جي زندگي ۽ شخصيت ۽ مارڪسوادي نظريي تي روشني وڌي آهي. الپس

ادبي تنقيد گهٽ ۽ شخصي پسندي يا ناپسندي وڌيڪ آهي. ڪلپنا جو نظريو بہ، ترقي پسنديءَ جي واڌو آهي.

ديپچندر ٻلاٽـــيءَ جو ادبي أصولن ۽ آلوچنا تي ڪتاب "ادبي آلاپ" [١٩٧٨] ۾ بہ نظريو "أدب براءِ زندگي" وارو آهي، تہ هيري ٺڪر جي "قاضي قادن جو ڪـــلام" [١٩٧٨] ۾ تحقيقي ۽ تشريحي تنقيد جو نظريو روايتي آهي. هن جهوني ڪلام ڳولڻ ۽ سوڌڻ جو ساراهہ جوڳو ڪم ڪيو اٿس، جيتوڻيڪ ســـراج الحق هڪ پرک کوجنيڪ ۽ آلوچڪ قـــاضي قـــادن جي ان ڪـــلام جي اصليت تي شڪ ظاهر ڪيو آهي [پڙهو مهراڻ ١٩٧٩-٣]

ساڳئي سال ڏيال آشا "سنڌي سنت ڪاوِهہ وويچن" ۾ ١٠٠ سنتن ڪوين جو ذڪر ڪيو آهـــي، جن مـــان روحل، سامي ۽ دلپت ڪالسواءِ ٻيا سڀ هالوڪي زماني جا آهن. جهڙوڪ: ٽيوبس، عزيز، ضيا، خـــادم، گورڌن ڀارتي، دلگير، شيام، وفا، شاد، راهي، ارمل، سڪايل وغيره. اڄ جڏهن آڳاٽن سنتن سنت ڪوين کي بہ، اڄوڪي زماني جي نظر سان پرکيو ٿو وڃي، تڏهن ڏيال آشا وري هالوڪن ڪوين کي بہ سنتن جي دليا درشٽيءَ سان پرکڻ ٿو چاهي.

## جديد يا نئين تنقيد

جتي ڪن غير ترقي پسندن، ترقي پسند تنقيد جو اثر جهليو آهي، اتي ڪن نون ليکڪن وري ان جي مخالفت ڪئي آهي. اهڙيءَ جديد يا نئين آلوچنا جا پنج ڪتاب ڇپيل آهن. لعل پشپ جا [1] ڪهاڻي ڪلا جو وڪاس ۽ [2] درشٽي ۽ درسٽي [1972] هيرو شيوڪاڻي جو جديديت جو مفهوم ۽ سنڌي ڪهاڻي [1975] وشنو ڀاٽيا جو نئين ساهت جا سوال [1976] ۽ پرم ابيچنداڻيءَ جو ست سار [1980].

پهرين ليکڪ پنهنجي پهرين ڪتاب جي ڪَوَر اندر هي پائيورو ڏنو آهي: "مان دنيا ڀر جي ڪميٽيڊ لٽريچر کي ميونسپالٽين جي گاڏين ۾ ڀرائي ادب-ي شهرن ڳوٺن کان ٻاهر ڪڍائي، ٻاهر ٻارڻ جي فائدي ۾ آهيان.... ها، دنيا ڀر جي، منهنجا ترقي پسند دوست ته تمام نديا آهن."

هاڻي هيڙي پائيورچي انداز ۽ سئنيٽري انسپيڪٽري آلوچڪ جي آلوچنا ۾ ڪهڙي سنجيدگي ۽ صداقت، ادب ۽ اصول جي اميد رکي ڪا رازاي ڪجي؟

ساڳيءَ طرح هيري شيوڪاڻيءَ پنهنجي ڪتاب ۾ جديديت جي پس منظر ۾ ورهاڱي بعد جي سنڌي ڪهاڻيءَ کي خارج ڪيو آهي ۽ تعصبي ملان واري ٽرڙي مثال ڏئي اٿس ته "ترقي پسند دور جون سڀئي ڪهاڻيون...

مون کي ڪجهو ليون پاسن.» ان فتوي جي مخالفت
خود پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ به ڪئي آهي جنهن
جو هڪ جهونو راڳو هيري پنهنجي فتوي جي حمايت
۾ ڪتاب ۾ درج ڪيو هو. هن فتوي بعد هيري
شيوڪاڻيءَ مان ڪيئن هڪ پارڪر واري ٿي رهائي ۽
ڏيڍائي جي اميد رکي وڃائي ڪجي؟

وشنو ڀاٽيا "نئين ساهت جا سوال" ۾ سنڌيءَ جي
نون ساهتڪارن جو ساهت، زندگي ۽ عوام سان جو
سٻنڌ هئڻ گهرجي ان تي مختصر وڃائي ڪئي آهي.
هو ان راءِ جو آهي ته ليکڪ زندگيءَ سان ڪميٽيڊ آهي
۽ هو پبلڪ (عوام) کان ڪٽيل نه هجي. اجنبيت جي
اوڙڪ ۾ ايوس هئڻ جو فلسفو الڳي پاڳوادي آهي. بهتر
حالت لاءِ ڪشمڪش ضروري آهي. اسان کي سنڌي
ٻوليءَ لاءِ عربي لپيءَ جي حمايت ۽ ديونــاگري لپيءَ
جي مخالفت ڪرڻ گهرجي.

وشنو جو هي سوال اوڻ ليکڪن لاءِ ته للڪار آهي
"ڪميٽيڊ ساهت کي اسان پرچاري ۽ نعري باز چئي رد
ڪيو آهي ته پوءِ اسين ڪهڙن دائمي قدرن لاءِ
پڪي رهيا آهيون؟"

ظاهر آهي ته وشنوءَ ساهت ۾ اهي طرفدار آهيو پهرون
سمجهوتو پرستن ۽ مفاد پرستن کي اي للڪار ڪيو آهي،
۽ وشنو هٿن صاف ۽ آجهان لائق وڌاڻن سان ڳڻ هي

اڌارا ۽ الجهيل خيال به ڏنا آهن: [١] زندگي اڻ معقول
آهي. [٢] صحيح ۽ غلط، برائي ۽ ڀلائي جي چڪاس
اجائي آهي. [٣] انسانيت، ڪوڙن فلسفن ۽ واعدن
تي ٻڌل آهي. [٤] سڀ طاقتون شخص کي ختم ڪرڻ
جون سازشون ٿيون ڪن.

هاڻي ٻنهي قسمن جي ويچارن جو تضاد، وشدوه
جي ٻنهي آزمودي ۽ مغربي ملڪن جي پرچار جي
اثر جو نتيجو آهي. هر دنيا جي مغربي ملڪن کان
گهڻا سوشلسٽ ۽ وڪاس ڪندڙ ملڪ آهن. سوشلسٽ
ملڪن ۾ ماڻهوءَ لاءِ ڏ. زندگي معقول ٿي ري آهي. انهي
سماج ۾ پيداوار ۾ سڀ حصيدار آهن، ان ڪري اجنبيتو
ناهي. روٽي ۽ روزگار لاءِ اسانجي ليکڪن وانگر سمجهوتي
يا پاڪائي يا برائي ۽ ڀلائي ڏانهن اکيون ٻوٽڻ جي
ضرورت ڪانهي. چند ماڻهن جي جاگير کي ٻه جدا
ٻوليءَ، لپي، ساهت ۽ ڪلچر ۽ ذاتي جي آزادي آهي.
اتي نه ڪوڙا واعدا ۽ نه ڪوڙا فلسفا آهن. ان
جي تصديق جين پال سارتري به ڪئي هئي جو اتان ٿي
دنيا گهمي آيو هو. "جدليات" ڪتاب ۾ چوي ٿو،
"مارڪسواد" اڄ جوان آهي. انسان جي هڪ جي
فلسفي آهي.... ان کان ڪاٻه ڪوه ڪٽي نه سگهندي...."
انگليز جي اخبار آبزرور کي ملاقات ۾ چيائين ته "مان
ڪميونسٽ ناهيان، نه ئي جيسائين طرح پارٽي هتي سان

هڪ نؤ سمجهاڻ." فرينچ اخبار "لي موندي" کي ملاقات
۾ چيائين، "ليکڪ کي ٻه سؤ ڪروڙ پڪاين جي گهٽ ۾
جو طرفدار ٿيڻ گهرجي ۽ نه هو خون چوس ليکڪ." ان
ويچار ڪان ٿي سارتري "اڳسرڊنيم" وارن ليکڪن
بيڪيٽ ۽ گرليٽ تي اڪتفائي ڪئي آهي ۽ انهن
۾ هڪ هنڌ چيو اٿس، "اسان اڄڪلهه هستيواد بابت
ڳالهائڻ ئي ناپسند ٿو ڪريان."

ڪيئن ۽ انهن تضادن ۽ اوليءَ جي خامين جي
باوجود وشنوء جو ڪتاب نئين تنقيد جو بهترين
سنڌيو ۾ اهم ڪتاب آهي.

ترام ابتدائي "سٽ سار" ١١ مان ٦ ليکن ۾
ساهت ۽ آلوچنا جي ڪن اصولن جو تت ڏنو آهي.
"هستيواد" ليک ۾ سارتري جا مارڪسواد ۽ هستيواد
کي ملائڻ، ساهت جي روپ (فارم) کي اهم نه سمجهڻ
وغيره جا بدليل ويچار نه ڏيئي گمراهي پيدا ڪئي
آهي. ساهت، فارم ۽ تنقيد وارن ٽن ليکن ۾ ئي نئم
جي ويچارن جي جهلڪ ملي ٿي، جيڪي "ادب برائي
ادب" نظريي وارا آهن. ان نظريي جو سنڌي تنقيد ۾
ڪهڙو اثر ۽ اهميت آهي، جنهن هن مثالي مان
انداز معلوم ٿي سگهي ٿو.

هي نه رڳو تنقيدي ڪتابن جو جائزو آهي، پر جي
اخبارن ۽ مضمونن جي سرمايي تي ۽ سرسري ٿو نه هجي

تنقيد ڪيتري نه ترقي ڪئي نظر ٿي اچي.

## سنڌ ۾ تنقيد جي ترقي

جيئن هند ۾ تيئن سنڌ ۾ ورهاڱي بعد تنقيد ۾ ڪافي ترقي ٿي آهي ۽ اُتي به "ادب براءِ زندگي" جو نظريو غالب رهيو آهي. ان ترقيءَ جي هتي رڳو مختصر ۾ جهلڪ ٿي ڏجي جو سڄو تنقيدي سرمايو موجود ٿي ڪو نهي.

جيئن ڀارت ۾ پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ، تيئن سنڌ ۾ ورهاڱي بعد غلام محمد شاهواڻي اُصولي ۽ عملي تنقيد جي شروعات ڪئي. "شاهه جو رسالو" [١٩٥٠] تشريحي تنقيد وارو مهاڳ اٿس، جيتوڻيڪ نظريو روايتي اٿس. پر اهم ڳالهه اها آهي جو رسالي ۾ شاهه جا سڀ سر ۽ انهن جون سمجهاڻيون ڏنائين. پر "اُدبي اصول" (جو پروفيسر ملڪاڻي جي ساڳئي نالي واري ڪتاب کان قربل آهي) ۾ وري نظريو ادب براءِ زندگي جهڙو اٿس جيئن "ادب کي زندگي جو نقش" ٿو سمجهي ۽ ان ۾ صداقت ۽ ليکڪ جي زندگيءَ بابت فقط اڳاهه هئڻ ضروري ٿو سمجهي. اهڙي نظريي سان محمد اسماعيل عرساڻيءَ "سنڌي ڊراما ۽ ناول" اهڙو ڪتاب ١٩٥٥ ۾ ڪيو.

سنڌ ۾ نه عملي تنقيد جو مڪمل پهريون ڪتاب پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ جي "شاهه" وانگر ساڻين جي. ايم. سيد جو "پيغام لطيف" نالي ١٩٥٣ ۾ لکيو،

ان ڏس ۾ طالب المولیٰ جو "ڪافي" [١٩٦٢]
هڪ اهم تنقيدي ڪتاب آهي جنهن ۾ سنڌي تهذيب
۽ تاريخ جي پس منظر ۾ شاهه ۽ ڪافيءَ کان اڳ وارن شاعرن
جي ڪلام جي سلسلي ۾ "ڪافي" صنف جي اهميت
۽ بنياد وغيره جي ڇنڊڇاڻ ڪري انهيءَ کي ديسي
شاعريءَ جي اعليٰ صنف ثابت ڪيو ويو آهي.

هن سان گڏ جيئن هند ۾ سنڌي ساهت منڊل ۽
نئين دنيا، مخزن معرفت ترقي پسند ليکڪن جي وڌيل
زوردار اثر جو ورود ٿيو جيئن سنڌ ۾ مهراڻ ۽ روح رهاڻ
مخزن ۽ سنڌي ساهت سنگت ذريعي ترقي پسند اديبن
جي وڌندڙ اثر جو ورود ٿيو جو شخصي سطح تي وڃي
پهتو. انهيءَ جهلڪ عبدالمجيد ميمڻ جي "ماڪ، موتي،
لال" [١٩٦٢] ۽ عبدالڪريم لغاريءَ جي "شاهه ۽ فرائيڊ"
[١٩٦٣] مان ملي ٿي. هن ان ۽ ابراهيم خليل گڏجي
ترقي پسندن خلاف اخباري ڪالمن جو خوب زبان
ڪيو. جيڪو هي ٻئي جون ١٩٦٤ ۾ سنڌ جي سڄي
وقت پهچڻ اکين ڏسي آيو هو.

ان شخصي تنقيد جو جواب ادبي تنقيد رستي
اخبارن ۽ ڪتابن ۾ ڏنو ويو. ان ڏس ۾ غلام محمد
گراميءَ جو ٽماهي مهراڻ [١٩٦٤] جي ٢٧٢ صفحن جو
شاهڪار مقالو "مشرقي شاعريءَ جا قدر ۽ لاڙا"
ابن حيات پنهور جو ڪتاب "ادب ۽ اديب" [١٩٦٦]
۽ رسول بخش پليجي جو اعليٰ ڪتاب "انڌا اونڌا

ويچ" [١٩٦٧] سندائين اسان وهندا، جن ترقي پسند
تنقيد کي نه اوج ڏني آهي. ٻيو ان ڪتاب پڙهڻ جهڙي
انوکي طرزِ تحرير سبب نهايت دلچسپ آهي، جيئن
ڏيپلائي صاحب جو "شيخ اَل شائخ" ڪتاب آهي.

ان وچ احسان بدوي جي اصولي ۽ عملي تنقيد
وارو ڪتاب "تنقيد ۽ تنقيد نگاري" [١٩٥٩] ۽ شمس
الدين عرساڻي جو "سنڌي ادب ۾ تنقيد" [١٩٦٦] ۽
عبدالرزاق جو "تنقيد ۽ تجزيو" [١٩٦٦] نه نڪتا جن
جو نظريو ادب برائي زندگي وارو آهي.

ترقي پسند شاعر ۽ نقاد تنوير عباسي "شاهه
لطيف جي شاعري" [١٩٧٦!] سان لطيفي تنقيد کي ترقي
بخشي آهي. هي ڪتاب لڳ ڀڳ سائين جي. ايم. سيد
جي "پيغام لطيف" وانگر ئي يگانو آهي. ان ۾ اڄڪلهه
جي تنقيد سان شاهه کي پرکيو ويو آهي. "عوامي
شاعري" واري باب ۾ نه مارڪسوادي نگاهه کان نه ڪم
ورتل آهي ۽ چيل آهي ته شاهه دنيا جو پهريون شاعر آهي
جنهن عام ماڻهو ۽ انجي روزاني زندگي جو چٽر چٽيو.

حقيقت ۾ شاهه تي مارڪسوادي نگاهه کان مڪمل
ڪتاب جي ضرورت آهي، جيتوڻيڪ ان نگاهه کان
اڳ اڪثر ليک گهڻو اڳي نه چيل آهن. *

---

* اڳهو الحسن دليا - اومبر ١٩٥٩ ۾ هن ليکڪ جو شاهه
لطيف تي مقالو.

تنوير واڳو ترقي پسند ادب ۽ هلچل جي باري ۾
نقاد ابراهيم جويو وري "شاهه، سچل، سامي" (۱۹۷۸) ۾
تنهن جي دور جي سماجي، تاريخي، سياسي، مذهبي ۽
تهذيبي حالتن جو جائزو ورتو آهي. ڪلاسيڪل شاعرن
جي تنقيد ۾ هي هڪ اهم ڪتاب آهي.

اهڙو ئي ڪتاب عبدالرزاق راز جو "سنڌي غزل
جو تجزيو" (۱۹۷۹) آهي، ان ۾ سنڌي غزل جي اوسر
۽ گل ڪان ۱۰۰ سالن جي ۱۵ غزل گو شاعرن جي ڪلام
۽ فن جي اوک ڊوک آهي. نقاد جو نظريو ادب براءِ
زندگيءَ وارو آهي ۽ ڪٿي ڪٿي ترقي پسند شاعريءَ
کي ٻ. واڪاڻيو اٿس.

سنڌ ۾ تازو جيڪي ڪتاب لکيا آهن سي آهن:
ممتاز مهر جو "واڌارو"، شاعر خاڪي جويو جو "سنڌي
گيت" تي مقالو ۽ الله داد ٻوهيو جو "تنقيدون" ڪتاب.
تنهن ۾ اصولي نوڙي عملي تنقيد ڏنل آهي ۽ نظريو
به "ادب براءِ زندگي" اٿن.

البت ٻوهيي صاحب جي نئين تنقيد واري رخ ۾
جتي اصليت ۽ قابليت آهي، اتي مارڪسوادي تنقيد
بابت رخ ۾ ڪٿي ڪن مغربي عالمن جا اُچل بهتان
دهرائي قابليت ۽ جهالت جي جهلڪ ٻ ڏني آهي. جيئن
ممتاز مهر وري ابن عباسيءَ جي اُڪ ڪهاڻين کي
پرچاري سڏيندي ۽ "ڊاڪٽر ژواگو" جهڙي ناول لاءِ

ايهال ليکڪن ٻوليءَ ڀسنديءَ کان ٻرڪي ويو آهي.

هند ۽ سنڌ جي سنڌي تنقيد جي جائزي مان اها ڳالهه
ٻڌي جو ثبوت ملي ٿو ته جدا جدا نظرين ۽ اصولن جو
اثر نه نظر اچي ٿو. ٻنهي هنڌ ڪجهه فرق نه آهي.
ٻنهي هنڌ ادب براءِ زندگيءَ جي نظريي غالب هئڻ
سان گڏ روايتي نظريو به موجود آهي. سنڌ ۾ "ادب براءِ
ادب" سان گڏ "ادب براءِ اخلاق" نظريو به آهي. ان
ڪري اتي هند وارن نئين تنقيد جو اچا پاروڻن ۾
آهي. سنڌ ۾ وري اصولي تنقيد هند کان وڌيڪ ٿي
آهي. ٻنهي هنڌ اطلاقي تنقيد سان گڏ اظهاري تنقيد
به آهي، جنهن جو اثر ادب ۽ ادبي ماحول تي به ٿيو
آهي. ان جي جهلڪ تنقيدي ڪتابن کان وڌيڪ اخبارن
۽ مخزنن مان ملي ٿي، جن ۾ جهجهو ئي تنقيدي سرمايو
سمايل آهي.

# اي. جي. اتم جا ٻيا ڪتاب

١. ڪشمڪش [سنڌي ڪهاڻيون]
٢. سنڌي ساهت [تنقيد ۽ تحقيق]
٣. ساهت ۽ ساهتڪار [" "]
٤. ٽئگور - هڪ جهلڪ [" "]
٥. رت روس دوستي [انعامي ۽ کوجنائتي ڪتاب]
٦. ڀارت جو دوست لينن [" "]
٧. مهاتما ۽ لينن [ٻه اعليٰ شخصيتون ۽ ويچار]
٨. سوويت سرڳ [سنڌي ۾ روس بابت پهريون ڪتاب]
٩. شاهه، سچل ۽ سامي [مرتب ڪيل تنقيدي مجموعو]
١٠. روپ ۽ ڪلا [" ناٽڪن جو مجموعو]
١١. ناچو [" " "]
١٢. پيارون ٻالڪون [" وشو جون ڪهاڻيون]
١٣. جئه هندڪلا جئه سنڌي [" رچنائون]
١٤. پيار ۽ واسنا [ليو ٽالسٽاءِ جو ناول]
١٥. انسان جو [شولوخوف "]

## نوان ڇپجندڙ ڪتاب

١. سنڌي ڪهاڻين جو مجموعو، ٢. سنڌي ساهت جو
٣. سنڌ جو سفر نامو، ٤. رشيا جي ياترا